مخدوم نوح سرور رحه
جا سهيوڳي



پروفيسر محبوب علي چنا، سيوهاڻي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ.

۱۴۱۱ھ/۱۹۹۱ع

نہ سي جوڳي جوءِ ۾، نہ سا سُڪي ڇاتَ،
ڪاپڙين ڪنواتَ، وڏيءَ ويل پلاٽيا.
(مخدوم نوح رحہ)

مخدوم نوح سرور رحہ
جا سھيوڳي

پروفيسر محبوب علي چنا، سيوھاڻي

١٤١١ھ/١٩٩١ع
سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ.

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

چاپو پهريون ١٩٩١ع
نالو مخدوم نوح سرور رحہ جا سهيوڳي
مصنف پروفيسر محبوب علي چنا
موضوع تحقيقي ۽ تاريخي مقالو
تعداد هڪ هزار
ڪمپوز ثمينہ ميمڻ ۽ نجمہ پنهور
ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ
قيمت: ٦٠-٠٠ روپيہ

●

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر رستم علي سولنگيءَ ڇپيو ۽ عبدالغفار صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

ناشر طرفان عبدالغفار صديقي ج
رتيءِ رهاڻ پروفيسر محبوب علي چنا چ
* مخدوم نوح سرور رح جا اوائلي معاصر ١ـ١٨
١ـ شيخ پرکيو کاتيار رح ۴
٢ـ درويش نوح کيبرائي رح ۵
٣ـ مخدوم عربي ڏياڻو رح ٩
۴ـ شاهه ديوانو هالائي رح ٩
۵ـ مخدوم عبدالرشيد هالائي رح ١٠
٦ـ مخدوم محمد اسحاق پٽي ١٠
٧،٨ـ مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد رح ١٠
٩ـ درويش ذکريا رح ١١
١٠ـ شيخ ابوبکر رح ١١
١١ـ درويش رکن پرا رح ١١
١٢ـ مخدوم مولانا ابوبکر بن دائود بربد هالائي رح ١١
١٣ـ سيد عبداللطيف حسيني رح ١١
١۴ـ مخدوم صدرالدين راهوتي رح ١٢
١۵ـ مخدوم بلاول ٽلٽيءَ وارو رح ١٢
١٦ـ درويش پنيو ناريجو رح ١٣
١٧ـ درويش هالو سهتو رح ١٣
١٨ـ درويش علاؤالدين ٻگهيو رح ١٣
١٩ـ قاضي صدّو ابن حماد رح ١٣
٢٠ـ مخدوم جعفر بوبکائي رح ١٣
٢١ـ درويش چرکس رح ١۴
٢٢ـ مخدوم صدو لانگاهه رح ١۵

٢٣ـ	مخدوم صدرالدين راهوتي رح	١٥
٢٤ـ	شيخ پريو ويرداس رح	١٥
٢٥ـ	حاجي ويسر رح	١٥
٢٦ـ	مخدوم ملا آري سونڊوي رح	١٦
٢٧ـ	سيد محمد حسيني المعروف سيد مراد انجوي ٺٽوي رح	١٦
٢٨,٢٩ـ	سيد احمد ۽ سيد محمد مشهدي رح	١٦
٣٠ـ	شيخ طلحو رح	١٦
٣١ـ	پير ڪريم رح	١٦
	* بکر سرڪار جا بزرگ	١٨ـ٣٠
١ـ	مير ابوالبقا	١٨
٢ـ	شاه قطب الدين	١٨
٣ـ	شاه جهانگير هاشمي	١٨
٤ـ	قاضي قاضن	١٩
٥ـ	قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم	٢٠
٦ـ	شيخ عبدالله متقي بن مولانا سعد سنڌي درپيلوي	٢١
٧ـ	مولانا يونس سمرقندي	٢١
٨ـ	مولانا يوسف	٢١
٩ـ	سيد تاج الدين بکري	٢١
١٠ـ	مولانا فخري هروي	٢١
١١ـ	مير سيد صفائي بن سيد مرتضيٰ الحسيني الترمذي	٢١
١٢ـ	شاه حسين تڪدري	٢٢
١٣ـ	مير شاه مسعود صدر	٢٢
١٤ـ	مير قاسم خان نمڪين هروي	٢٣
١٥ـ	امير غياث الدين رضائي سبزواري	٢٥
١٦ـ	مولانا عبدالخالق گيلاني	٢٦

١٧ـ	شيخ رڪن الدين مير غورماني	٢٧
١٨ـ	قاضي دائود	٢٧
١٩ـ	مولانا عبدالله مفتي	٢٧
٢٠ـ	مير يونس محمد ارغون	٢٨
٢١ـ	مولانا يارمحمد عرف مولانا ياري	٢٨
٢٢ـ	مولانا ابراهيم ولد مولانا جمال الدين مفتي	٢٨
٢٣ـ	مولانا قاسم ديوان	٢٨
٢٤ـ	ملا اسحاق بکري	٢٨
٢٥ـ	ميرڪ بايزيد	٢٨
٢٦ـ	مخدوم اسدالله بن مخدوم احمد	٣٠
٢٧ـ	مخدوم محمد عثمان دربيلائي	٣٠
	* سيوستان سرڪار ۽ دشت باران جا بزرگ	٣٠ـ٣٧
١ـ	قاضي ڏتو	٣٠
٢ـ	شيخ خضر سيوستاني	٣١
٣ـ	شيخ مير محمد عرف ميان مير	٣١
٤ـ	سيد مير ڪلان	٣٢
٥،٦ـ	ملا دائود سيوستاني ۽ ملا نورالحق مشتاقي	٣٢
٧ـ	حيدر هروي	٣٣
٨ـ	مخدوم عباس هنگورجائي	٣٣
٩ـ	مخدوم محمود فخر پوٽو ڪاهاني	٣٤
١٠ـ	مخدوم عبدالعزيز محدث ابهري	٣٤
١١ـ	سيد حيدر سنائي	٣٤
١٢ـ	شيخ مبارڪ ريلي سيوستاني	٣٥
١٣ـ	مخدوم نجيم	٣٦
١٤ـ	درويش رڪن الدين ولد ڏتو	٣٦
١٥ـ	شيخ هوتي لاڪو	٣٦

١٦ـ	هارون مگريو	٣٧
١٧ـ	شيخ ڪتين لاکو	٣٧
	* سرڪار نصرپور جا مشائخ	٣٧ـ٤٣
١ـ	مخدوم مراد راهوتي	٣٨
٢ـ	درويش حسن مقري	٣٨
٣ـ	مخدوم ساهڙ لنجار انڙ پوري	٣٩
٤ـ	شيخ فاضل شاهه قريشي بڪيرائي	٣٩
٥ـ	مخدوم اسماعيل سومرو اگهم ڪوٽي	٤٠
٦ـ	مخدوم صدّو موهيو	٤٠
٧ـ	مخدوم عثمان	٤٠
٨،٩ـ	درويش دائود ۽ ميان همون	٤٠
١٠ـ	سيد للو متعلوي	٤١
١١ـ	سيد رڪن الدين	٤١
١٢ـ	درويش حسين سهار	٤١
١٣ـ	درويش پنيو سهار	٤١
١٤ـ	شيخ ابراهيم ريحاني	٤١
١٥ـ	درويش ونهيون چانيهو	٤٢
١٦ـ	درويش لدّو	٤٢
١٧ـ	مولانا عباسي	٤٢
١٨ـ	شيخ سدّو نهڙيو	٤٢
١٩ـ	مرزا شاهه حسن	٤٢
	* سرڪار چاچڪان جا بزرگ	٤٣ـ٤٥
١ـ	درويش حاجي سوڏو جوڻي	٤٣
٢ـ	درويش موسيٰ جوڻي	٤٣
٣ـ	مخدوم عبدالحميد بن مخدوم نورنگ سومرو	٤٣
٤ـ	مخدوم الياس	٤٤

٥۔ مخدوم طوغاچي ۴۴
٦۔ مخدوم صالح ۴۴
۷۔ حافظ دائود بدينوي ۴۴
٨۔ شيخ موسىٰ بن مغل چاچڪ ۴۵
* سرڪار چڪر هاله جا بزرگ ۴۵
١۔ شيخ ريڪن ۴۵
٢۔ درويش راڄو ستيو دل ۴۵
٣۔ مخدوم يعقوب پليجو ۴۵
* سرڪار ٺٽي جا مشائخ ۴۵۔٦٠
١۔ درويش احمد رونجهو اپلاڻي ۴۵
٢۔ قاضي حسن ۴۵
٣۔ درويش جوڻو ۴۵
۴۔ مولانا ضياءالدين راهوتي ۴٦
٥۔ شيخ عبداللطيف راهوتي ۴٦
٦۔ مير ڪمال الله مهدوي ۴٦
۷۔ سيد محمد ۴٦
٨۔ درويش صالح ۴٦
٩۔ مخدوم ملابايزيد ملا آري لاڪو سونڊوي ۴٦
١٠، ١١۔ سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق مشهدي ۴۷
١٢۔ قاضي سيد شڪرالله شيرازي ۽ سندس اولاد ۴۷
١٣، ١۴۔ سيد ڪمال ۽ سيد جمال ۴٨
١٥۔ سيد بدرالدين مازدراني ۴٨
١٦۔ ميرڪ شيخ محمود ۽ انجا متعلق ۴٩
١۷۔ مير غروري ڪاشاني ٥١
١٨، ١٩۔ سيد عبدالرزاق ۽ سيد يوسف بڪري ٥٢
٢٠۔ سيد محمود بخاري ٥٣

٢٢،٢١۔ سيد محمد حسن استرآبادي ۽ طاهر محمد سنياسي	٥٣
٢٣۔ خواجہ مير ڪماالدين ۽ سندس اولاد	٥٤
٢٤۔ مير محمد حسين ۽ ان جو اولاد	٥٤
٢٥۔ پير شيخ عالي ۽ سندس اولاد	٥٤
٢٦۔ شيخ ڪالو قريشي ۽ سندس اولاد	٥٤
٢٧۔ قاضي نعمت الله ثاني بن قاضي سائينڏنو	٥٥
٢٨۔ قاضي محمود علام	٥٥
٢٩۔ قاضي وجہ الدين	٥٥
٣٠۔ قاضي شيخ محمد اُچوي	٥٦
٣١۔ مخدوم رڪن الدين مخدوم متو	٥٦
٣٢۔ مخدوم ميران بن مولانا يعقوب	٥٦
٣٣۔ مولانا عبدالرحمان	٥٧
٣٤۔ مولانا ڪريم الدين	٥٧
٣٥۔ مخدوم فضل الله	٥٧
٣٦۔ مخدوم فيروز	٥٧
٣٧۔ مولانا يوسف	٥٧
٣٨۔ قاضي محمد قاسم	٥٧
٣٩۔ مُلا احمد	٥٨
٤٠۔ مخدوم فيض الله	٥٨
٤١۔ مخدوم اسحاق	٥٨
٤٢۔ ملا شيخ اسحاق اربعائي	٥٨
٤٣۔ ملا محمود راهوتي	٥٩
٤٤۔ شاهہ ابوالقاسم هراتي	٥٩
٤٥۔ داروغہ گُهَر	٥٩
٤٦۔ حافظ رشيد خوشنويس	٥٩

۴۷۔	سید حسن خوشنویس	٦٠
۴۸۔	سید رحمت اللہ	٦٠
	* شعراءِ کرام	٦٠۔۷۹
۴۹۔	محمد مقیم بن محمد قاسم "منشي"	٦٠
۵۰۔	"مقیم"	٦٠
۵۱۔۵۲	ملا "سلامي" ۽ ملا عبدالحکیم	٦٠
۵۳۔	میر سید محمد "آمي"	٦١
۵۴۔	"ادارکي" بیگلاري	٦١
۵۵۔	شیخ عبیداللہ "آهي"	٦٢
۵٦۔	علي قلي بیگ "امیدي"	٦٢
۵۷۔	میر علي رضا مشهدي "آگاھ"	٦٢
۵۸۔	محمد "انوار" قنڌاري	٦٢
۵۹۔	محمد اول گجراتي	٦٣
٦٠۔	قاضي احمد "غفاري" قزویني	٦٣
٦١۔	احمد مکراني	٦٣
٦٢۔	حسن قلي خان ابهت	٦۴
٦٣۔	احمد علي مازندراني	٦۴
٦۴۔	اکبر بادشاھ	٦۴
٦۵۔	الهداد	٦۴
٦٦۔	آخوند ملا اسحاق بکري	٦۵
٦۷۔	بابر بادشاھ	٦۵
٦۸۔	مرزا محمد باقي بن مرزا عیسیٰ ترخان	٦۵
٦۹۔	بیرم خان	٦٦
۷۰۔	مرزا پائینده بیگ بن مرزا محمد باقي ترخان	٦٦
۷۱۔	مرزا جاني بیگ بن مرزا پائینده بیگ ترخان	٦٦

۷۲۔ مولانا محمد حسين المشهور ملا جانباز ولد ملا
سزوري بن ملا حسين ٺٽوي ٦٨
۷۳۔ مخدوم حامد ٺٽوي ٦٨
۷۴،۷۵۔ خان اعظم مرزا عزيز ڪوڪه بن شمس الدين محمد
خان اعظم اتڪه اڪبري ۽ ياٽس محمد يوسف ٦٨
۷٦۔ خنجر بيگ ارغون ٦٨
۷۷۔ ملا جلال "داعي" ٦۹
۷۸۔ محمد رضا "دانش" بڪري ٦۹
۷۹۔ خسرو خان چرڪس ٦۹
۸۰۔ عبدالله راجي ۷۰
۸۱۔ ملا عبدالعلي "رافت" ٺٽوي ۷۰
۸۲۔ مرزا عبدالرحيم خانخانان "رحيم" ۷۱
۸۳۔ محمد شريف "شاهد" ۷۱
۸۴۔ محمد شريف ٺٽوي ۷۱
۸۵۔ ملا محمد رضا "شڪيبي" اصفهاني ۷۲
۸٦۔ مرزا صالح بن مرزا عيسيٰ ترخان ۷۲
۸۷۔ امير طاهر "صدر" ۷۲
۸۸۔ احمد "طباخ" ۷۳
۸۹۔ سيد عبدالقادر حسيني ۷۳
۹۰۔ علي بيگ جلائر ۷۳
۹۱۔ علي خان ۷۳
۹۲،۹۳۔ "علمي" ۽ "ڪلامي" لاري ۷۳
۹۴۔ غضنفر بيگ ۷۴
۹۵۔ غلام حسين گجراتي ۷۴
۹٦۔ مير غلام علي ولد مير محمد محسن ۷۴
۹۷۔ ملا ابوالفتح "فتحي" ۷۵
۹۸۔ فيروزه ۷۵

٩٩۔ امير شاهہ قاسم بيگلار بن ايرڪ بيگ بن چوچڪ بيگ ٧٥
١٠٠۔ ابوالقاسم خان زمان بن امير شاهہ قاسم بيگلار ٧٥
١٠١۔ مير ابوالقاسم سلطان المتخلص بيگلار بن خان زمان ٧٦
١٠٢۔ مقيم سلطان بن خان زمان ٧٦
١٠٣۔ مرزا ڪامران بن بابر بادشاهہ ٧٦
١٠٤۔ سيد نجم الدين محمد ابوالقاسم "ڪاهي" ٧٧
١٠٥۔ مرزا لال بيگ ٧٨
١٠٦۔ محرم ڪوڪہ ٧٨
١٠٧۔ مراد ڪوڪہ ٧٨
١٠٨۔ مُعتصم ٧٨
١٠٩۔ سيد نيازي ٧٩
١١٠۔ همايون بادشاهہ ٧٩
* ٺٽي جا بزرگ ٧٩۔٨١
١١١۔ مولانا مصلح الدين لاري ٧٩
١١٢۔ قاضي ڪاشاني ٨٠
١١٣۔ مير محمود پوراني ٨٠
١١٤۔ سيد شاهہ منبن ٨٠
١١٥۔ پير بدر ٨١
١١٦۔ پير عباسي ٨١
١١٧۔ پير شاهي ٨١
١١٨۔ شاهہ مسڪين ٨١
١١٩۔ پير دادن ٨١
* مڪليءَ جا مٽيا ٨١۔٩٠
١٢٠۔ شيخ جيئو ٨١
١٢١۔ شيخ حسين سومرو ٨٢

۱۲۲۔ درس پنيو	۸۲
۱۲۳۔ مخدوم جمعو	۸۲
۱۲۴۔ درويش آجر	۸۲
۱۲۵۔ سيد شاهہ عبدالله حسيني	۸۳
۱۲۶۔ درويش پرکيو لنگ	۸۳
۱۲۷۔ درويش سيد حليم	۸۴
۱۲۸۔ درس علاؤالدين سومرو	۸۴
۱۲۹۔ شيخ عبدالوهاب	۸۴
۱۳۰۔ راڻو عبيد	۸۴
۱۳۱۔ حضرت شيخ حسين صفائي	۸۴
۱۳۲۔ پير صلاح الدين	۸۵
۱۳۳۔ مخدوم بلال	۸۵
۱۳۴۔ سيد عبدالقدوس	۸۵
۱۳۵۔ ميان لال	۸۵
۱۳۶۔ شيخ فريد	۸۵
۱۳۷۔ شيخ حسن	۸۵
۱۳۸۔ سيد ابراهيم	۸۶
۱۳۹۔ شيخ موسيٰ لانگاهہ	۸۶
۱۴۰۔ سيد ابراهيم	۸۶
۱۴۱۔ پير ڪتوريو	۸۶
۱۴۲۔ سيد ابابڪر	۸۶
۱۴۳۔ پير غيب	۸۶
۱۴۴۔ بيبي راڻي	۸۷
۱۴۵۔ شاهہ ڏنو	۸۷
۱۴۶۔ شيخ حاجي بهاؤالدين	۸۷
۱۴۷۔ پير بابو	۸۷
۱۴۸۔ سيد احمد بخاري	۸۸

۱۴۹ـ	مسڪين ترخان	۸۸
۱۵۰ـ	فرخ ارغون	۸۸
۱۵۱ـ	مير عليڪ ارغون	۸۸
۱۵۲ـ	ملا بهبود	۸۸
۱۵۳ـ	قاضي خميسو	۸۸
۱۵۴ـ	خواجہ خليل	۸۹
۱۵۵ـ	ملا محمد علي	۸۹
۱۵٦ـ	ملا گدا علي يائيخان	۸۹
۱۵۷ـ	محمد امان ترخان	۸۹
۱۵۸ـ	امير بيگ ارغون	۸۹
۱۵۹ـ	مير احمد بيگ مزنگ	۸۹
۱٦۰ـ	مخدوم يوسف طيونہ (تنيو)	۹۰
	* پرديسي پرين	۹۰ـ۹۹
۱ـ	ميان عبدالرشيد	۹۰
۲،۳ـ	شيخ قاسم ۽ سندس فرزند شيخ جندالله پاتائي	۹۰
۴ـ	شيخ طاهر محدث، مسيح الاولياءَ جو چاچو	۹۲
۵،٦ـ	شيخ معروف ۽ شيخ عثمان	۹۳
۷ـ	مولانا يونس لاڪو	۹۳
۸ـ	ميان وجيو سنڌي	۹۳
۹ـ	شيخ طيب	۹۴
۱۰ـ	شيخ ابراهيم ڪلهوڙو	۹۴
۱۱ـ	شيخ وهيون سنڌي	۹۴
۱۲ـ	قاضي عبدالسلام سنڌي	۹۵
۱۳ـ	حضرت شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي	۹۵
۱۴ـ	حضرت مولانا شيخ مبارڪ سنڌي	۹۵
۱۵ـ	حضرت مولانا شيخ موسيٰ بوبڪائي	۹٦

١٦ـ	حضرت شيخ ابراهيم قاري شطاري سنڌي	٩٦
١٧ـ	حضرت سيد ابراهيم بکري	٩٦
١٨ـ	حضرت شيخ لاد جيو سنڌي	٩٧
١٩ـ	حڪيم عثمان بوبڪائي	٩٧
٢٠ـ	حضرت شيخ اسحاق قلندر سنڌي	٩٨
٢١ـ	مولانا شيخ صالح سنڌي	٩٨
٢٢ـ	حضرت شيخ بابو سنڌي	٩٩
٢٣ـ	تاج العاشقين شيخ محمد ابن شيخ عبدالله سنڌي	٩٩
	* مخدوم نوح رحه جا معتقد ۽ مريد معتقد	٩٩ـ١١٢
١ـ	شاهه خيرالدين بغدادي ثم سڪري	١٠١
٢ـ	سيد عبدالڪريم بلڙيءِ وارو	١٠٢
	* ڪريمي فقراءَ	١٠٣ـ١٠٥
١ـ	درويش مهرار نهڙيو	١٠٣
٢ـ	درويش احمد	١٠٣
٣،٤ـ	ميان عبدالله ۽ درويش هارون	١٠٣
٥ـ	درويش الهڏتو لوهر	١٠٣
٦ـ	درويش الهڏنو زرگر	١٠٣
٧،٨ـ	سيد قاسم مشهدي ۽ سيد جعفر بکري	١٠٥
٩ـ	قاضي منور بن مخدوم مراد بن مخدوم صدرالدين راهوتي	١٠٥
	* سروري ٽوڙ (مرادوند مريد)	١٠٥ـ١١٢
١ـ	سيد علي شيرازي ثاني انجوي	١٠٦
٢ـ	درويش قاسم جولاهه	١٠٧
٣ـ	ميرڻ ڪاتيار	١٠٧
٤ـ	سيد ساجن سوائي	١٠٧

۵۔ لڏو بهار	۱۰۸
٦۔ درويش قطب	۱۰۸
۷۔ درويش صابر سومرو	۱۰۸
۸۔ درويش بادو	۱۰۸
۹۔ مخدوم ابو مصطفيٰ ٺٽوي	۱۰۸
۱۰۔ ميان منو فقير	۱۰۸
۱۱۔ فقير بهاءالدين گودڙيو	۱۰۹
۱۲۔ سلطان کمر	۱۱۰
۱۳۔ درويش کمڻ	۱۱۰
۱۵,۱۴۔ شاهه محمد حسين ۽ يحييٰ فقير منڊڙو	۱۱۰
۱٦۔ فقير عبدو ڪيريو	۱۱۱
۱۷۔ درويش لطف الله	۱۱۱
۱۸۔ فقير عبدالله ڏيرو	۱۱۱
۱۹۔ درويش حسين	۱۱۱
۲۰۔ درويش زڪريا اگهم ڪوٽي	۱۱۱
۲۱۔ درويش يحييٰ رانئنٽو	۱۱۱
۲۲۔ رجب فقير رونجهو	۱۱۱
۲۳۔ سيد ابوالحسن بن سيد محمد	۱۱۱
۲۴۔ سيد غازي شاهه	۱۱۱
۲۵۔ سيد طيب شاهه متعلوي	۱۱۲
ضميمو ـ ۱ هن مقالي جون تاريخي خصوصيتون	۱۱۳
ضميمو ـ ۲ ڪتابن جي لسٽ جي هن مضمون جي لاءِ حوالي طور ڪم آيا.	۱۱۷

ضميمو ـ ٣ ١٢٣
حضرت مخدوم نوح سرور رح ۽ شاهه ڪريم رح جا
تعلقات (غلام محمد گرامي)
ضميمو ـ ٤ ١٣٥
حضرت حاجي ديوان نعمت الله سهروردي خانقاه ڏوگران
(عبدالله ورياهه)

ناشر طرفان

زير مطالع ڪتاب "مخدوم نوح سرور رح جا سھوڳي" دراصل ھڪ تحقيقي ۽ تاريخي مقالو آھي جيڪو مرحوم پروفيسر محبوب علي چنا سيوھاڻي جي ادائي سالن جي مسلسل مطالعي، تحقيق ۽ جاکوڙ جو نتيجو آھي.

ھي مقالو پھريائين سنڌي ادبي بورڊ جي سال ١٩٦٤ عيسويءَ جي ٽه ماھي مھراڻ رسالي ۾ ڇپيو ھو، ان بعد سنڌ جي دانشورن، اديبن، عالمن ۽ محققن جي بار بار تقاضا ڏيندي رھي ته انھيءَ تحقيقاتي ۽ تاريخي مضمون کي ٻيھر ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڙھندڙن لاءِ مھيا ڪجي.

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب سائين مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ انھيءَ تقاضا کي مدنظر رکندي ھن مضمون کي ٻيھر ڪتابي صورت ۾ ڇاپڻ جي اجازت ڏني جنھن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ سندن ٿورائتو آھي. غوث اعظم حضرت مخدوم نوح سرور رح جن جي پنج سو ساله عرس مبارڪ جي موقعي تي شايع ڪيو پيو وڃي. اميد ته اسان جي ھن ڪوشش کي قدر جي نگاھه سان ڏٺو ويندو.

١٥ جون ١٩٩١ع
٢ ذوالحج ١٤١١ھ.

عبدالغفار صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

رتيءَ جي رهاڻ

رتيءَ جي رِهاڻ، جيءَ اڙايم جت سين.
(لطيف)

هونئن تہ هن سونهري سرزمين جي هڪ ادنيٰ فرزند ۽ سيوهڻ شريف جهڙي سونهاري ساٽيهہ جي نواسي هجڻ جو شرف بندي کي ضرور حاصل آهي، پر کي سڄڻ متان کنهن مهل هي بہ کٽي سوال پڇن تہ هڪ قلندري، سرور سائينءَ جي خدمت جو شرف ڪيئن حاصل ڪيو؟ انهن صاحبن جي ڄاڻ لاءِ هي عرض ڪرڻ ضروري ڄاڻم تہ بندي جي زندگيءَ جي بهار هالا شريف ۾ سرور سائينءَ جي سرسبز نمن جي سايي هيٺ گذري آهي. ان "رتيءَ جي رهاڻ" جو تذڪرو هرڪنهن وقت بندو ڪندو رهيو آهي.

عرض آهي، تہ مان ٢٥ ـ مئي ١٩٥١ع ۾ سروري اسلاميہ ڪاليج هالا جي پهرئين پرنسپال ۽ سرواڻ جي حيثيت ۾ هالا پهتس. ان وقت حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحہ جي سوانح ۽ سيرت تي فقط ہ ڪتابچہ لکيل هئا، هڪ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان مطبوع "مخدوم نوح" ۽ ٻيو مولوي عبدالحي صاحب جي قلم جو رشحو "مخدوم نوح رحہ جي حياتيءَ جو احوال" قبلہ مرحوم مخدوم مولوي غلام حيدر رحہ طرفان شايع ٿيل. اهڙي مها ڏٿيءَ ڏوئل بابت اهو مطبوع احوال بالڪل ناڪافي هو. ان ڪري پهريائين پهريائين قبلہ مرحوم سائين غلام حيدر رحہ جي ايماء تي سروري اسلاميہ ڪاليج جي پراسپيڪٽس ۾ غوث الحق حضرت مخدوم نوح رحہ جو ذڪر خير ڪيم. ان کان پوءِ ڪاليج مخزن ۾ بہ سندن "ابيات" شايع ڪري منظرعام تي آندم. ان زماني، ١٩٥٣ـ١٩٥٤ ۾ ڏيڍ سال جي وقفي لاءِ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي محڪمي جي سرواڻ جي حيثيت ۾ دخلڪار ٿيڻو پيو. ان عرصي ۾ بہ مون سروري خدمت نہ ڇڏي ۽ قبلہ طالب المولا سان گڏ مڪلي ٽڪريءَ جو سير ماهنامہ "فردوس" لاءِ "مخدوم نوح رحہ جا معاصر يادرفتگان جو مقدمو هن دورِ واري دور جا زرين يادگار آهن. وري جڏهن ٣١ـ جولاءِ ١٩٥٤ع تي دوباره هالا وڃڻ ٿيو، تڏهن قبلہ

"طالب المولىٰ" جي سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪلام ڪي سهيڙڻ ۽ سموهڻ جو موقعو مليو. رب سائينءَ جي مهر ۾ ماڻ سان اهو مجموعو ميڙي قبلہ طالب المولا سائينءَ جي حوالي ڪيم، جن "ڪچڪول طالب المولىٰ" جي عنوان سان بازارِ ادب ۾ آندو.

ماهنامہ "فردوس" هالا محترم قاضي عبدالحيءِ "سليم" هالائيءَ جي ادارت هيٺ شايع ٿيندو هو. چند ناگزير حالتن جي ڪري، اهو ادبي ڪم بہ بندي جي حوالي ٿيو. ان سلسلي ۾ سائين جي ساليانې عرس جي موقعي تي مون "مخدوم نوح نمبر" شايع ڪري سروري توڙ جي آڏو پيش ڪيو. ان وچ ۾ قبلہ طالب المولا جي مشوري سان "سنڌي ادبي بورڊ"، "ڪليات امين" يعني حضرت مخدوم امين محمد سائين "امين" المعروف "سائين پکن ڏٽي" ۽ جو ڪم بندي جي حوالي ڪيو، جو ڪيتري عرق ريزيءَ ۽ جانفشانيءَ کان پوءِ سرانجام ڪري مڪمل ۽ مفصل مقدمي سميت سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو ويو. ان لاءِ اهو معلوم ٿيو اتم تہ اهو ڪم جديد ترتيب لاءِ گرامي صاحب جي حوالي ٿيو آهي. شال بندي جي محنت جو ثمر جلد باثمر ٿئي!

۲۵- مئي ۱۹۶۰ع ۾ هالا کي رخصت پذير ڪرڻو پيو، ۽ ان بعد جلد بندو ولايت اُسهيو ۽ ڪرهارض جو چڪر هڻي، بفضل باري تعالىٰ خيريت سان واپس حيدرآباد پهتو.

"رتيءَ جي رهاڻ" جو اثر هرحال ۾ مستحڪم رهيو ۽ هالا ۽ هالا وارن سان تعلقات هميشه هيجائتا رهيا.

"انجمن فروغ ادب" هالا، جا بندي جي خدمت جو نتيجو هئي ان جي ڏار ڏار موقعن جي سلسلي ۾ هميشه هالا وڃڻ ٿيندو هو ۽ قبلہ طالب المولىٰ سان قربائتيون ڪچهريون ٿينديون رهيون.

مون کي فيبروري ۱۹۶۲ع ۾ طالب المولا سائين جو رقعہ عالي مليو تہ مان سندن حيدرآباد واري رهائشگاهہ تي اچي ملان. اتي واهہ جي چوياري گڏ ٿي. بيا صاحب هي هئا: محترم گرامي صاحب، محترم عبدالواحد سنڌي (ايڊيٽر "نئين زندگي") محترم رشيد احمد لاشاري

(اسسٽنٽ ايڊيٽر نئين زندگي)، محترم رشيد احمد لاشاري (اسسٽنٽ نئين زندگي)، وغيره.

اتي "نئين زندگي" ۾ جي "مخدوم نوح نمبر" لاءِ بحث هليو. بندي جي حوالي ٻہ عنوان ڪيا ويا. هڪ "هالا، تاريخ جي روشنيءَ ۾" ۽ ٻيو، "مخدوم نوح جا معاصر". بندي ٻنهي عنوانن تي تفصيلي ڪم شروع ڪيو. الله جي فضل سان اڍائي سالن جي مسلسل مطالعي ۽ تحقيق کان پوءِ هي مقالو بعنوان "سرور سائينءَ جا معاصر ۽ سهيوڳي" سنڌ جي دانشورن، اديبن ۽ محققن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. افسوس آهي جو "نئين زندگي" ۾ جو "نوح سرور نمبر" تہ ڪونہ نڪتو، تاهم عزيزي سنڌي صاحب، ڏاڍو حبيباڻو زور رکيو تہ هي مقالو سندس حوالي ڪيو وڃي، پر جيسين مسوّدي جي آخري تياري مڪمل ٿئي ئي ٿئي، ان وچ ۾ حبيبي ۽ محبّي گرامي صاحب، حضرت طالب المولا جي ارشاد ۽ مشوري سان هي مقالو جبراً پنهنجي قبضي ۾ آندو. سنڌي صاحب کان ان لاءِ معذرت ورتي وئي، حالانڪ اهو ڪم بہ گرامي صاحب جوئي هو، پر محبت جو مُثل "محبوب" ڇا ڪري؟

اميد آهي تہ "مهراڻ" جا ناظرين ڪرام هن روح رهاڻ جي مطالعي مان چڱيءَ طرح اندازو لڳائي سگهندا تہ "رتيءَ جي رهاڻ" جو پس منظر مون لاءِ ڪيڏو نہ "روح آفرين" آهي!

دعا آهي تہ شال منهنجي هيءَ علمي ۽ تاريخي تحقيق، "مشاهير سنڌ" جي تاريخ ۽ تذڪري جي سلسلي ۾، مفيد اضافو بنجي ۽ هن فن سان وابستہ احباب، اڳتي هلي هن "سلسلة الذهب" کي تڪميل تائين پهچائين - والسلام

١٢ - ڊسمبر ١٩٦٤ع

محبوب علي چنا
پرنسپال
سچل سرمست آرٽس ڪاليج
حيدرآباد (سنڌ)

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

غوث الحق مخدوم نوح سرور رحہ جي نام نامي ۽ جو اثر هر ڪنهن سنڌ جي باشندي جي دل جي تهن تائين پهتل آهي. ايتريقدر جو وڏڙيون ۽ وڏڙا سرمي پائڻ وقت هنن پيارن لفظن ۾ سرور سائين ۽ کي ياد ڪندا آهن. تہ "پير پرور" "سائين سرور" "نُور انور" وغيره.

مخدوم لطف الله عرف مخدوم نوح رحہ جي معاصرن جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ، اسان کي مخدوم صاحب جي نامياري عصر جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. سرور سائين جن ٢٧- رمضان ٩١١ ھ بمطابق ٢١- فيبروري ١٥٠٦ع هن ناسوتي دنيا ۾ قدم رکيو ۽ ٢٧ ذوالقعد ٩٩٨ ھ مطابق ٢٧- سيپٽمبر ١٥٩٠ع ۾ هن مجازي محلات مان اسهيا. هي ۽ عرصو سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ هڪ صبر آزما زمانو هو. سمن بادشاهن جو سونهارو ۽ سونهري سمو ڄام نظام الدين (متوفي ٩١٣ھ/١٥٠٨ع) جي وفات حسرت آيات تي هڏڪيون ڏيڻ لڳو. چنانچہ ٩٢٨ھ/١٥٢٢ع ۾

سنڌ تي ڌارين جو اهو تسلط ٿيو، جو تقريباً اڍائي سؤ سالن تائين سنڌ پاڻ کي ٻاهرين جي غلاميءَ کان ڇڏائي نہ سگهي. سن ۹۲۷ ھ/ ۱۵۲۱ع جي اداس ۽ پريشان ڪن شام هئي، جڏهن شاهہ بيگ ارغون ڄام فيروز سمي کي شڪست ڏيئي ارغونن جو جهنڊو هن سر زمين تي بلند ڪيو. ارغونن جي دور ۾ همايون بادشاهہ شير شاهہ کان شڪست کائي سنڌ ۾ سن ۹۴۷ھ/ ۱۵۴۰ع ۾ آيو ۽ ۹۵۰ ھ/۱۵۴۳ع تائين شاهہ حسن ارغون ۽ همايون جي وچ ۾ ڪشمڪش هلندي رهي. اڃا سنڌ پاڻ سنڀاليو ئي مس تہ شاهہ حسن ارغون کان پوءِ عيسيٰ ترخان ۽ محمود بکريءَ درميان خونريز جنگيون شروع ٿيون. اڃا هن سر زمين کي پوري نجات ملي مس تہ ميرزا باقي ۽ جان بابا جي وچ ۾ تصادم شروع ٿيو. ميرزا باقيءَ جي خودڪشيءَ کان پوءِ اتر کان اڪبري رتن ميرزا عبدالرحيم خانخانان ڏوڪيندو آيو، جنهن ميرزا جاني بيگ کي سن ۱۰۰۰ ھ/۱۵۹۱ع ۾ شڪست ڏيئي، سنڌ کي اڪبري سلطنت سان ملحق ڪري ڇڏيو. هت هي ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ اڪبر اعظم کي اتر سنڌ، سلطان محمود ڪوڪلتاشيءَ کان سن ۹۸۲ھ/۱۵۷۴ع ۾ ملي چڪي هئي. سلطان محمود جي وفات پڻ ان ساڳئي سال ۾ يعني ۹۸۲ھ ۾ ٿي، ۽ ان جي وفات جو سال "دربهشت آسود" ۹۸۲ ھ مان نڪري ٿو. هن تاريڪ دور ۾ سنڌ جا ڪيترا عالم، فاضل، ۽ صوفي ترڪ وطن تي مجبور ٿيا، ۽ اهڙي طرح ويا جو وري وطن نہ وريا. انهن مهاجرن ۾ درٻيلي، بوبڪ ۽ پاٽ جا صاحب هئا. هنن مان ڪن ٿورن جو تذڪرو بکر ۽ سيوستان جي سرڪارن جي ضمن ۾ ايندو. انهيءَ مدت کي جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان جاچبو تہ معلوم ٿيندو تہ مخدوم صاحب جن سنڌ جي هيٺين حاڪمن جي وقت ۾ موجود هئا:

۱۔ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو (وفات ۹۱۴ ھ مطابق ۱۵۰۸ع).

۲۔ ڄام فيروز (جنهن ۹۲۷ ھ مطابق ۱۵۲۱ع ۾ شاهہ بيگ ارغون هٿان شڪست کاڌي).

٣ـ مرزا شاهه بيگ ارغون (وفات ٩٢٨ ھ مطابق ١٥٢٢ع).
٤ـ مرزا شاهه حسن ارغون (وفات ٩٦٢ ھ/١٥٥٤ع).
٥ـ مرزا عيسيٰ خان (وفات ٩٧٤ ھ/ ١٥٦٦ع).
٦ـ مرزا محمد باقي ترخاني (وفات ٩٩٣ ھ/١٨٨٥ع).
٧ـ مرزا جاني بيگ ترخان (وفات ١٠٠٩ ھ/١٦٠٠ع) ۾ جنهن کي نواب عبدالرحيم خانخانان ١٠٠٠ھ/١٥٩١ع ۾ شڪست ڏيئي، سنڌ کي اڪبري سلطنت سان ملحق ڪيو.

هندستان جا هيئيان حڪمران هن سمي ۾ راڄ ڪندا هئا:
١ـ سڪندر لوڌي (١٤٨٩-١٥١٧ع).
٢ـ ابراهيم لوڌي (١٥١٧-١٥٢٦ع).
٣ـ بابر مغل (١٥٢٦-١٥٣٠ع).
٤ـ همايون مغل پهريون دفعو (١٥٣٠-١٥٤٠ع).
٥ـ شير شاهه افغان ۽ ان جا پويان (١٥٤٠-١٥٥٥ع).
٦ـ همايون ٻيو دفعو (١٥٥٥ع).
٧ـ اڪبر بادشاهه (١٥٥٦-١٦٠٥ع).

مخدوم نوح رحہ جي زماني ۾ اپر سنڌ جي دارالخلافه بکر ۾ اڪبر جي پاران، جي نواب مقرر ٿيا، سي حسب ذيل آهن: (١)

	بکر ۾ سنڌن ورود جو سال
١ـنواب گيسو خان	٩٨٢ھ/١٥٧٤ع.
٢ـترسو خان	٩٨٣ھ/١٥٧٥ع.
٣ـمير سيد محمد امير ولد مير عبدل (٢)	٩٨٣ھ/١٥٧٥ع.
٤ـسيد ابوالفضل ولد سيد محمد امير مذڪور	٩٨٤ھ/١٥٧٦ع.
٥ـاعتماد خان خواجه سرا	٩٨٥ھ/١٥٧٧ع.

١ـ لب تاريخ سنڌ، خداداد خان، سنڌي ادبي بورڊ ص ٧٣.
٢ـ تاريخ معصوميءَ ۾ ان نواب جو نالو (مير سيد محمد امروهه، مير عدل) آيو آهي ۽ هن کي ان بعد "مير عدل" ڪري سڏيو ويو آهي.

٦ـ نواب فتح خان بہ شرڪت جاگير راجا پرمانند ۹۸٦هہ/۱۵۷۸ع.
(عزيز راجا توڏر مل)
۷ـ نواب صادق خان ۹۹۳هہ/۱۵۸۵ع.
۸ـ نواب اسماعيل قلي خان ۹۹٦هہ/۱۵۸۷ع.
۹ـ نواب شيرويہ سلطان ۹۹۷هہ/۱۵۸۸ع.
۱۰ـ نواب صادق خان (ٻيو دفعو) ۹۹۸هہ/۱۵۸۹ع.

مٿئين تاريخي پس منظر جي مطالعي ڪرڻ ڪان پو ۽ هي پڌري پٽ ظاهر ٿيندو تہ مخدوم نوح سرور رحہ جو سَمو ڏٽيءَ ڏوئلن ۽ الله وارن سان رليو پيو هو. جيڪڏهن مخدوم سرور رحہ کان ٿورو اڳ جو زمانو بہ ڏسنداسين، تہ پوءِ معلوم ٿيندو تہ سونهاري سنڌڙي ڏٽيءَ جي پيارن سان پُر هئي. ۽ سندس روحاني ماڻ پوريءَ طرح مالا مال هو. واجب آهي تہ ڪن مٺياوارن متقدمين جو بہ ذڪر خير ڪريون، جن مان ڪي تہ مخدوم سرور رحہ جا مبَشّر هئا. يعني مخدوم سرور رحہ جي والد بزرگوار نعمت الله صديقي و قريشيءَ کي مخدوم نوح رحہ جي هن دنيا ۾ ورود ٿيڻ جي بشارت ڏنائون. هن ضمن ۾ مخدوم سرور رحہ جا اهي معاصر اچي وڃن ٿا، جن سندن اوائلي اوستا ۾ هن جهان کي ڇڏيو. هتي هي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ مخدوم سرور رحہ جي تولد وقت سنڌ ۾ "مهدوي تحريڪ" ۽ "بلاولي تحريڪ" جو زور هو.

پهرينءَ جو باني سيد ميران محمد شاهہ جونپوري (۸۴۷/۹۱۱ هہ، ۱۴۴۳/۱۵۰۵ع) آهي. ۽ ٻيءَ جو باني سنڌ جو ناميارو بزرگ حضرت مخدوم بلاول تلتيءَ وارو هو، جنهن جو ذڪر خير اڳتي ايندو.

۱. **شيخ پرڪيو ڪاتيار:** هي صاحب نصرپور جي سماواتي پرڳڻي جي قديم ڳوٺ ڪاتيار جو باشندو هو. هن جو مقبرو اجا بہ هن ساڳئي ڳوٺ شيخ پرڪئي ۾ آهي. هي ڳوٺ گلاب لغاري تعلقي ماتليءَ جي الهندي ۵ـ٦ ميلن تي واقع آهي. هن بزرگ جي والد جو نالو شاهو ڪاتيار هو. شيخ پرڪئي زهد و تقوا ۽ رياضت ۽ عبادت ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو.

هيءُ سالڪ مجذوب هو. هن جي مجاهدن ۽ ڪرامتن جا احوال حديقة الاولياءِ ۽ تحفة الڪرام ۾ ڪافي آيل آهن. حديقة الاولياءُ جي صاحب هن جو تعارف هن طرح پيش ڪيو آهي تہ "هي حق جو ڄاڻو ۽ مجذوب ولايت جي ملڪ جو والي، حقيقت جي واٽ جو پانڌيئڙو، ترڪ ۽ فنا جي راهہ جي مجاهدن جو سرموڙ، نفس ۽ هوا جي مخالفن جي واديءَ ۾ سيني صاف باطن سالڪن جو سالار، صاحب حال ۽ اهل دل، زماني جي نيڪوڪارن جو پيشوا، نامدار بزرگن ۽ ڪبار مشائخن مان سالڪ ۽ مجذوب هو."

سندس مجاهدن لاءِ تحفة الڪرام ۾ آيل آهي تہ "پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۾ سخت رياضتون ڪيائون" حديقة الاولياءُ واري وري ائين لکيو آهي تہ "پهرين وقت ۾ بيشمار رياضتون مجاهدا ڪيائين ۽ سخت عبادتون ۽ ڪئن ڪم هن ڪان وجود ۾ آيا" سندن وفات جو سال ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ڏنل ڪونهي. مگر تحفة الڪرام ۽ حديقة الاولياءُ مان اهو پرو پوي ٿو تہ هي صاحب هالا ڪنديءَ جي مخدوم احمد ۽ محمد جن جو همعصر هو. مخدوم احمد (جنهن جو ذڪر بعد ۾ ايندو جن جي وفات حديقة الاولياءُ ۾ ٩٢٤ هـ/١٥٢٧ع آيل آهي. ۽ تحفة الڪرام واري صاحب ٩٣٠ هـ/١٥٢٣ع ڄاڻائي آهي. هن حساب سان پرڪيي پلاري جو هن دار فانيءَ مان الوداع ڪرڻ ٩٢٥ هـ/١٥١٩ع ۽ ٩٣٥ هـ/١٥٢٨ع جي وچ ۾ سمجهڻ گهرجي. مخدوم نوح رحہ جي ولادت کان اڳ پاڻ هڪ دفعي چيائون تہ "مخدوم نعمت الله کي لطف الله نالي هڪ اهڙو فرزند ٿيندو جنهن کي حق تعاليٰ جو دائمي حضور حاصل ٿيندو" هاڻي بہ هر سال هن صاحب جو عرس ٩-١٠-١١ شعبان ٿيندو آهي.

درويش نوح رحہ ڪيبرائي: هن درويش جي باري ۾ تحفة الڪرام ائين لکيو آهي تہ "هي مال چارڻ تي گذران ڪندو هو ۽ حال جو صاحب ۽ ڪرامت جو ڌڻي هو. حديقة الاولياءُ ۾ آيل آهي تہ جڏهن شيخ حماد جمالي جي دعا سان ڄام تماچي دهليءَ کان واپس موٽندي ڪيبرن وٽان اچي لنگهيو تڏهن درويش ڪيس ٻڌايو تہ "تن ڏينهن کان وٺي ڄام

تماچيءَ جي نالي جي منادي اچي رهي آهي." حالانڪ اهو زمانو ڄام جوڻي جو هو. مذڪور روايت مطابق جيڪڏهن ڄام جوڻي کان پوءِ ڄام تماچيءَ جو نالو اچي ٿو تہ اهو ڄام تماچي اول بن ڄام انڙ آهي. ۽ ان جو پٽ ڄام خيرالدين آهي، ۽ نہ ڄام تماچي ٻيو بن ڄام خيرالدين، جنهن جي پٽ ڄام صلاح الدين جي ضمن ۾ تحفة الڪرام جي صاحب، شيخ حماد جمالي جو ذڪر آندو آهي. ٻي ڳالهہ مزي واري اها آهي تہ جيڪڏهن ويچارن سمن بادشاهن جي سمي کي هندستان جي عهد وسطيٰ جي زماني سان تطبيق ڏينداسون تہ پوءِ تاريخ معصومي خواهہ تحفة الڪرام جا احوال سن ۽ سال محض قياسي ثابت ٿيندا. ان سلسلي ۾ تحقيق ڪندي هي واضح ٿيو آهي تہ سمن حاڪمن جي حڪومت جو آغاز زير بحث آهي. پر انهن جو انجام متفق طور ارغونن هٿان ٩٢٧ هہ/١٥٢١ع ۾ ڏيکاريو ويو آهي. تحفة الڪرام جو صاحب انهن جي حڪومت جو آغاز سال ٧٥٢هہ/١٣٥١ع ۾ ڄاڻائي ٿو. بيگلارنامي ۾ انهن جي حڪومت جو آغاز سال ٧٣٤ هہ/١٣٣٤ع ڏيکاريو ويو آهي. تاريخ طاهري تہ وڃي ٨٤٣ هہ/١٤٣٩ع تي پهچايو جو ڪنهن بہ تاريخي زاويہ نگاهہ سان درست نہ آهي. جيڪڏهن اسان تحفة الڪرام جي روايت کي خيال ۾ آڻيون تہ ڄام انڙ سمن جي حڪومت ٧٥٢ هہ/١٣٥١ع ۾ شروع ڪئي تہ پوءِ انهن مجڻ سان ٿي - چار تاريخي ڪڙيون پاڻ ۾ ملي نہ ٿيون سگهن، ان جي مقابلي ۾ جڏهن بيگلارنامہ جي سن وارو زمانو خيال ۾ آڻبو تہ پوءِ ڪڙيون لڳ ڀڳ ملي وڃن ٿيون. ڄام انڙ دهليءَ جي سلطان پاران سيوستان جي حاڪم ملڪ رتن کي ماريو. ان جو احوال ابن بطوط پنهنجي سفرنامي ۾ ڏنو آهي. ابن بطوط سنڌ ۾ ٧٣٤ هہ/(١٣٣٣ع) ۾ آيو هو ۽ مٿيون واقعو ٧٣٤ هہ کان تمام ٿورو اڳ جو آهي. ڇو تہ ابن بطوط قلعي جي ديوار تي ٽنگلين جا لاش ڏٺا هئا، جي محمد تغلق جي غلام عماد الملڪ قيصر رومي کي شڪست ڏيئي بعد ۾ لٽڪايا هئا. ان روشني ۾ اٽڪل سنہ ٧٣٣ هہ/(١٣٣٢ع) ونبو. تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام جي حوالن سان ڄام انڙ ساڍا ٽي سال کن

حڪومت ڪئي ۽ ڄام جوڻي تيرهن سال ڪن، يعني ڄام جوڻي بن بابينه حڪومت جون واڳون ٧٣٦ ھ/١٣٣٥ع ۾ ورتيون. ان ڪان پوءِ سندس يائنيو ڄام تماچي بن ڄام انڙ ٧٤٨ ھ/١٣٤٧ع ۾ حڪمران ٿيو. ان ڪان پوءِ سندس پٽ خيرالدين حاڪم ٿيو. انهن ڏينهن ۾ محمد شاھ تغلق سنڌ ۾ آيو ۽ فوت ٿيو، اهو سال آهي ٧٥٢ ھ/١٣٥١ع، يعني ڄام انڙ بعد ڄام خيرالدين تخت تي ٧٥١ ھ/١٣٥٠ع ڌاري ويٺو هوندو. ڄام خيرالدين بعد سندس پٽ ڄام ڀنيو عرف بابينو تخت تي ويٺو ۽ پندرهن سال حڪومت ڪيائين. جيڪڏهن ڄام خيرالدين ڪي ٽي سال حڪومت لاءِ ڏجن تہ ڄام بابينو ٧٥٤ ھ/١٣٥٣ع ۾ تخت نشين ٿيو ۽ ان جي حڪومت ٧٦٩ ھ/١٣٦٧ع تائين هلي. هن جي دور حڪومت ۾ فيروز شاھ تغلق سنڌ تي بہ دفعا ڪاهي آيو هو. مشهور مورخ اليٽ تاريخ فيروز شاهيءَ جي مؤلف سراج عفيف جي حوالي سان ڄاڻايو آهي تہ ٧٦٢ ھ/١٣٦١ع ۾ سنڌ تي ڪاهيائين. ۽ اهو بہ ڏيکاريو اٿس تہ ڄام ڀنيي پنهنجي چاليھ هزار پياده ۽ ويھ هزار سوارن سان سلطان جو قلندرانہ مقابلو ڪيو، ۽ ڪيس اڍائي سالن تائين روڪڻ ۾ ڪامياب رهيو. تحفة الڪرام هن حملي جو سال ٧٧٢ ھ/١٣٧٠ع ڏيکاريو آهي. حالانڪ جيڪڏهن سندس روايت مطابق سمن جو راڄ ٧٥٢ ھ/١٣٥١ع ۾ شروع ڪجي، تہ پوءِ ڄام بابينه بن خيرالدين جي حڪومت جو سال وڃي ٧٩١ ھ/١٣٨٨ع سان لڳندو جو تاريخي واقعات جي مطابقت ڪري وڃي ويندو. مسٽر اليٽ تحفة الڪرام جي پيش ڪيل، سمن جي راڄ جي آغاز واري سال سان متفق رهيو آهي. جو تہ تاريخ فيروزشاهيءَ جي غلطي هن صاحب بہ دهرائي آهي تہ محمد شاھ تغلق جڏهين سنڌ ۾ ٧٥٣ ھ/١٣٥١ع ۾ آيو تڏهن ٺٽي جو حاڪم سومرو هو. حالانڪ هي صحيح نہ آهي. خود تاريخ معصومي، تاريخ طاهري، بيگلارنامو ۽ تحفة الڪرام، هن روايت جي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن. ان وقت ۾ خيرالدين بن ڄام انڙ حاڪم هو جو سمو هو ۽ نہ سومرو. ڀي وڏي عظيم غلطي تاريخ معصوميءَ خواھ تحفة الڪرام وارن هيءَ ڪئي آهي، جو ڄام جوڻي ۽

ڄام تماچي بن ڄام انڙ جي احوالن ۾ سلطان علاؤالدين جي لشڪرڪشيءَ ۽ قيد و بند ۾ وجهڻ جا واقعات ڏيکاريا اٿن. حالانڪ سلطان علاؤالدين خلجي ۷۱۵ھ/۱۳۱۵ع ۾ فوت ٿي ويو هو جڏهين سومرن جو زمانو هو، ۽ سمن جو سمو شروع ئي نہ ٿيو هو. لازماً هي زمانو تغلق گهراڻي جو آهي ۽ سلطان علاؤالدين خلجي جي بدران سلطان محمد شاھ تغلق سمجهڻ گهرجي. مٿئين تاريخي پس منظر مان ظاهر ٿيو تہ ڄام جوڻي جي حڪومت جو زمانو ۷۳۶ ھ/۱۳۳۵ع ۽ ۷۴۸ ھ/۱۳۴۷ع جي وچ جو آهي. ان حساب سان شيخ حماد جمالي ۽ اسان جي درويش نوح ڪيبرائي جو امڪاني سمو اهوئي آهي، جو ڄام جوڻي جو آهي، يعني ۷۳۶ ھ/۱۳۳۵ع ۽ ۷۴۸ ھ/۱۳۴۷ع جي وچ ۾. چو تہ جڏهين نوح ڪيبرائيءَ ڄام تماچيءَ کي خوشخبري ڏني، تڏهن اڃا ڄام جوڻي جي حڪومت هئي.

هن درويش کي "نوح هوتزاني" ڪري سڏجي ٿو، جو سنڌي تلفظ موجب "هوتياڻي" سمجهڻ گهرجي. هوتياڻي ۽ هوتي ٻئي هڪڙيون ذاتيون آهن. سماٽ جي انيڪ ذاتين ۽ سندن شجري جي چنڊ ڇاڻ کان پوءِ پتو پوي ٿو تہ "هو تي" ٻہ هڪ ذات آهي جا ان صاحب جي پڻيان سڏجي ٿي جو "هوتي" هو. ۽ هالا بن ساند بن پالي بن رائدان جو چوٿون پٽ هو. هاڻي زماني جي حساب سان هي درويش مخدوم نوح کان تقريباً ۱٦۵ سال اڳ جو آهي، ۽ دليل الذّاڪرين خواھ تحفة الاولياءَ جي صاحب حاجي محمد صالح مجاور آندو آهي تہ مخدوم صاحب جي والد بزرگوار جي همعصر درويش "نوح هوتزاني" کين چيو تہ "منهنجي مرڻ کان پوءِ پنهنجي فرزند جو نالو "نوح" رکجو. هي درويش نوح، وڏي درويش نوح جي پيڙهيءَ مان آهي. هن هوتياڻي درگاھ جو تعلق سروري درگاھ سان گهاٽو آهي.

موجوده ڪيبر ڳوٺ جي اتر اٽڪل ٽن ميلن تي سهتن جو ڳوٺ آهي، جنهن جي سامهون اها درگاھ واقع آهي. سندس مجاور فقير محمد هڪ لاتق ۽ پنهنجي هوند وارو آهي. اهو ياد رکجي تہ ڪيبر قديم "وڪئي ۽

جمعي" خاصخيلن جي ڳوٺ جي اتر ۾ دڙي جي صورت ۾ موجود آهي.
٣ـ مخدوم عربي ڏياڻو (ديانو): پير آسات (جنهن جو مقبرو مڪليءَ تي آهي) جو سڳو ڀاءُ ۽ مخدوم نوح جو استاد، ۽ قرآن شريف جو حافظ پراڻن هالن ۾ هڪ وڏو ڪرامتن جو صاحب بزرگ ٿي گذريو آهي. مولانا غوثي صاحب "گلزار ابرار" مطابق پاڻ عجيب و غريب ۽ هوشربا خوارق ۽ عادات جو صاحب هو. پاڻ ٩٨٠ هه/١٥٧٢ع ۾ وصال ڪيائين ۽ پراڻن هالن ۾ مدفون آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جي سوانح نگارن ڄاڻايو آهي ته شاهه صاحب جي والده هن بزرگ جي دختر نيڪ اختر هئي، مگر ائين وسهڻ درست نه آهي ڇو ته شاهه ڀٽائيءَ جي ولادت ١١٠٢ هه/١٦٩٠ع ۾ ٿي. ۽ هن بزرگ جي وفات ۽ ڀٽائي گهوٽ جي ولادت جي وچ ۾ ١٢٢ سالن جو وقفو آهي. باقي ائين چئجي ته سندس پيڙهيءَ مان آهي. ان ڪري شاهه ڀٽائيءَ مخدوم ڏياڻي جي ڏهٽاڻ مان ٿيو. پيو به هڪ تعلق مرحوم قانع ڏيکاريو آهي. پاڻ مخدوم عربي ديانه جي احوال ۾ ڄاڻائي ٿو ته "هاڻي ان جي اولاد مان مخدوم محمد عالم نالي شخص حيات آهي، جو سيد عبداللطيف تارڪيءَ جو خليفو ۽ ان جي فقيرن ۾ داخل آهي." هن بزرگ جو فرزند مخدوم بايزيد مخدوم نوح جو معاصر هو. سندس ڀاءُ پير آسات سيد جونپوريءَ جو مريد، مڪليءَ تي مدفون آهي. سندس اولاد مان محمد حسين مشهور هو جنهن جا پٽ احمد ۽ محمد ٺٽي ۾ هئا. احمد جهان آباد ۾ شاهه غلام محمد صوفي جي خدمت ۾ رهندو هو.
٤. شاهه ديوانو هالائي: هي صاحب به جليل القدر مشائخ ۽ مقتدر صاحب ڪرامت بزرگ مخدوم عربيءَ سان گڏ مدفون آهي. دليل الذاڪرين جي روايت مطابق حسو فقير ٽوڙيءَ واري جو چاچو مجذوب ۽ ديوانو هوندو هو، تنهن کي ڪشف ٿيو ته ٿوري وقت ۾ دين اسلام جو هڪ مجدد پيدا ٿيڻو آهي، جو وڏو ولي الله ٿيندو. ان جي خوشخبري هن صاحب، مخدوم نعمت الله سان بيان ڪئي. ٿي سگهي ٿو ته مذڪور مجذوب شاهه ديوانو هجي.

۵. مخدوم عبدالرشيد هالائي: هيءُ جيّد عالم ۽ وڏو متقي بزرگ هو. ماڻهن مان هڪ وڏي جماعت ان کان علمي ۽ عملي ڪمالات حاصل ڪري پنهنجي وقت ۾ با هدايت ٿي ان حلقي ۾ مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد هالائي پڻ شامل هئا.

٦. مخدوم اسحاق يٽي هالائي: هيءُ شيخ بهاأُالدين زڪريا ملتانيءَ جي خاندان جو مريد فضيلت ۽ ڪمالات ۾ بينظير ۽ الله تعاليٰ جي مقتدر ولين مان آهي. هن صاحب جون ڪرامتون بيشمار آهن. سندس سپوٽ پٽ مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد آهن.

۷-۸. مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد: موجوده هالا پراڻن جي يٽي بزرگن جا بزرگ وڏي پايي جا اولياءَ ٿي گذريا آهن. هي صاحب ڄام نظام الدين کان وٺي شاهہ حسن ارغون جي حڪومت تائين رهيا. سيني تاريخن يا تذڪرن ٻنهي ڀائرن جو احوال گڏ ڏنو آهي. حديقة الاولياءَ ۾ آيو آهي: "محمد اسحاق جا فرزند وڏن ولين ۽ نامدار بزرگن مان آهن ۽ هالڪنديءَ ۾ سڪونت اٿن."

مخدوم احمد هميشه گمناميءَ ۾ گذاريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو صاحب، محفل سماع ۾ ويندو هو، تہ عجب رقت طاري ٿي ويندي هيس. آخري زماني ۾ بہ هو نيرن ڪوٽ (حيدرآباد) ۾ آيو هو. هتي اتفاقاً هڪ محفل سماع ۾ هڪ سوناري نينگر ڏاڍي سوز و گداز سان چند بيت پڙهيا، جن کي ٻڌندي ئي مخدوم صاحب واصل بالله ٿي ويو (۱) هن جو

(۱) ڊاڪٽر دائودپوٽي هنن بيتن جي اُپٽار هن طرح ڪئي آهي: جنهن بيت ٻڌندي مخدوم صاحب غش ٿي ويو، سو هيءُ هو:

سڏ سٽي پرينءَ جو، وانگي جي نہ ورن،
ڪوڙي دعوا دوست جي ڪچاڙي ڪي ڪن.

مبين عيسي جي سنڌيءَ ۾ هي بيت هن طرح آيل آهي:

سڏ سڃاڻي پريءَ جو، واڪي جي نہ ورن،
ڪوڙي دعوا دوس سين سي ڪچاڙي ڪي ڪن،
طلب نہ سچي تن، هنهم سڏ سڏائيون،

جنازو هالڪنديءَ کڻي آيا. رستي ۾ جنازه کان ذڪر جلي بلند آواز سان ٻڌڻ ۾ پئي آيو. هن صاحب ٩٣٠ هه/١٥٢٣ع ۾ وفات ڪئي. پر حديقة الاولياءِ واري صاحب ٩٣٣ هه/١٥٢٧ع ڄاڻايو آهي. ان جي اولاد مان ڪيئي بزرگ پيدا ٿيا. جن مان مکيہ هيٺيان آهن:

مخدوم فتح الله، مخدوم احمد ثاني، مخدوم عبدالحميد، مخدوم عمر ۽ انجا ٽي پٽ، مخدوم حسين، مخدوم ابراهيم ۽ مخدوم عبدالرؤف محب رسول جنهن جا مولود مشهور آهن. مخدوم فتح الله، مخدوم نوح رحہ سرور جو همعصر ۽ مخدوم عبدالرؤف، شاهہ ڀٽائي جو سهيوڳي آهي.

مخدوم محمد ننڍو ڀاءُ هو ۽ علوم ظاهري جي تحصيل ڪري اوج ڪمال تي پهتو. اڪثر خلق الله جي خدمت ڪندو هو. ۽ انهن جي خيراتي ڪمن لاءِ وقت جي حاڪمن وٽ ويندو هو. ان بزرگ جي اولاد مان بہ گهڻائي معرفت جا صاحب ٿيا جن مان هيٺيان مشهور آهن.

مخدوم محمد يوسف، مخدوم محمد صادق ۽ مخدوم محمد يعقوب

٩. درويش زڪريا: هيءُ مذڪور مخدوم محمد اسحاق جو پائٽيو ۽ راه هدايت جو مالڪ ۽ خدا رسيد و بزرگ هو.

١٠. شيخ ابوبڪر: هيءُ هالا جو هڪ ڪامل ۽ قديم ولي آهي. مخدوم نوح جو ستون ڏاڏو مخدوم فخرالدين ثاني بہ ان بزرگ جي مقبري ۾ مدفون آهي.

١١. درويش رڪن پڙا: هي مخدوم احمد جو خاص خادم هو. الله تعاليٰ جي دائمي رضا ۽ راهہ جي قرب جو واصل هو.

١٢. مخدوم مولانا ابوبڪر بن دائود بريد هالائي: هي وڏي مقام وارو صاحب حال بزرگ هو. مخدوم نوح رحہ هن فيض جي صاحب سان صحبت ڪئي هئي.

١٣. سيد عبداللطيف حسيني: هيءُ هتان جي قديم بزرگن مان آهي. مير علي شير قانع جي ڏينهن ۾ سيد فتح محمد شاهہ سندس اولاد مان

مخدوم صاحب جي واصل بالله ٿيڻ بعد سوناري چوڪري هي بيت ڏنو:

سر ڏيئي سٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين،
مرڻا منهن نہ موڙ، اڄ وڃي ٿي وڏ لهي

هو. اهي شاهه سڳورا سروري رنگ اختيار ڪري "سروري توڙ" ۾ داخل ٿيا.

۱۴. مخدوم صدرالدين راهوتي: هالا پرڳڻي جي پسگردائيءَ جي ڳوٺ "جائيه" ۾ رهندو هو. هميشه وعظ ڪندو هو. چتين لڳل ٽوپي پهريندو هو. وڏو پرهيزگار ۽ متقي بزرگ هو.

۱۵. مخدوم بلاول ٿلتيءَ وارو: هيءُ بزرگ اصل ٿلهتي (ٿلتي تعلقو سيوهڻ) جي واهڻ جو واسي هو. شرعي خواهه روحاني علمن ۾ ڪامل هو. سندس خاص شرعي فرقو "بلالي" سنڌ ۾ رائج آهي، جنهن تي جداگانه تحقيق ڪبي. ارغونن جي خلاف هن بزرگ علم بغاوت ڪنيو ۽ شاهه بيگ هن کي پوئين وقت ۾ ڪافي تڪليفون ڏنيون. پاڻ سنه ۹۲۹ هه/۱۵۲۲ع ۾ وفات ڪيائين ۽ سندس مرقد باغبان (هاٽوڪو باغ واهڻ) ۾ آهي. تاريخ معصومي، تحفة الطاهرين حديقة الاوليا ۽ تحفة الڪرام ۾ سندس ڪافي ڪرامتون آيل آهن. تاريخ معصومي هن صاحب جي احوال ڏيندي آخر ۾ لکيو آهي ته "بيشڪ اهي ئي بزرگ آهن جي مٿل دلين کي جيئرو ڪن ٿا." "تذڪره صوفيائي سنڌ" جي مؤلف تحفة الطاهرين جي حوالي سان سندس مرقد مڪلي ۾ درگاهه شيخ حماد جمالي جي عقب ۾ ڏيکاري آهي، جو حقيقت جي بلڪل برعڪس آهي. سندن مرقد اڄ به مرجع خلائق آهي ۽ "باغبان" ضلعي دادوءَ ۾ موجود آهي، جتي ماهيانو تقريب ۽ ساليانو ميلو ٿيندو آهي. سنڌ جي سرهندي بزرگن جي وڏي ڏاڏي حضرت خواجا عبدالرحمان جان سرهندي جي ملفوظات مان پتو پوي ٿو ته پاڻ هجرت ڪان پوءِ جڏهن سنڌ ڏانهن آيا، تڏهن جن اهل ممات بزرگن جي زيارت ڪيائون، تن مان حضرت مخدوم بلال رحه به آهي. ان ڪان پوءِ سندن منزل سيوهڻ ۾ ٿي.

هي مخدوم بلال، مخدوم جمعي جو همعصر هو، جنهن جو ذڪر بعد ۾ ڏنو ويو آهي (تحفة الطاهرين ص ۳۰) مير علي شير قانع هن صاحب کي شاعر ڄاڻايو آهي. ۽ سندس هيٺين رباعي پنهنجي معروف ڪتاب "مقالات الشعرا"ءَ ۾ ڏني آهي:-

در راهِ خدا ز سر قدم باید ساخت،
سرمايہء اختيار خود مي بايد باخت
كفر است بخود نمائي بردن بجهان
از خويش برون شده سويش مي بايد تاخت

مخدوم بلاول رحہ پنهنجي خليفي سيد حيدر شاهہ سنائيءَ کي ڪجھ قدر اتو ڏيئي فرمايو تہ "هنن نشانن وارو بزرگ ڪنهن زماني ۾ تو وٽ ايندو. ان جي حضور ۾ "برگِ سبز است تحفہء درويش" جي مصداق هي اتو اسان جي طرفان مهماني طور عرض رکج." انهيءَ ارشاد بعد سيد حيدر شاهہ سنائيءَ وٽ مخدوم نوح رحہ جو وڃڻ ٿيو ۽ شاهہ صاحب اها امانت ڏيئي پنهنجو فرض ادا ڪيو. مولانا غوثي هدايت سنڌي برهانپوري جي روايت مطابق لکيو آهي تہ هن کي خواجہ خضر کان روحاني فيوضات حاصل ٿيا. مخدوم بلاول جو گهاڻي ۾ شهيد ٿيڻ جو واقعو ڪنهن بہ تاريخ يا تذڪره ۾ آيل نہ آهي.

١٦. درويش پنيو ناريجو: هي دشت باران جو ممتاز ولي آهي. هن جون ڪيتريون ڪرامتون مشهور آهن. پاڻ سن ٩٠٠ھ/١٣٩٣ع ۾ لاڏاڻو ڪيائون ۽ "ريڻ" نديءَ جي ڪناري ڳوٺ "ريده" ۾ سندس تربت آهي.

١٧. درويش هالو سهتو: هيءُ بہ دشت جو پيو مقتدر ولي آهي ۽ مذڪور درويش پنئي جو همعصر هو ۽ طهارت ۽ پاڪائيءَ جو بيحد خيال رکندو هو. هن جي تربت آمريءَ ۾ آهي.

١٨. درويش علاالدين پگهيو: هن مشهور وليءَ جي دعا سدائين مقبول هوندي آهي. هن صاحب ٩٠٠ھ/١٣٩٣ع ۾ وفات ڪئي، ۽ دشت ۾ برهمڻ آباد جي قريب آرامي آهي. مان پاڻ سندن زيارت ڪري آيو آهيان.

١٩. قاضي صدو ابن حماد: هن جي پيڙهي خطيبہ جي قاضين سان ملي ٿي. هيءُ بہ دشت جي اوليائن مان ٿي گذريو آهي. هن جون ڪئين ڪرامتون نشانبر آهن. سنہ ٩٠٠ ھ/١٣٩٣ع ۾ لاڏاڻو ڪيائون. سندن تربت ڳوٺ "ونهيري" ۾ آهي.

٢٠. مخدوم جعفر بوبڪائي: مخدوم جعفر ابن مخدوم ميران بوبڪن تعلقي سيوهڻ ضلعي دادوءَ جو ويٺل، شريعت ۽ طريقت جو بزرگ عالم ٿي گذريو آهي.

تحفة الڪرام ڪيس مخدوم نوح رحہ جو همعصر ڄاڻايو آهي. ان صاحب ۽ مخدوم نوح رحہ جون ڪافي ملاقاتون بہ ٿيون آهن. ۽ ان بابت ڪيترين روايتون بہ مشهور آهن. مگر هي صاحب مخدوم نوح رحہ کان عمر ۾ وڏو هو. ۽ بابر جي ڏينهن ۾ ارغونن سنڌ تي لشڪرڪشي، جا ١٧ ذوالقعد سنہ ٩٢١ھ مطابق ٢٣ ڊسمبر ١٥١٥ع ۾ ٿي هئي، ان جي روايت هي صاحب مرزا عيسيٰ ترخان (وفات ٩٧٤ھ/١٥٦٦ع) کان ڪندو هو. هي حوالو تاريخ معصوميءَ آندو آهي. جيئن تہ مخدوم جعفر جو سال وفات معلوم نہ آهي ۽ هي مرزا عيسيٰ ترخان جي ڏينهن ۾ بہ زنده هو. ان مان ظاهر آهي تہ هن جي وفات ٩٦٢ھ/١٥٥٤ع (جو شاهہ حسن ارغون جو سال وفات آهي ۽ مرزا عيسيٰ ترخان جي سال وفات ٩٧٤ھ/١٥٦٦ع جي وچ ۾ ٿي آهي) مولانا غوثي پنهنجي مشهور تذڪره "گلزار ابرار" ۾ لکيو آهي تہ شيخ طاهر ابن يوسف سنڌي برهانپوري جو استاد زادو هو. مسيح زمان شيخ عيسيٰ قاسم جندالله برهانپوري رحہ کان روايت آهي تہ حڪيم عثمان بوبڪائي ڪيس چيو تہ مخدوم جعفر رضہ آخر عمر ۾ منطق جا ڪتاب درياهہ ۾ وهائي ڇڏيا، ۽ احياءِ العلوم، (غزالي) عوارف المعارف، (شهاب الدين سهروردي) فصل الخطاب ۽ ٻيا اهڙا ڪتاب مطالع ڪندا هئا، ۽ ٻيو ڪوبہ شغل نہ هين. "باد بروحش، مقام جنت فصل الخطاب". هن جي تصانيف مان "حلل العقود في طلاق السنود"، "المتانه في مرمة الخزانه" ۽ "عجالة الطالبين" مشهور آهن. جن مان، هن صاحب جو مذهب ۽ فقه ۾ اعليٰ درڪ معلوم ٿئي ٿو. ان جي اولاد مان مخدوم عبدالغني ۽ مخدوم نورالدين مشهور بزرگ ٿي گذريا آهن. مقالات الشعراء ۾ هن صاحب کي مرزا شاهہ حسن جو استاد پڻ سڏيو ويو آهي، ۽ سندس تربت مڪليءَ تي ڏيکاري وئي آهي. ڪيس علم رمل ۽ علوم نجوم ۾ بينظير سڏيو ويو آهي. هي شعر سندس آهي:

بهارِ طوءِ دلدار طرفه رنگي داشت،
کہ آهوان حرم را بصيد مي آورد.

مگر سندس مقد بوبڪن ۾ ئي مشهور آهي.

٢١. درويش چرڪس: هي صاحب ونگي جو رهواسي هو، جو ڳوٺ چاچڪان جي سرڪار کان پري علحدو خطو آهي. سندس والد جو نالو "ڏنو" ۽ سندس ذات "سرڪي" هئي. تحفة الڪرام، ڪيس انهن لفظن ۾ ياد ڪري ٿو تہ "هي هڪ

عاشق دين ۽ راهِ حقيقت جو سالڪ هو. ميدانِ تحقيق ۾ ان جي توفيق جو گهوڙو سيني ڪان اڳيان هو. اڪثر درويش ان جي نظر مان فيض وٺندا هئا. حديقة الاولياء ۾ هن بزرگ سان شيخ پرڪئي ۽ مخدوم بلال جي ملاقاتن جو ذڪر آهي. ۽ هي ظاهر آهي ته اهڙي پايي جا بزرگ به هن درويش کان ڪنبندا رهندا هئا. هي صاحب مذڪور ٻن بزرگن جو همعصر آهي ۽ مخدوم نوح رحه جي ٻالجتيءَ ۾ هن درويش جو دور دوره هو.

٢٢. مخدوم صدو لانگاهه: ٻتوري پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ نصريه جو نواسي، شاه شهيد عنايت الله صوفي جو پنجين پيڙهي ۾ ڏاڏو، پنهنجي وقت جو بزرگ ۽ وڏو پير هو. ۽ ايتريقدر ته صاحب توڪل ۽ تارڪ هو، جو رات جو گهڙن جو پاڻي هاري ڇوندو هو ته ”نئون ڏينهن نئون رزق“. هن جي وفات جو سال ڪنهن به تذڪري ۾ آيل نه آهي، پر جيئن ته شاه عنايت شهيد، جو سندس ڇوٿين پيڙهيءَ ۾ پوٽو آهي. ان جي ولادت ١٠٦٥ھ/١٦٥٦ع ۾ ٿي ۽ مخدوم نوح رحه جي وفات ٩٩٨ھ/١٥٩٠ع ٿي. ان حساب سان شاه شهيد جي ولادت ۽ مخدوم صاحب جي وفات جي وچ ۾ ٦٧ سالن جو فرق آهي. ان ڪري مخدوم صدو لانگاهه ضرور مخدوم رحه جي مقتدر بزرگن مان هوندو. تحفة الڪرام ۾ هي ڄاڻايو ويو آهي ته سيد عبدالڪريم بلڙي رحه واري جو ساٿس (مماتيءَ بعد) معتقدانه رستو هوندو هو.

٢٣ـ مخدوم صدرالدين راهوٽي: هي عامل ڪامل ۽ جامع العلوم بزرگ ٿي گذريو آهي. هي راهوٽ ڳوٺ جو رهواسي هو، جو ٻتوري پرڳڻي ۾ هو. هن جو پٽ مولانا ضياالدين مخدوم نوح رحه جو همعصر هو.

٢٤ـ شيخ پريو ويرداس: هي هڪ مجذوب، موحد وجد ۽ مستي جي راهه جو سالڪ بزرگ هو. اصل برهمڻ هو. هميشه جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ رهندو هو. ۽ انسانن کان ڀڄندو هو. آخري وقت ۾ اچي گنجي ٽڪر جي دامن ۾ رهيو. حديقة الاولياء جو صاحب لکي ٿو ته هن صاحب هن درويش سان ملاقات ڪئي. ۽ اسحاق آهنگر جو سنڌي بيت هن کان ٻڌو. هي سنڌي شعر جي شروعات آهي. سندس وفات ٩٠٣ھ /١٤٩٧ع ۾ ٿي آهي. ۽ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ آرامي آهي.

٢٥ـ حاجي ويسر: هي پنهنجي وقت جو نامور صالح ۽ پرهيزگار بزرگ

هو، ۽ شيخ پرڪئي ڪاتيار جو همعصر هو.
٢٦ـ مخدوم ملا آري سونڊوي: هي بزرگ، وقت جي ڪامل، ۽ شيخ المشائخ سيد علي شيرازي ڪلان (ولادت ٧٩٥هه/ ١٣٩٢ع ۽ وفات ٨٧٧هه / ١٣٧٢ع) جو ناميارو مريد آهي. ڪينجهر جي سڄي "گندرا" قوم هن جي مريد هئي. ان جي اولاد مان مخدوم ملا بايزيد ۽ ملا ابوبڪر مشهور آهن. ملا ابوبڪر مخدوم نوح رحہ جو همعصر آهي.
٢٧ـ سيد محمد حسيني المعروف سيد مراد انجوي ٺٽوي: هي صاحب سيد احمد بن عرف ميران محمد جو فرزند هو. ڄمندي ئي ڄام هو. هن جي تولد جون نشانيون گهڻن ئي بزرگن ڏنيون. جن مان شيخ عيسيٰ لنگوٽيو، بيرڪر ۽ گنج قلندر مشهور آهن. هي صاحب ڄام فتح خان بن ڄام سڪندر سمي جي عهد ٨٣١هه / ١٤٢٧ع ۾ پيدا ٿيو. هن جون ڪرامتون بيشمار آهن، جي حاجي محمد حسين صفائي جي تاليف ڪيل رسالہ "تذڪرة المراد" ۾ آيل آهن. سندن وفات ٨٩٣هه /١٤٨٧ع ۾ ٿي. ڪين ٽي فرزند بنام، ١ـ سيد منصور ٢ـ سيد نعمت الله ۽ ٣ـ سيد حماد عنايت ٿيا. جن جو ڪثير اولاد آهي.
٢٨ـ٢٩ سيد احمد ۽ سيد محمد مشهدي: سيد محمد عابد مشهدي جا فرزند آهن ۽ ٩١٠ هه /١٥٠٤ع ۾ ساموئي ۾ آيا. سيد محمد هت گذاري ويو. سيد احمد رهي پيو. شاهہ بيگ ارغون هنن ساداتن کي محلہ مغلواڙي ۾ آباد ڪرايو ۽ وجہ معاش بہ مقرر ڪيو. ان جي اولاد مان سيد محمد، سيد دائود، سيد احمد ۽ سيد يعقوب مشهور آهن. سيد محمد قاسم بن سيد محمد بن سيد دائود شهيد سيد جعفر بڪريءَ جي ذريعي شاهہ عبدالڪريم جو وجي خليفو مقرر ٿيو.
٣٠ـ شيخ طلحو: هي صاحب شيخ بهاوءالدين جي اولاد مان ڪامل وليءَ ٿي گذريو آهي. سيد مراد وٽ وجي سندس ڪرامت ڏيکارڻ جو واقعو سيد عبدالڪريم جي رسالي ۾ آهي. پر "تذڪرةالمراد" ۾ ان کان ابتڙ آهي.
٣١ـ پير ڪريم: هي قديمي بزرگ ۽ شاندار ڪرامتن جو صاحب

سرزمين ساڪري ۾ مدفون آهي. گڏ ان جا بيحد مطيح آهن. هن جي وفات سمن،جي عهد جي وچ ۾ واقع ٿي.

سرور سائينءَ جا معاصر: هاڻي اچون ٿا سرور سائين جي سپتين سهيوڳين تي. نيڪ روشن هجي تہ انهن ڏينهن ۾ سنڌ ڇهن مکيہ سرڪارن ۾ ورهايل هئي ۽ هرهڪ سرڪار وري ڌار ڌار محلن ۾ تقسيم ٿيل هئي. اهڙو بيان آئين اڪبري ابوالفضل ۽ ميرڪ يوسف جي تاريخ "مظهر شاهجهاني"ءَ ۾ پڻ درج ٿيل آهي. ان دور ۾ سنڌ جو هيئنءَ طرح ورهاڱو ٿيل هو.

١ـ سرڪار بکر: ان ۾ ١٢ محلا هئا: بکر، اچ، ماٿيلو، اوباوڙو، الور، دربيلو وغيره.

٢ـ سرڪار سيوستان: ان ۾ ٩ محلا: سيوستان، پاٽ، باغبان، ڪاهان، لاڪاٽ وغيره.

٣ـ سرڪار چاچڪان: ان ۾ ١١ محلا: چاچڪان، جوڻ، فتح باغ وغيره.

٤ـ سرڪار نصرپور: ان ۾ ٧ محلا: نصرپور، امرڪوٽ، هالا ڪنڊي، سماواتي، اگهم وغيره.

٥ـ سرڪار چڪر هالا: ان ۾ ٨ محلا: چڪر هالا، غازيپور وغيره.

٦ـ سرڪار ٺٽہ: ان ۾ ١٨ محلا: ٺٽو، (ٺٽہ): بندر لاهري، بتوره (بٺورو) بهرامپور، ساڪرو وغيره.

ان ڪري اسان بزرگن جا نالا سرڪار وار ڏينداسون. بزرگن جي ذڪر خير ڪرڻ کان اڳ ۾ قارئين ڪرام کي هي ذهن نشين ڪرائڻ ٿو چاهيان تہ تاريخ معصومي، مرزا شاهہ حسن، مرزا عيسيٰ ۽ مرزا محمد باقي ترخان ۽ سلطان محمود خان، جن جي زماني جي سيدن، عالمن مشائخن، قاضين، فاضلن ۽ شاعرن جي بيان ۾ جن بزرگن جو احوال آندو آهي، اهي سڀ مخدوم نوح رحہ سرور سائين جن جا مٽيادار معاصر آهن. انهن جو انداز ايڪونجاهہ آهي.

وري مرحوم مير علي شير "قانع" پنهنجي مشهور تصنيف "مقالات الشعراءِ" ص ٢٨٢ ۾ سپاهي جي ضمن ۾ شاهہ حسن ارغون "المتخلّص"

"سپاهي" ۽ جي ستاويهہ ڪن سهيوڳين جو ذڪرڪيو آهي، جي گهڻو ڪري "تاريخ معصومي ۽" ۾ سڀ اچي ويا آهن. مرزا باقي جي ضمن ۾ بہ ائين معاصرن جو ذڪر مير علي شير "قانع" ڪيو آهي، سو بہ تاريخ معصومي ۽ تان ورتل آهي چڱو هاڻي بزرگن جي باتين جي پيدن مان پاونا ڏهو.

بکر سرڪارجا بزرگ

۱ـ **ميرابوالبقا:** بکر جو هڪ نهايت سڳورو سيد فقيري ۾ خاص حال جو مالڪ هو. همايون بادشاهہ جڏهين هتي آيو تڏهن سيد صاحب جي زيارت لاءِ سندن گهر تشريف فرما ٿيو.

بکر جي چوڪيدارن کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن رستي ويندي تير وسائي سيد صاحب کي شهيد ڪيائون. همايون بادشاهہ کي هن جي شهيد ٿيڻ ڪري ڏاڍو ڏک ٿيو.

۲ـ **شاهہ قطب الدين محمد بن شاهہ محمود بن شاهہ طيب هروي:** اصل خراسان جو باشندو هو. ۽ ترڪماني فسادن بعد سنڌ ۾ آيو ۽ بکر ۾ مقيم ٿيو. شاهہ حسن ارغون کيس بکر جو "شيخ الاسلام" مقرر ڪيو. پاڻ ذي اثر واعظ هو. ۹۹۷هہ / ۱۵۸۸ع ۾ وفات ڪيائين. پاڻ شاعر بہ هو ۽ سندس هي شعر قابل داد آهي:

جهادِ نفس به ست از جهادِ اسلامي،
ڪہ در درونِ جان است دشمن دين را.

۳ـ **شاهہ جهانگير هاشمي:** "تحفةالڪرام" ۾ هن صاحب کي مذڪور شاهہ طيب جي اولاد مان ڏيکاريو ويو آهي. مگر "مقالات الشعرا" ۾ کيس هاشمي ڪرماني سڏيو ويو آهي. هن جو نسب سندس والد جي طرفان شاهہ قاسم انوار (۷۵۷ـ ۸۳۷هہ= ۱۳۵٦ـ ۱۴۳۳) ۽ مادر طرفان شاهہ نعمت الله ولي (۷۳۱ـ ۸۳۴ = ۱۳۳۰ ـ ۱۴۳۰ع) تائين پهچي ٿو. شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ خراسان مان اچي بکر ۾ سڪونت اختيار ڪيائين ۽ شاهہ حسن جي دربار جي فصيح ۽ بليغ شاعرن مان هو: "فن شعر ۾ بينظير هو." مثنوي تحفةالاحرار جي جواب ۾ "مظهر

الاثار" لکيائين ۽ "مظهر الانوار" پڻ "مخزن الاسرار" جي جواب ۾ لکيائين, مگر پوئين مثنويءَ جو اڌ پورو پرو پئجي نہ سگهيو آهي. "ديوان هاشمي" بہ سندس علمي ۽ ادبي نشانين مان آهي. سنہ ٩٤٦ ھ / ١٥٣٩ع ۾ حج ڏانهن ويندي ڪيچ مڪران وٽ شهيد ٿيو. سندس هڪ بہ شعر نموني خاطر ڏجن ٿا.

بي تو نہ بود هوَس جرعۂ مَي در سرما,
گر همه چشمۂ خورشيد بود ساغر ما ـ

ذڪرتبخير باد ڪہ در بزم ڪائنات,
خاموش نيست انجمني از دعاي تو.

٣ـ قاضي قاضن بن قاضي ابو سعيد بن قاضي زين الدّين بن قاضي قاضن بن قاني ابوالخير: اصل سيوستان (سيوهڻ) جو باشندو هو. صالح والد جو صالح فرزند هو. سندس تڙ ڏاڏو قاضي ابوالخير, جو فضيلت ۽ حال جو صاحب هو, سو وڃي بکر ۾ رهيو. قاضي صاحب سيني ۾ همہ تن موصوف هو. هي پهريون شاعر آهي جنهن جي بيتن کي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ اوليت جي فضيلت ڏني وڃي ٿي. سيد محمد جونپوري عرف مهدي جونپوريءَ جو مريد هو.

شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ پنهنجي آبائي عهدي بکر جي قضا تي قائم ٿيو ۽ جڏهن پيرسن ٿيو تڏهين استعيفا ڏيئي پنهنجي پاءِ قاضي نصرالله کي بکر جو قاضي مقرر ڪرايائين. قاضي نصر الله بابت تحفة الکرام هنن لفظن ۾ لکيو آهي, "قاضي نصرالله ظاهري خواهہ معنوي ڪمالات سان سَينگاريل هو. وڏن جو طريقو پوريءَ طرح روشن رکندو آيو. قسمت جي ڏينهن گذارڻ کان پوءِ عزت ۽ ناموريءَ سان گذاري ويو. قاضي قاضن جي وفات شاهہ حسن جي وفات کان چار سال اڳ ٩٥٨ ھ /١٥٥١ع ۾ واقع ٿي. شاهہ ڪريم رح جو روح شال سڪون ۾ هجي جنهن جي معرفت قاضي قاضن جا ڪَتي جي تارن وانگر ست روشن

ستارا (بيت) سنڌي ادب جي آسمان کي روشن ڪرڻ لاءِ اسان کي عنايت ٿيا. سندس هڪ ٻہ بيت برڪت لاءِ ڏجو:

(۱) ڪنز قدوري ڪافيو جي پڙهي پروڙين سڀ
تہ ڪر منڊي ماڪوڙي کوهہ ۾ پئي ڪڇي آپ

(۲) "لا" لاهيندي ڪن کي "لا" موراهين ناهہ،
بالله ريءَ پريان، ڪٿ نہ ڏسي ڪي ٻيو.

گلزار ابرار جي مصنف مولانا غوثي چاٽايو تہ شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي، جنهن جو قبو برهانپور کان اتر آهي، سندس با عقيدت دوستن مان هو. ذات حق باد گشن روحش.

۵- قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم: هي بزرگ محل دربيلي سرڪار بکر جو ويٺل هو. علم جي تحصيل مخدوم عبدالعزيز ڪاهاني محدث وٽ ڪيائين. پورو متقي ۽ پرهيزگار هو. شاهہ بيگ جي فتح بعد باغبان ۽ رؤت ۾ پڻ اچي رهيو هو. سن ۹۳۴ هہ /۱۵۲۷ع ۾ سنڌ کان گجرات ۽ اتان پوءِ مديني منور ويو ۽ "ڪتاب النور السافر في اخبار القرآن العاشر" جي حوالي مطابق سندس وفات ذوالحج ۹۸۴هہ/ ۱۵۷٦ع ۾ ٿي. سندس ٽي فرزند - شيخ صالح، شيخ رحمةالله ۽ شيخ حميد هئا، جي پڻ نيڪ والد جا نيڪ ميوا هئا. خدا صاحب مرهين!. . . . . .
. . شيخ رحمت الله بابت تحفةالڪرام لکيو آهي تہ "شيخ رحمة الله جو وجود خدا جي خاص ۽ نسوري رحمت هو. فضل ۽ ڪمالات جي فن سان سينگاريل ۽ وقت جو بينظير عالم هو. مناسڪ الحج متعلق هن جا ٽي رسالا يادگار آهن، جن مان "المنسڪ المتوسط" عرب ۾ رائج ۽ معروف آهي. هن صاحب جي وفات مڪي شريف ۾ ۱۲- محرم سن ۹۹۳هہ / ۱۴- جنوري ۱۵۸۵ع ۾ واقع ٿي. شيخ حميد نالي، مرحوم قانع چاٽايو آهي تہ علوم عقلي ۽ نقلي ۾ تعريف جو لائق هو. حديث ۽ تفسير ۾ وڏي دسترس هيس. خان اعظم ڪوڪہ سان گڏجي مڪي شريف ويو. اتي اهل حديث جو امام بڻيو سندس وفات ۱۰۰۹هہ / ۱٦۰۰ع ۾ ڏيکاري وئي آهي. مير معصوم بہ ڪائنس گجرات ۾ فيض حاصل ڪيو.

٦ـ شيخ عبدالله متقي بن مولانا سعد سنڌي درپيلوي: هيءُ بزرگ درپيلي جو ساڪن هو ۽ علم حديث ۽ علم تفسير ۾ وڏي مهارت رکندو هو. سن ٧ ٩٣هه/ ١٥٣٠ع ۾ سنڌ مان گجرات ڏي ويو ۽ اتان وري مديني منور ۾ وڃي مذڪور قاضي عبدالله سان مليو. پاڻ ڏار ڏار علمن ۾ رسالا تصنيف ڪيا اٿس.

٧ـ مولانا يونس سمرقندي: علم ۽ عرفان وارن جو پيشوا ۽ وقت جي عالمن جو اڳواڻ هو. مرزا شاهه حسن جي حڪومت وارن ڏينهن ۾ ماوراءالنهر کان سنڌ ۾ داخل ٿيو. ڪجهه وقت مرزا شاهه حسن کي "شرح مواقف" ۽ ٻين علمن پاڙهڻ ۾ مشغول رهيو. سندس وفات سنہ ٩٥١هه/ ١٥٤٤ع ۾ ٿي.

٨ـ مولانا يوسف: فقط تاريخ معصومي واري صاحب هن بزرگ بابت لکيو آهي تہ "نهايت ديندار ۽ پرهيزگار آهي. ۽ شرعي علمن ۾ سندس مٽ ڪوبہ ڪونہ آهي."

٩ـ سيد تاج الدين بکري: هي بکر جي صحيح النسب سيدن مان آهي. نقابت جي عهدي (سيدن جي پڳداري) تي فائز هو. هي "واجب التعظيم نقيب ظاهري خواهہ معنوي سقارت جي اسباب جمع ٿيڻ ڪري سيني سيدن کان ممتاز هو: تاريخ معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو: "هُن جي دور ۾ بہ بکر جي سيدن جي نقابت انهيءَ بزرگ جي اولاد سان تعلق رکي ٿي." بکر ۾ سندس گھڻو اولاد موجود آهي.

١٠ـ مولانا فخري هروي: باڪمال ۽ بافضيلت مرد. مرزا شاهه حسن جي زماني جو فخر ۽ اڪابرن مان هڪ هو. هن جون تصنيفون صنايع ۽ بدايع، عروض ۽ منطق بابت آهن.

شعر جو نمونو جو مير علي شير قانع ڏنو آهي، سو ملاحظ ٿئي:

مجنون ڪ ره باديه سر ڪردچ سرداشت،

ليليٰ نہ مغيل است ڪ از باديه رويد.

١١ـ مير سيد صفائي بن سيد مرتضيٰ الحسيني الترمذي: هي صاحب شير قلندر بابا حسن ابدال مشهور ولي الله جي نسب مان هو. وڏو

عالم، فاضل ۽ سخي ٿي گذريو آهي. مٿئين شاهه قطب الدين جي فوت ٿيڻ بعد سلطان محمود خان هن کي بکر جو شيخ اسلام مقرر ڪيو. ذوالقعد ٩٩١هه/ ١٥٨٣ع ۾ عالم آخرت ڏانهن روانو ٿيو. جامع مسجد جا سنڌن جڳهه جي پرسان آهي، سا سنڌس نشاني آهي. سنڌس گرامي قدر فرزند مير معصوم مصنف "تاريخ معصومي" جنهن جا نشان اڃا تائين سکر ۾ موجود آهن، يعني منارو وغيره. پهريائين سلطان محمود خان وٽ ۽ پوءِ اڪبر بادشاهه وٽ وڏي مرتبي کي پهتو. خان خانان سان گڏجي سنڌ جي فتح ڪرڻ واري مهم ۾ نمايان حصو ورتائين. ديوان ۽ خمسه جو صاحب آهي. "نامي" تخلص ڪندو هو. "طب نامي" ۽ "مثنوي ناز ونياز" (سسئي ۽ پنهون) سنڌس يادگار آهن. هي صاحب ١٠١٤هه / ١٦٠٥ع ۾ هن دنيا کان جاوداني جهان طرف روانو ٿيو. سنڌس هڪ شعر حظ خاطر ملاحظه ٿئي:-

چه خوش ست آنڪ از خود روم و تو حال پرسي،
بتو شرح حال گويم بزبانِ بي زباني

١٢ـ شاهه حسين ٽڪدري: مرزا شاهه حسن جي دربار جو هڪ خدا رسيد امير هو. طبع جي تيزيءَ ذهن جي صفائيءَ ۽ سهڻن اخلاقن ۾ وڏي منزل حاصل هيس. "روضة السلاطين" سنڌس تصنيف آهي. "مقالات الشعرا"ءِ ۾ سنڌس هيٺيون شعر يادگار آهي:

بر اوج دو روزه نشوي غرّه ڪه ناوڪ
هر چند رود رُو بهوا باز بخاڪ است.

١٣ـ مير شاهه مسعود صدر: مرزا شاهه حسن جي دربار جو بيو شاعر، خوش طبع طالب علم ۽ فاضل عامل هو. ڪڏهن ڪڏهن شعر حقيقت افروز چوندو هو. "مقالات الشعرا"ءِ سنڌس هيٺيون شعر ڏنو آهي.

افسوس ڪه برباد شد ايّام شباب
ماند است همين نامم چون نقش بر آب
باقي نفسي ست پاس نتوانم داشت
مانند حباب مي شوم خانهء خراب.

١٤- مير قاسم خان نمڪين هروي: هي صاحب ملا مير سبزواريءَ جو پٽ هو، جو امام موسيٰ رضا جي روضي جو متولي هو. هي بزرگوار اڪبر بادشاهه جي درٻار ۾ چار هزاري منصب تائين پهتو: قندار جي جنگ ۾ شهيد ٿيو، ۽ لوهريءَ (روهڙي) جي ٽڪريءَ تي درياهه جي ڪناري تي مدفون آهي. جنهن کي (ستين جو آستان) يا (ٿاڻ) ڪري ٿا سڏين. حالانڪ هن کي "قاسم خاني"، ستياس، ڪوهه هفت دختر ۽ "ڪارماتري" بہ لکيو اٿن ۽ سڏيو اٿن.

هي عبرت جو مڪان ڏسڻ وٽان آهي. "تذڪره اميرخاني" ۾، مظهر شاهجهانيءَ جي مصنف ميرڪ يوسف بن مير قاسم "نمڪين" جي حوالي سان محترم حسام الدين راشديءَ آندو آهي تہ قتل نہ ٿيو آهي، مگر قندار کان واپسي وقت راهه ۾ راهه رباني وٺي راهي ٿيو. مير قاسم خان اڪبر بادشاهه جي پاران بکر تي يارهون گورنر هو. ۽ سندس سال ورود ١٠٠٣هه/ ١٥١٥ع آهي. ٻيو دفعو اڪبر جي انتقال بعد عهدِ جهانگير جي پهرين سال ۾ گورنر ٿي آيو ۽ بکر ۾ اچي مقيم ٿيو. ۽ ستين واري ٿاڻ کي پنهنجي خاندان جو قبرستان مقرر ڪيو. لبِ تاريخ مطابق سندس سال وفات ١٠١٩هه/ ١٦١٠ع آهي. پر ڪتبہ مطابق سندس سال وفات ١٠١٨هه /١٦٠٩ع ۽ ١٠١٩هه /١٦١٠ع بہ آهي. سندس مدفن صفحہ صفايا قاسم خواني يا ستين جو آستان روهڙي شريف ۾ آهي. مير ابوالقاسم کان سواءِ ٻيون بہ سؤ کن قبرون آهن ۽ ١٠١٨هه/ ١٦٠٩ع کان ١٠٨٦هه /١٦٧٥ع تائين اها جاءِ قاسم خاني خاندان جي قبرستان طور ڪم ايندي رهي آهي. ايوان جي وچ ۾ هڪ وڏو چبوترو آهي، جنهن ۾ ڏهه قبرون آهن. منجهس پنجين نمبر قبر ابوالقاسم نمڪين جي آهي. ان پٿريلي تربت تي دستوري گلڪاري بدران لوڙهه جي متان خواهه ٻنهي پاسن تي قرآني آيتون ۽ مشائخن جا عربي قول اُڪريل آهن. ان پٿر تي وڏي پارسي نستعليق اکرن ۾ سيرانديءَ کان هي ڪتبو آهي:

مير ابوالقاسم آن يگانہ عصر، ڪہ بجز تخم دين و داد نڪشت،
ملڪ اقبال در تصرف داشت، چون اجل در رسيد جملہ بهشت،
ديده دل ڪشاد و برگيرد، عبرت اي عاقلان پاڪ سرشت.

اندرئين طرف وري هيٺيون ڪتبو آهي جو متئين قطعي جو حصو سمجهڻ گهرجي:

گر بود بستر از حرير چہ سود، چون نهد مرگ زير بالين خشت،
خلف منير او ز"داغ ابی"، چونڪ تاريخ سال فوت نوشت،
۱۰۱۸ھ
گفت ملهم مُرا بگوش ضمير، سال فوتش ڪ "باد جاش بهشت".
۱۰۱۸ھ

وري پيرانديءَ جي ڪتبي جي پوئين مصرع مان ۱۰۱۹ھ سال نڪري ٿو مصرع هي آهي:

سالِ وفات او طلب از "داغ داد" ڪرد.
۱۰۱۹ھ

هن جو لائق فرزند نواب امير خان عرف مير ابوالبقا هو، جو تحفة الڪرام جي لکڻ موجب پيءُ کان بہ ٻہ ـ ٽي پد مٿي چڙهي ويو ۽ اڪبر بادشاہ پاران ٺٽي جو اٺون نواب هو. ٺٽي ۾ سندس ورود ٿيڻ جي تاريخ تحفة الڪرام ۱۰۳۷ھ /۱٦۲۷ع ڄاڻائي آهي، مگر لب تاريخ ۱۰۵۴ھ/ ۱٦۴۴ع لکي آهي. تحفة الڪرام مرزا عيسيٰ ترخان جي نوابيءَ جي تاريخ ۱۰۳۷ھ/ ۱٦۲۷ع لکي آهي. مگر لب تاريخ جي ڇاپي ۾ غلطي آهي. ۱۰۵۴ھ نہ مگر ۱۰۴۴ ھ/ ۱٦۳۴ع هئڻ گهرجي. جو نواب امير خان کان پوءِ نواب مظفر خان الموسوم بہ مير عبدالرزاق معموري جو سال ورود ۱۰۴۹ھ/ ۱٦۳۹ع آهي. پر راشدي صاحب تذڪرہ امير خانيءَ ۾ مظهر شاهجهانيءَ جي حوالي سندس ٺٽي ۾ سال ورود ۱۰۳۹ھ/ ۱٦۲۹ع ڄاڻايو آهي ۽ هي بہ لکيو آهي تہ مرزا عيسيٰ ترخان ثانيءَ بعد هن گورنري ڪئي. هي صاحب مير پور بٺوري واديءَ جو باني آهي (جنهن جو مفصل ذڪر بندي مير پور بٺوري جي مقالي ۾ ڏنو آهي، جو سہ ماهي مهراڻ ۾ شايع ٿي چڪو آهي) علم فضل ۽ فراست ۾ معروف هو ۽ سندس سياڻپ جا گهڻائي قصا مشهور آهن. شاعر بہ باڪمال هو. ٺٽي جا مير خاني سادات سندس نسل مان آهن، جن مان

مير ابوالمڪارم متخلص "شهود" مشهور آهي. سندس هڪ مثنوي "پريخان سليمان" مشهور آهي. سيوهڻ ۾ مدفون آهي.

اچو تہ نواب امير خان ۽ "شهود" صاحب جي اشعار جو مزو وٺون. امير خان: فلڪ بہ سوختگان پيشتر هي سوزد - بين زغال ڪہ مخصوص بهر سوختن است. "شهود" جي تربت تي پنهنجو تاهيل ڪتبو لڳل آهي. ملاحظہ ڪريو:-

ڪسي گر بپر سد ز تاريخ ماه
همين گو "بجنت خدا داد جا"
١٠٧٣ ھ
/١٦٦٢ع

١٥- امير غياث الدين رضائي سبر واري: مير غياث الدين محمد عرف سلطاني رضائي عريضي سبزواري "حبيب السير" جي مصنف "خواند مير" جو پوٽو ۽ "سلطان جنيد صفوي ؒ" جو ڏهٽو هو. شاه بيگ ارغون جو مقرب هو. هن سان گڏ سنڌ ۾ اچي بکر ۾ مقيم ٿيو. هي صاحب بہ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شعر جو نمونو ملاحظہ ٿئي:

نقش پاي ناقهٔ ليليٰ نہ گرد آلوده بود،
سرمہ بهر روشنيء چشمِ مجنون سوده بود

سندس پٽ مير ابوالمڪارم ڪي پهريائين مرزا شاه حسن ارغون ۽ ان کان پوءِ سلطان محمود خان عراق و عجم جي بادشاه (١) ڏانهن ايلچي ڪري

(١)تاريخ معصومي عجم جي بادشاه جو نالو طهماسپ لکيو آهي. مير علي شير قانع، "مقالات الشعرا" ۾ "تاريخ معصوميء جو نقل ڪيو آهي. مگر تحفة الڪرام ۾ شاه اسماعيل صفوي ڄاڻايو اٿس. سلطان محمود ڪوڪلتاشي جو سن وفات ٩٨٢ ھ/ ١٥٧٣ع آهي. مگر تاريخ معصومي خواه تحفة الڪرام ۾ جڏهين سلطان محمود جو بيان اچي ٿو. تڏهين پڙري پٽ ظاهر آهي تہ شاه طهماسپ صفويء جي طرفان حق بردي بيگ ٩٦٩ھ/١٥٦١ع ۾ ايلچي ٿي آيو ۽ هتان سلطان محمود مير ابوالمڪارم گڏي ڏنو. ان ڪري ان وقت شاه طهماسپ عجم جو بادشاه هو ۽ نہ شاه اسماعيل صفوي. ڇو جو بادشاه اسماعيل ٩٢٠ ھ / ١٥٢٣ع ۾ فوت ٿي چڪو هو. تاريخ ۾ آيل آهي تہ هن ساڳئي سال شاه طهماشپ اڪبر بادشاه ڏي بہ ايلچي موڪليو.

موڪليو هو. جتان قسمين قسمين نوازشون ۽ "سلطاني"ءَجو خطاب وٺي موٽي آيو. نهايت خوش طبع هو ۽ علمي ڪمالات سان سينگاريل هو ۽ طبع موزون هيس. مقالات الشعراء ۾ سندس هي شعر آيل آهي:

عاقبت سوختن و ساختنت ڪاري ڪرد
صيقل آئينہ گرديد ڪفِ خاڪستر

مير ابوالمڪارم جو فرزند مير عبدالله سلطان عرف خان عريض سيوستان ۾ ڄائو ۽ نپنو. ان بعد هي پنهنجي ياءِ مير عبدالرسول سان گڏجي ٺٽي آيو ۽ اتي ۱۰۵۴ هه/ ۱٦۴۴ع ۾ گذاري ويو. انَ جي اولاد ۾، ٺٽي جا سادات عريضي سبزواري سڏبا هئا. مير عبدالله عريضي جي طبع موزون هئي. سندس ڪلام جو نمونو مير علي شير قانع مقالات الشعراء ۾ ڏنو آهي. ملاحظہ ڪريو:

پيء نا ديدنِ عيب من وتو
مژه مسمار شد بر روزن چشم

۱٦ـ مولانا عبدالخالق گيلاني: هي علم جو يگانہ روزگار مير معصوم جو همعصر هو. ان ڪري اسان "تاريخ معصومي"ءَ جو احوال ڏينداسون. تاريخ تحفة الڪرام هن بزرگ جو ذڪر فقط حوالي طور ميرڪ شيخ عبدالباقيءَ جي ضمن ۾ ڪيو آهيءِ بس.

هي صاحب مولانا علامي عبدالله يزدي جو شاگرد رشيد هو. ابتدا ۾ سنہ ۹۷۲هه/ ۱۵٦۴ع ۾ قندار کان بکر ۾ آيو ۽ مير معصوم جي جاءِ تي درس و تدريس ۾ مشغول رهيو. ٿورئي وقت ۾ ٺٽي جو سفر اختيار ڪيائون ۽ شيخ ميرڪ جي خدمت کان شرف حاصل ڪري ڪي ڏينهن سندس منزل ۾ سڪونت ڪري، علم جي تحصيل ۾ مشغول رهيا. ٺٽي جي اڪثر فاضلن سندن شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪيو. پاڻ مولانا مرزا جان ۽ شاهہ فتح الله جا همعصر هئا. آخري ڏينهن ۾ پاڻ دکن ڏانهن راهي ٿيا، جتي رحلت ڪيائون. سندن رشيد شاگردن مان قاضي محمود ٺٽي ۾ موجود هو، جنهن جو علم ۽ فضل ۾ بلند رتبو هو.

١٧- شيخ رڪن الدين مير غورماني: هن جو احوال فقط تاريخ معصوميءَ ۾ آيل آهي. مير معصوم رقم طراز آهي: "شيخ رڪن الدين علاؤالدوله سمنانيءَ جي اولاد مان هو ۽ شيخ عبدالوهاب پورانيءَ جي همشيره شيخ جي نڪاح ۾ هئي. نهايت خوش طبع ۽ لطيف گو هوندو هو ۽ موسيقيءَ جي فن جي ڏاڍي واقفيت هيس. سلطان محمود جي اوائل ۾ هو ٺٽي کان بکر ۾ آيو ۽ ٻه سال کن گذاري هندستان ويو. جتي ٩٨٠هه /١٥٢٧ع جي آخر ۾ وفات ڪيائين."

١٨- قاضي دائود: هن جو به احوال فقط تاريخ معصوميءَ ۾ آيل آهي. هي صاحب اصل فتح پور جو هو، جا سيويءَ جي پسگردائيءَ ۾ آهي. سلطان محمود خان جي حڪومت جي اوائل ۾ بکر شهر جي قضا جو عهدو قبول ڪري، شرعي مقدمن جا فيصلا ڪندو هو. في الحقيقت هو صاحب پنهنجي زماني جو يگانو هو. ديناري ۽ پرهيزگاريءَ درويشيءَ جو مالڪ هو. شرعي فيصلا ڪندي ڪنهن به ڏر ڏانهن لاڙو يا چشم پوشي کانه ڏيکاريائين. شريعت جو صاحب، متقي ۽ ديندار بزرگ هو. شوال ٩٨١هه /١٥٧٣ع ۾ بکر ۾ فوت ٿيو.

١٩- مولانا عبدالله مفتي: هي بزرگ اصل ملتان جو وينل هو. حقيقت ۾ مولانا عقلي علمن ۾ وڏي دسترس رکندو هو. مولانا جي طبع جي تيزي ۽ ذهن جي نزاڪت تمام بلند هئي. ٩٧٠هه /١٥٦٢ع ۾ فوت ٿيو.

٢٠- مير يونس محمد ارغون: هن صاحب جو احوال تحفة الڪرام جي صاحب، ارغوني ۽ ترخاني اميرن جي ضمن ۾، تاريخ معصوميءَ تان آندو آهي. هي امير پهريائين همايون بادشاهه ۽ محمد زمان مرزا جي ملازمت ۾ هو. پوءِ مرزا شاهه حسن ۽ سلطان محمود خان جو درباري امير ٿيو. ترڪي ۽ پارسي زبانن ۾ اعليٰ درجي جو شاعر هو. سن ٩٨٥هه /١٥٧٧ع ۾ وفات ڪيائين. وفات کان ٻه ڏينهن اڳ پنهنجي وفات جو تاريخي مادو حسب ذيل ڏاهيائين:

"رستم از قيد اين و آن اي دل."

۲۱ـ مولانا يار محمد عرف مولانا ياري: هي بزرگ اصل هرات جو هو. نهايت قابل شاعر ۽ خوش طبع انشا پرداز هو. سلطان محمود هن کي ايلچي ڪري همايون بادشاهہ ڏي موڪليو. مگر هو صاحب اتي هلي نہ سگهيو. سو موٽي سيتپور ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين ۽ اتي ئي فوت ٿيو. سندس ڪلام مان هڪ شعر نموني طور پيش ڪجي ٿو، جو گجرات بابت چيو اٿس:

"گجرات خوش دياري، اما بشرط ياري،
بي يار چون توان بود در اين چنين دياري"

۲۲ـ مولانا ابراهيم ولد مولانا جمال الدين مفتي: هن جو ذڪر بہ فقط تاريخ معصوميءَ ۾ آيل آهي. هي صاحب، زاهد، عابد ۽ گوشہ نشين هو. فقہ جي علم ۾ سندس مٽ ڪونہ هو. سندس هر فتويٰ کي متفق عليہ جي حيثيت حاصل هئي. ان دور جا قاضي سندس فتويٰ تي عمل ڪندا هئا. ۹۸ ورهين جي ڄمار ۾ هي جهان ڇڏيائين.

۲۳ـ مولانا قاسم ديوان: ابتدا ۾ هن بزرگ مخدوم ميران جي خدمت ۾ رهي علم جا مرحلا طئي ڪيا. پوءِ ٻاهر وڃي مولانا محمود "سرخ" جي مشهور مدرسي جو متعلم ٿيو. ان بعد سنڌ ۾ آيو. سلطان محمود جنهن وقت سيويءَ جو حاڪم ٿيو تڏهن هن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو، جتي هن کان قرآن شريف ۽ ٻين ڪتابن جا سبق حاصل ڪندو هو. هن صاحب ۹۷۷هہ /۱۵۹٦ع ۾ وصال ڪيو.

۲۴ـ ملا اسحاق بکري: هن صاحب جو احوال تحفةالڪرام ۾ آيو آهي. نهايت فضيلت جو صاحب ۽ سلطان محمود خان جو ملازم هو. آخر ۾ مرزا جاني بيگ جي فرزند غازي بيگ وقاريءَ جو استاد مقرر ٿيو.

۲۵ـ ميرڪ بايزيد: ميرڪ بايزيد ميرڪ ابو سعيد پورانيءَ جو لائق فرزند هو. مير ابو سعيد بن مير علي شاهہ سبزواري عرب شاهي، ميرڪ ابو سعيد شيخ جلال الدين بايزيد پورانيءَ جو ڏهٽو هو. هن صاحب جا ٻہ فرزند ميرڪ بايزيد ۽ ميرڪ شيخ محمود، علمي خواهہ عملي ڪمالات جا جامع هئا. ٻئي پائر سبزوار کان اچي قنڌار ۾ رهڻ لڳا. جتان پوءِ شاهہ

بيگ ارغون سان گڏ سنڌ ۾ آيا. ميرڪ بايزيد بکر ۽ سکر جي "شيخ الاسلام" جي عهدي تي مقرر ٿي، سکر ۾ رهڻ لڳو، ۽ سندس پاءُ ميرڪ محمود ٺٽي ۾ سکونت اختيار ڪئي. سندس ذڪر ٺٽي جي عالمن ۽ فاضلن جي ذڪر ۾ ايندو.

ميرڪ بايزيد جا ٻہ فرزند شيخ ميرڪ محمد اول ۽ شيخ عبدالوهاب مشهور ٿي گذريا آهن. ٻنهي لاءِ تاريخ معصوميءَ لکيو آهي تہ: "شيخ محمود ميرڪ جا پائٽيا پنهنجي وقت جا سرڪردا ۽ زماني جا اڳواڻ هئا." شيخ محمد لاءِ تحفة الڪرام لکيو آهي تہ "هن حياتيءَ جا ڏينهن ڪماليت جي صاحبن وانگيان مڪہ ۾ مشهور ماڻهن جي نموني ٿي گذاريا. ميرتقي الدينءَ مير محمد افضل نالي ہہ پٽ ڇڏي ويو." ٺٽي جي ضمن ۾ شيخ عبدالوهاب جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "شيخ ٺٽي ۾ اچي نهايت بزرگيءَ سان وڏن جي طريقي کي زنده رکڻ ۽ سيني علمن ۾ ماهر هجڻ جي حالت ۾ سنہ ٩٧٠هہ/١٥٦٢ع ۾ گذاري ويو. صاحب تاريخ معصومي شيخ عبدالوهاب جو احوال تفصيل سان ڏنو آهي. لکي ٿو تہ "شيخ عبدالوهاب سهڻين عادتن ۽ وڻندڙ خصلتن سان سينگاريل هو. نهايت خوش طبع ۽ مجلس جو مور هو. شعر نهايت چڱيءَ طرح سمجهندو هو. شريعت جو پابند ۽ تمام پرهيزگار هو. بادشاهن کي نصيحت ۽ وعظ ڪرڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪندو هو. ظلم ۽ بدعت کي دفع ڪرڻ لاءِ ڏاڍو سعيو هوندو هوس. فقه جي علم ۾ "جامع فتاويٰ پوراني" جا ٺٽي ۽ بکر ۾ مشهور آهي، سا هن صاحب جي تصنيف آهي. تاريخ معصومي ۾ انهي پائرن جي وفات جو اتفاق سنہ ٩٩٠هہ/١٥٨٢ع ۾ ڏيکاريل آهي. تحفة الڪرام ۾ شيخ عبدالوهاب پورانيءَ جي شهادت ٩٩٢هہ/ ١٥٨٤ع ۾ مرزا محمد باقيءَ هٿان ڪرايل مذڪور آهي. حالانڪ تاريخ معصوميءَ ۾ شيخ عبدالرحمان ولد شيخ ميرڪ جو نالو آندل آهي، جو صحيح آهي. مرزا شاهہ حسن جي حياتي ۾ عبدالوهاب پورانيءَ جو نالو نشانبر آهي. تان جو سندس لاش سان ٻہ هي صاحب گڏ هو. مقالات الشعراء ۾ شيخ عبدالوهاب پورانيءَ جي وفات جو سال ٩٩٠هہ/١٥٢٨ع

ڏيڪاريل آهي، جو صحيح آهي.
هن جي ڪلام جو نمونو ذرا ملاحظ ڪريو.

اهلِ دنيا همه در بند زڪام هوس اند،
گلِ اين باغ ندانم ڪہ چہ بوداشته است

۲٦ـ مخدوم اسدالله بن مخدوم احمد: هي صاحب مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جو ڇهون ڏاڏو آهي. اڪبر جي زماني ۾ سنڌ جو "قاضي القضاة" هو. هن سنڌ جي دوري ڪندي رياست خيرپور جي حدن ۾ پيريءَ جي ڳوٺ ۾ سنہ ۹٦٦هہ/۱۵۵۸ع ۾ وفات ڪئي. هن جي وفات کان پوءِ سندس وڏي فرزند مخدوم جمال الدين بہ اتي ئي سڪونت اختيار ڪئي. ان بعد سندس فرزند مخدوم يحيىٰ بہ اتي ئي فوت ٿيو. مگر مخدوم يحيىٰ جو فرزند مخدوم عبدالخالق پيريءَ مان لڏي اچي کهڙن ۾ رهيو. جتي سندس اولاد موجود آهي. مخدوم عبدالرحمان شهيد ان مخدوم صاحب جو پڙپوٽو آهي.

۲۷ـ مخدوم محمد عثمان دربيلائي: قاضي صاحب کي ديني علوم سان گڏ عقلي ۽ نقلي علمن ۾ پوري مهارت حاصل هئي. ڪيس پنهنجي ڳوٺ دربيلي ۾ وڏو مدرسو هوندو هو. جنهن ۾ ديسي خواهہ پرديسي شاگرد اچي تعليم وٺندا هئا. تاريخ معصوميءَ مطابق سندس جهڙو تارڪ الدنيا ٻيو ڪوبہ سندس وقت ۾ ڪونہ هو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان تورو يا گهڻو نذر نياز خواهہ بخشش، قطعاً قبول نہ ڪندو هو. ظاهري ذريعہ معاش جي نہ هوندي بہ رب ڪريم هن کي عنايات لامتناهي سان مستفيض ڪندو هو،جن مان سڄو مدرسو ٻيو هلندو هو. پاڻ سنہ ۱۰۰۲هہ/۱۵۹۳ع ۾ وفات ڪيائون.

۰۲ سيوستان سرڪار ۾ دشت باران جا بزرگ

۱ـ قاضي ڏتو: قاضي صدرالدين جي پنجين پيڙهيءَ مان هو. سندس والد، قاضي شرف الدين عرف مخدوم راهو، جو تحفة الڪرام ۾ شيخ محمود جي اولاد مان ڏيکاريل آهي، سو بہ هڪ خدا رسيد بزرگ هو. قاضي ڏتي پهريائين تعليم "مطول" تائين پنهنجي پيءُ قاضي

شرف الدين کان ورتي. تفسير ۽ حديث جي تڪميل، حضرت مخدوم بلال رحہ جي خدمت ۾ حاصل ڪيائين، ۽ ٻيا اڪثر علوم ۽ فنون مخدوم فخر پوٽي ڪاهانيءَ ۽ حضرت عبدالعزيز هرويءَ ثُمَ ڪاهانيءَ جي حلقہ درس ۾ رهي پڙهيائين. ان دور جي مشهور ارڙهن تفسيرن جي مختلف تفسيري مضمون سندس ذهن ۾ هر وقت موجود رهندا هئا. ترڪي اڪر بہ پڙهي ويندو هو؛ علم جفر ۽ ٻيا ڪي ناياب علم بہ ڄاڻندو هو؛ ۽ ڪشف جو بہ صاحب هو. مرزا شاهہ حسن ڪيترو وقت سندس خدمت ۾ رهي علم پرايو. علم ۾ ڪيس "امام جارالله زمشخري"ءَ جي لقب سان ياد ڪندو هو. تاريخ معصوميءَ جي مصنف بہ اقرار ڪيو آهي تہ مرزا شاهہ حسن قاضي صاحب کان سبق ورتا آهن. پاڻ "باغبان" ۾ مدفون آهن.

٢ـ شيخ خضر سيوستاني: شهزادي داراشڪوه جي مشهور تصنيف جي اردو ترجمي "سڪينة الاولياءِ ۾ "ميان مير" سيوهاڻيءَ جو ذڪر ۾ آيل آهي تہ سندس مرشد شيخ خضر سيوستان جي جبلن ۾ رهندو هو. پاڻ انهيءَ جا مريد ننڍپڻ ۾ ئي ٿيا هئا. شيخ خضر سنڌ ۾ قادري سلسلي ڪي چوٽ تي چاڙهيو. پاڻ پرهيزگاري ۽ توڪل ۽ استغنا جو پتلو هو. پهريائين هو قبرستان ۾ گذاريندو هو. پوءِ سيوستان لڳ هڪ پهاڙ ۾ وڃي گوشہ گير ٿيو. اتي هن هڪ تنور بنايو هو، جنهن ۾ روٽيءَ پچڻ جي نوبت ڪڏهن بہ نہ آئي (١). گرميءَ ۽ سردي ۾ هن جو لباس هڪ تهبند هو. شهر ۾ گهٽ ايندو هو. دنيوي تعلقات کان ايترو تہ پاسو ڪندو هو. جو سواءِ الله تعاليٰ جي سندس ڪو بہ رفيق ۽ دوستُ نہ هو. وڻن جي پنن تي گذران ڪندو هو. شيخ خضر سنہ ٩٩٤هه/١٥٨٥ع ۾ وفات ڪئي.

٣ـ شيخ مير محمد عرف ميانڻ مير: هي صاحب قاضي سائين ڏني جو نورچشم هو. قاضي سائين ڏنو، حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جي اولاد مان هو، ۽ وقت جو وڏو عالم ۽ متقي بزرگ هو. شريعت

(١)هي پهاڙ منهنجي خيال مطابق يڪ ٿنيي آهي، جتي الله وارن جون نشانيون نشانبر آهن. چنا ـ

کي طريقت سان طريقت کي حقيقت سان شامل رکندو هو. "ميان مير" جي ولادت تحفة الکرام ۹۵۷هہ/ ۱۵۵۰ع لکي آهي، مگر مستند ذريعي مطابق ۹۷۵هہ/۱۵٦۷ع آهي. پاڻ دنيا جي ولين جو اڳواڻ ۽ وقت جو قطب هو. سندن والده بيبي فاطمه قاضي قاضن جي ڌيءُ ۽ وقت جي "رابعہ" هئي. سندس ڀيڻ بيبي "جمال خاتون" بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. "ميان مير" رحہ نظريہءِ وحدةالوجود جو عالم ۽ حامي هو. ستر سالن جي عمر ۾ سن ۱۷- ربيع الاول ۱۰۴۵هہ مطابق ۳۱ آگسٽ ۱٦۳۵ع ۾ لاهور ۾ وفات ڪيائون. جهانگير ۽ شاهجهان جي ساڻن بيحد عقيدت هوندي هئي. دارا شڪوه سندس سنگ آستان جو ادنيٰ خادم هو. سندس خليفن مان شيخ شاهہ محمد المشهور بہ "ملا شاهہ بدخشي" خاص طرح سان مشهور آهي.

۴- سيد مير ڪلان: سندس پورو نالو سيد مير علي ڪلان هو. هي بزرگ اصل ڪربلا معليٰ جو ويٺل هو، پوءِ لڏي اچي قنڌار ۾ رهيو. مرزا شاهہ بيگ جي وقت ۾ سيوهڻ ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ گهڻو وقت لعل شهباز جي مزار پرانوار تي گذاريندو هو. سندس ڏهٽاڻ ۽ پوٽاڻ تمام گهڻو هو. سيد مير معصوم شاهہ بکري بہ سندس ڏهٽاڻ مان هو. سيوهڻ جا ڪاڇروٽي سبزواري سادات سندس اولاد مان آهن.

٦،۵ - ملا دائود سيوستاني ۽ ملا نورالحق مشتاقي: ملا دائود فضيلت ۽ علم جو صاحب ۽ وقت جي مقتدر عالمن مان هو. هي صاحب مخدوم نوح رحہ جو همعصر هو.

سندس فرزند رشيد استاد نورالحق ننڍي هوندي ڏاڍو غبي هو. خواجہ خضر جي فيض اثر ڪري سندس حافظو برق وانگر تيز ٿي ويو ۽ پاڻ استاد جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. شعر جي ميدان ۾ سندس تخلص "مشتاقي" هو. جڏهين مرزا محمد علي صائب تبريزي اصفهاني (وفات ۱۰۸۰هہ/۱٦٦۹ع) سنڌ مان اچي لنگهيو، تڏهن ڪيس ملا جو شعر ڏاڍو وڻيو ۽ چيائين تہ "هن خطي ۾ هن ملا جهڙو شاعر نہ ڏٺو اٿم." سندس شعر ملاحظہ ٿئي:

برگ سبزي برکف آزادگان باشد گران،
شرط آزادي اگر اينست سرو آزاد نيست.

۷۔ حيدر هروي: هي صاحب مرزا شاهہ حسن جي زماني ۾، پنهنجي ملڪ کان ڪهي اچي سيوستان پرڳڻي جي هڪ مکيہ آباديءَ پاٽ ۾ رهيو. مرزا شاهہ سام صفوي بن شاهہ اسماعيل صفوي (شهادت ٩٨٣هہ/١٥٧٥ع) جي تذڪرهء شعريٰ بنام "تحفهء سامي" ۾ سندس لقب"ڪليجہ" (جيرو) لکيل آهي. چو تہ اوائل ۾ جيرن پچائڻ جو ڪم ڪندو هو. ڪيس "ڪليجہ" جي لقب سان ياد ڪندا هئا.سيد عبدالرشيد بن عبدالغفور حسيني ٺٽوي پنهنجي مشهور فرهنگ "فرهنگ رشيدي"ءَ ۾ لکيو آهي تہ "ڪلوچ" لفظ جي معنيٰ آهي، "ڪليچہء بزرگ" يعني وڏو جيرو. ان ڪري مير معصوم تاريخ معصومي ۾ ڪيس "حيدر ڪلوچ" لکيو آهي. پاڻ صاحبِ ديوان هو. شعر جو نمونو پيش خدمت آهي:

دلا مجنونِ صفت خود را خلاص از قيد عالم ڪن،
رہ صحريٰ محنت گيرورو در واديء غم ڪن،
پس ازين بخاڪ ڪويت من و عجز بي نوائي،
ڪہ ڪنم دعائي جانت ببهانہء گدائي

٨۔مخدوم عباس هنگورجائي: هي بزرگ اصل پاٽ جو ويٺل هو. هن جو ذڪر تاريخ معصوميءَ ڪيو آهي. ٩٤٧هہ /١٥٤٠ع جي اوائل ۾ هنگورجن ۾ اچي رهيو. علم تفسير، حديث، فقه ۽ ٻين علومن ۾ تبحرتام حاصل هوس. مسئلن جي تحقيق ۽ تدقيق محققانہ ۽ عالمانہ نموني ۾ ڪندو هو. زاهد ۽ تقويٰ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو هو. حديث جي درس وتدريس وقت نياز ۽ نئڙت ڪندو هو، قال قال رسول الله صلي الله عليه وسلم چوڻ وقت بي اختيار ٿي ويندو هو، ۽ سندس اکين مان ڳوڙها وهي هلندا هئا. جنهن ڪري سامعين بہ بي اختيار ٿي ويندا هئا. ١٤ شعبان ٩٩٨هہ/١٥٨٩ع ۾ عالم آخرت ڏانهن اسهيو. غوثي صاحب "گلزارابرار" ۾ لکيو آهي تہ قاضي عبداسلام سنڌي جو خانديش جي قضا تي قائم هو، ۽ حڪيم عثمان بوبڪائيءَ جي شاگردن مان هو، تنهن سنڌ مان

تحصيل علوم مخدوم صاحب کان حاصل ڪيا. ۽ اهو بہ ڄاڻايو اٿس تہ هاڻي مخدوم صاحب کان پوءِ شيخ حبيب الله درس وتدريس ۾ مصروف آهي.

۹- مخدوم محمود فخر پوٽو ڪاهاني: ڳوٺ ڪاهان (هاٽوڪو ڳاهن جي ڳوٺ نزديڪ تلتي) جو هڪ معروف ۽ مشهور بزرگ هو. تاريخ معصوميءَ ۾ سندس ذڪر خير ان طرح آيل آهي تہ "عالم رباني هو، سنڌ ۾ علم پکيڙڻ جو سهرو سندس سر تي آهي." ظاهري ۽ باطني علم جو صاحب هو. هرات مان سنڌ ۾ اچڻ وقت رستي ۾ ڪائنس ڪيتريون ڪرامتون ظاهر ٿيون. "شيخ الاسلام" جي درجي تي فائز هو. هن صاحب جو ڳوٺ ڳاهن ۾ وڏو مدرسو هو، جنهن مان ڪيترا طالب العلم ديني علوم جي تڪميل ڪري نڪتا. پاڻ اتي ئي وفات ڪيائون.

۱۰- مخدوم عبدالعزيز محدّث ابهري ۽ سندس پُٽ: ڳوٺ ڳاهي جو هيو قابل فخر بزرگ مخدوم عبدالعزيز محدث ابهري آهي، جو ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ شاه اسماعيل صفويءَ جي بغاوت ڪري ٻن گوهرن سان گڏ هرات کان ڳاهن جي ڳوٺ ۾ سن ۹۱۸هہ/۱۵۱۳ع ۾ آيو. تاريخ معصومي خواه تحفة الڪرام ۾ سندس ذڪر آيل آهي. تحفة الڪرام ۾ لکيل آهي تہ "تبحّر ۽ تحقيق جي مصر جو عزيز علم ۽ تدقيق جي ملڪ جو شهنشاه هو." سندس بہ فرزند مولانا اثيرالدين ۽ مولانا يار محمد فضيلت ۽ ڪمال جا روشن ستارا ۽ علمن جي جامعيت ۾ يگانہ هئا. اتيئي وفات ڪيائون. مشڪوات شريف جي شرح ۽ اڪثر مروج ڪتابن جي حاشين جهڙيون عجيب وغريب تصنيفون يادگار ڇڏي ويا. مولانا اثيرالدين ڪڏهين ڪڏهين بيت ۽ مثنوي بہ چوندو هو.

۱۱- سيد حيدر سَنائي: محترم جي.ايم سيد جو جدامجد، مخدوم بلال رحہ جو خليفو ويٺل ڳوٺ سن، وڏي پائي جو بزرگ هو. تاريخ معصومي خواه تحفة الڪرام ٻنهي سندس احوال آندو آهي. "ٻارنهن سالن جي ڄمار ۾ مولانا عمر هليه ۽ مخدوم بلال رحہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي، واضح حالات، ڪشف ۽ يقين جو صاحب ٿيو." سندس اولاد

ٻه گهڻي بزرگيءَ سان موصوف آهي. پاڻ صاحبِ ڪرامات ٿي گذريو آهي. مرزا شاهه حسن جي حڪومت ۾ سن ٩٣٧هه/١٥٣٠ع ۾ رحلت ڪيائون. هن صاحب جو ذڪرِ خير علامه غوثيءَ پنهنجي ڪتاب "گلزار ابرار" ۾ ٻه ڪيو آهي، ۽ آخر ۾ هي مصرع لکي اٿس:

"بصارت بابصيرت روزيش باد"

١٢- شيخ مبارڪ ريلي سيوستاني: شيخ مبارڪ جنهن کي تاريخ جا طالب شيخ مبارڪ ناگوريءَ جي نالي سان ياد ڪندا آهن، سو شيخ خضر جو فرزند هو. شيخ خضر شيخ موسيٰ جي اولاد مان هو. شيخ موسيٰ شيخ مبارڪ جو چوٿون ڏاڏو يمن مان لڏي اچي سيوستان جي نزهتگاهه "ريل" ۾ مقيم ٿيو. هي نائين صدي هجريءَ جو واقعو آهي. شيخ خضر ڏهين صدي هجريءَ ۾ سير و سفر جي خيال سان ناگور جي شهر ۾ پهتو، جتي مخدوم جهانيان جي جاءِ نشين شيخ بخاري اُچوي، شيخ عبدالرزاق قادريءَ ۽ شيخ يوسف سنڌيءَ جو مريد ٿي، ظاهري ۽ باطني علوم ۽ فيوضات حاصل ڪري سنڌ موٽي آيو. ۽ سال ٩١١هه/١٥٠٥ع ۾ ڪيس شيخ مبارڪ ڄائو. هي تحفة الڪرام جو بيان آهي. ٻين تذڪرن ۾ آهي ته شيخ خضر ناگور ۾ اچي رهيو ۽ شيخ مبارڪ اتي ڄائو. اسان تحفة الڪرام جي بيان کي ترجيح ڏينداسون. ازان سواءِ تحفة الڪرام لکيو آهي ته شيخ مبارڪ، شيخ فياض بخاريءَ ۽ شيخ عمر ٺٽويءَ کان مريدي جا ارشادات ورتا. هن مان ظاهر آهي ته هي صاحب هتان سنڌ مان عقلي توڙي نقلي علمن ۾ متبحر ٿي باقي ڏينهن ناگور ۾ گذارڻ لڳو. هڪ ٻيو نڪتو تحقيق طلب آهي، ته مرحوم "قانع! سندس اقامت گاهه اڪبر آباد ڏيکاري آهي، ۽ نه ناگور. مگر ماثرالڪرام جي صاحب ان جي تصديق ان طرح ڪري ٿو. ٩٥٠هه /١٥٤٣ع ۾ آگره (اڪبرآباد) ۾ آيو، ۽ قريب پنجاهه سال اتي رهي، علمي حلقن کي وڏو فائدو رسايائين. پنج سؤ ضخيم جلد پنهنجي هٿ مان لکيائين. جڏهين آخري عمر ۾ سندس نظر ويهي رهي، تڏهين حافظي کان ڪم وٺي لکائيندو هو. اهڙيءَ طرح چار جلد بنام. "منبع عيون العاني" سندس ان خداداد

ذڪاوت تي شاهدي ڏين ٿا. پاڻ آگري ۾ ١٧ ـ ذيالقعد ١٠٠١ھ/ ١٥٩٢ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ٻن نور نظر فرزندن شيخ ابوالفيض ـ فياضي (وفات ١٠٠٤ھ/ ١٥٩٥ع) ۽ شيخ ابوالفضل (قتل ١٠١١ھ/ ١٦٠٢ع) اڪبري درٻار کي پنهنجي علم و فضل سان منور ڪري ڇڏيو. اڪبري دربار جا روشن رتن بنيا. شيخ فيضي "ملڪ الشعرا" هو تہ ابوالفضل وري قلم ۽ سيف جو صاحب. شيخ فيضي بي نقط تفيسر"سواطع الالهام" ۽ "موارد الڪلم" بي نقاط پيش ڪيو تہ ابوالفضل وري "آئين اڪبري" "عيار دانش" ۽ مڪتوبات علامي، المعروف "انشاي ابوالفضل" ميدان ادب ۾ آندا. شيخ فيضي جو هيٺيون شعر واقعي سندس علم و تبحر جو دليل آهي تہ:

آنم ڪہ فنونِ ذو فنون دارم،
انوار چراغ رهنمون دارم،
اين ڪالبدم ز خاڪِ هند است ولي،
در هر بُن مُو هزار يونان دارم.

هي آهن سيوستاني خاڪ جا آبدار ۽ تابناڪ ذرا.

١٣ـ مخدوم نجيم: "ريل" جي بزرگن جو سردار، مريدن جي وڏين ٽولين جو صاحب ۽ مخدوم نوح عليہ رحمت جو همعصر هو.

١٤ـ درويش رڪن الدين ولد ڏتو: الله پاڪ جي درگاهہ جو هڪ مقبول بندو هو. گهڻو ڪري عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندو هو. ڪافي ڪرامت جو صاحب هو. چون ٿا تہ پوين ڏينهن ۾ وجد جي غلبي ۽ ذڪر جو جوش ڪان سندس هڪ عجيب حالت ٿي پيئي هئي. جڏهين بہ ڪو بلند آواز يا ڏاڍيان ڳالهائڻ ڪَن تي پوندو هوس، تڏهن هڪدم وٺي درد پري دانهن ڪندو هو. ۽ انهن دانهن جي ٻڌڻ سان اهو آواز ڪندڙ ساهہ ڏيندو هو. سندس وفات سن ٩٨٨ھ/ ١٥٨٠ع ۾ واقع ٿي.

١٥ـ شيخ هوتي لاڪو: دشت باران جي بزرگن جي تحت هن جو ذڪر آيو آهي. سن تہ هئڻ ڪري سندس سمو مقرر ڪري نٿو سگهجي. مگر "ديل الذاڪرين" جي هن روايت موجب مخدوم ساهڙ لنجار ۽ هي

صاحب مخدوم نوح رحہ وٽ ڳڏ حاضر هئا، ۽ ڪلمي شريف جي ذڪر جي تلقين حاصل ڪئي هئائون. ان ڪري هي صاحب مخدوم نوح رحہ جن جو همعصر آهي. تحفة الڪرام لکيو آهي تہ "وقت جي پيرن جي پير هو. اڪثر متي ڪان پيرن تائين ڳاڙهو لباس پهريندو هو. تيرڪمان هٿ ۾ ڪٽندو هو، ۽ خانقاهن ۾ وجد ۽ سماع جي غلغلي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس مزار پُرانوار دشت جي ڪنڌ ۾ ساڪره جي ڪناري تي موررياٽي ڳوٺ ۾ الله وارن جي ڳڏ تيڻ جي جاءِ آهي". سندس ٻہ فرزند شيخ احمد ۽ شيخ محمد بيشمار ڪرامتن جا صاحب ٿي گذريا آهن. شيخ احمد الله پاڪ جي حضور ۾ پهتل، ۽ شيخ محمد سنڌ جي ناميارن بزرگن ۽ وڏن ۾ وڏن اوليائن مان آهي. سندن تربتون سندس والد بزرگوار جي پير ۾ آهن.

١٦- هارون مڪريو: هڪ وڏي درجي ۽ ڪاني ڪرامتن جو مالڪ ۽ درويش شيخ احمد ۽ شيخ محمد جن جو همعصر دشت ۽ تل جو رهاڪو هو. پاڻ ۾ محققانہ ۽ عارفانہ صحبتون ڪندا هئا.

١٧- شيخ ڪتين لاڪو: هن صاحب جو ذڪر فقط هڪ تذڪري "گلزار ابرار" ۾ ملي ٿو. افسوس جو ٻيا سنڌ جا تذڪرا هن بزرگ جي احوال ڏيڻ کان خاموش آهن. مذڪور تذڪري ۾ آيل آهي تہ مخدوم بلاول رحہ جو مريد هو. ترڪ دنيا ۾ ڪمال حاصل هوس. ايتري حد تائين جو ظاهري ملامت نفس ڪري ڪيس روحاني لذت نصيب ٿيندي هئي. جڏهين سندس جنازو قبر ۾ تي رکيائون. تڏهن ذڪر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"جذبہ ذڪر حق زبان گويا مباد".

٣- سرڪار نصرپور جا مشائخ

جيئن تہ مخدوم نوح سرور رحہ جو اقامتگاهہ خواهہ آرامگاهہ هالا ڪنڊي آهي ۽ هالا ڪنڊي سرڪار نصرپور ۾ آهي: تيئن واجب آهي تہ سرور سائين جو ذڪر خير پهرين آڻي، پوءِ ٻيا بزرگ آڻجن. معلوم هجي تہ هي احوال مولانا غوثيءَ جي مشهور ڪتاب (گلزار ابرار) تان ورتل

آهي، ۽ ا ڳ هي مواد سنڌ واسين سان روشناس ٿيل نہ آهي. ملاحظہ ڪجي:

"مخدوم نوح هالا ڪنديءَ وارا سنڌ جي بزرگ مشائخ مان آهن. مسيح القلوب (شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي ثم برهانپوري) کان روايت آهي تہ سندس ڏاڏو شيخ يوسف رسمي علمن جي آغاز تحصيل ۾ سندس همدرس هو. هڪ دفعي مخدوم صاحب تي جذبو طاري ٿيو. ۽ چند روز بعد سندن زبان ۾ قوت بيانيہ پيدا ٿي وئي. باوجوديڪ علم نحو جي استعداد نہ هئڻ ڪري قرآن شريف جو تفصيل ڪيترن ئي نمونن ۾ بيان ڪندا هئا. سنڌ خواهہ ٺٽي جا اڪثر اهلِ علم حضرات امتحان واسطي هرهڪ فن جي مشڪلات سندن سامهون پيش ڪندا هئا. پاڻ بي تامل هڪ روشن جواب سان سندن خدشات جي شورش دبائي ڇڏيندا هئا. معترضن کي معتقد بنائي ڇڏيندا هئا. حڪيم عثمان بوبڪائيءَ کان روايت آهي تہ مان هڪ ڏينهن مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ چاهيم تہ علمي ڪمالات جي حصول جي دعا لاءِ التماس ڪريان. اجا ضمير جي مخفي بات عبارت ۾ نہ آئي تہ پاڻ فرمايائون تہ "واتقو الله يعلمكم" ان وقت کان منهنجي اتقا ۽ علم ۾ واڌارو ٿيندو رهيو. بعضي چون ٿا تہ قرآن شريف جي معاني جي تعليم کين "من عندالله" هئي. بعض جو بيان آهي تہ خواجہ خضر کان ملي ۽ بعض روايتن مطابق هڪ بزرگ کان حاصل ڪيائون جو خراسان مان آيو هو."

١- مخدوم مراد راهوٽي: هي صاحب مخدوم صدرالدين راهوٽي، جنهن جو ذڪر خير اڳ اچي ويو آهي، جو فرزند هو. هي صاحب هڪ وڏو عالم ۽ نهايت پرهيزگار هو. هي حسن مقري (بانگي) درويش ياٽوئيءَ جو همعصر هو. سندس اولاد مان قاضي منور مشهور ٿي گذريو آهي، جو شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ جي رشد و هدايت تي سلوڪ وارن جي سلسلي ۾ شامل ٿيو.

٢- درويش حسن مقري: ياٽوٽ لڳ بلالي ڳوٺ ۾ هي بزرگ حسن بانگو مدفون آهي. هي بہ بلالي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، ۽ سيد

حيدر شاهہ سنائيءَ جو مريد هو. مخدوم نوح رحہ وٽ بہ گهڻو ايندو ويندو هو. "اصل وڏو هو، دل جي ڦرهيءَ کي صفائي جي رندي سان لسو ڪري، چٽي سينگاريو هئائين." چون ٿا تہ هڪ طهارتخانو هوندو هوس ۽ جڏهين بہ وضو ڪرڻ لاءِ انهيءَ ۾ ويندو هو، تڏهين بيخود ٿي ويندو هو. هڪ ڏينهن پيهريءَ جي وقت ڪونرو ڪٺي وضو ڪرڻ ويٺو. هٿن تي پاڻي هارڻ تي گهريائين تہ هوڏانهن بانگي بانگ شروع ڪئي، درويش بيخود ٿي ويو. ورندي بئي ڏينهن جڏهين بانگي ساڳئي وقت جي بانگ شروع ڪئي، تڏهين هوش ۾ اچي پڇيائين تہ "اجا شايد بانگي بانگ پوري نہ ڪئي آهي." ان ڪري ڪيس "بانگو ڪري ٿاسڏين. مخدوم مراد ولد مخدوم صدرالدين راهوٽي سندس همعصر بہ هو مگر عقيدتمند بہ.

٣ـ مخدوم ساهڙ لنجار انڙپوري: هي صاحب بہ بلالي طريقي جو مکيہ طالب آهي. وڏو آزاد انسان ۽ وقت جي صالحن مان هو. سدائين عبادت ۾ مشغول رهندو هو. سندس مجلس ۾ دنيوي گفتگو ڪڏهين بہ ڪانہ هلندي هئي. جنهن تي بہ توجہ جي نظر ڪندو هو، تہ اهو ولايت جي درجي کي وڃي رسندو هو. جڏهين بہ متيارين ۾ ايندو هو، تڏهن پير ڏِگها ڪري نہ سمهندو هو. ڇو تہ چوندو هو تہ چوطرف ساداتن جا گهر آهن. انڙپور جي ٽڪريءَ تي مدفون آهي. سندس فيض مان مير رڪن الدين متعلويءَ ڏاڍو پرايو. دليل الذاڪرين ۾ آيو آهي تہ پنهنجي هڪ عزيز شيخ محمود ولد صديق فخريہ حضرت نوح رحہ جو لدني مرتبو معلوم ڪري، سروري حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ هوٽي لاکي سان گڏجي ڪلمي شريف جي ذڪر جي تلقين ورتائين.

٤ـ شيخ فاضل شاهہ قريشي بکيرائي: هي صاحب شيخ بهاؤالدين ملتاني رحہ جي اولاد مان سن ١٠٠٠هہ/١٥٩١ع کان مٿي سال گذريا تہ سنڌ ۾ آيو، ۽ اچي بکيرن ۾ رهڻ لڳو. نهايت ڪامل بزرگ ۽ پنهنجي وقت جو ڪامل هو. پنهنجي نياٽي شيخ شهرالله کي ڏنائين، جنهن مان بہ فرزند شاهہ سراج الدين ۽ شاهہ قائم الدين ٿيا. بئي صاحب کي اولاد

ڪونه هو. تنهنڪري پهرين صاحب جو اولاد بڪيرن جي گاديءَ تي رهندو آيو. تحفةالڪرام مطابق شاهه سراج الدين، شاهه عنايت صوفيءَ جهوڪ واري سان گڏجي، جهوڪ جي جنگ جي شروعات ڪئي هئي.

۵ـ مخدوم اسماعيل سومرو اگهمر ڪوٽي: گلاب لغاري تعلقي ماتلي جي متصل اگهاماٽي مقام جو مٽيادار مٽيو مخدوم محمد اسماعيل سومرو، هڪ وڏي وليءَ ۽ ناليرو بزرگ ٿي گذريو آهي. هي مقام جو اڳي عربن جي آمد کان اڳ اگهمرڪوٽ مشهور هو سو هاڻي "اگهاماٽي جي مقام" جي نالي سان مشهور آهي ۽ قلعي جا قتل ۽ قتايل نشان نشانبر آهن. تنديڻ کان وني پيريءَ تائين سڄي عمر رياضت ۾ گذاريائين. تمام مالدار ۽ شاهوڪار هو. قسمين قسمين طعام ۽ نموني نموني جا شربت، طالب علمن ۽ مسافرن کي ڏيندو هو. مگر پاڻ جَوَن جي ماني کائيندو هو. پاٽولي قوم سندس مريد آهي. سندن مجاور "ميان صاحب" آهن. جي جوڻ ۽ فتح باغ مان اگهاماٽي آيا. پاڻ سنه ۹۹۸ھ/۱۵۸۹ع ۾ وفات ڪيائون. سندس نياٽي به وڏي خدا رسيده هئي. اگهاماٽيءَ جي بزرگن جو زياده احوال بندي جي اگهاماٽي واري مقالي ۾ ايندو. مولانا غوثي پنهنجي تذڪري ۾ هن صاحب جو احوال ڏيندي لکي ٿو ته "سندن خانقاه ڇا هئي؟ زاهدستان هو."

٦ـ مخدوم صدّو موهيو: هڪ ناليرو عالم، وقت جو پرهيزگار بزرگ ۽ مخدوم اسماعيل جو دوست هو.

۷ـ مخدوم عثمان: پنهنجي وقت جو بزرگ ۽ مخدوم اسماعيل جو همعصر ۽ ڳوٺائي هو.

۸ـ۹ـ درويش دائود ۽ ميان همون: هرهڪ مخدوم اسماعيل سومري جو همعصر هو. هرهڪ جي مدرسي ۾ اٽڪل پنج سَو طالب قرآن شريف جي قرأت ۽ درس ۾ مصروف رهندا هئا، جن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو انتظام پنهنجي طرفان ڪندا هئا. مرزا باقي باوجود سخت بخيل هئڻ جي، جيڪا به آبادي هي بزرگ ڪندا هئا، تنهن تان ڍل وغيره معاف ڪري ڇڏي هئي. پاڻ جَونَ جي ماني کائيندا هئا، ۽ لوڻ سان افطار ڪندا

هئا. پنهنجي زمينن جي پيدائش، شاگردن ۽ مسڪينن تي خرچ ڪندا هئا.

١٠- **سيد للو متعلوي:** سيد عبدالڪريم بلڙي واري جو والد بزرگوار آهي. پنهنجي وقت ۾ خدائي فيض جي پالوٽ جي جاءِ ۽ دائمي شهود جو سرچشمو هو. سندس مزار متيارين ۾ آهي. سندس وڏو فرزند سيد جلال هو، جو بہ روحاني جلال جو صاحب هو، ۽ حال واري حالت ۾ شاهه عبدالڪريم رحہ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو.

١١- **سيد رڪن الدين:** سيد صاحب مخدوم ساهڙ لنجار جو نوازيل متعلوي خاندان جي "جرار پوٽہ" سيدن مان ٿي گذريو آهي. پاڻ هڪ دفعي وجد جي حالت ۾ چيو هئائين تہ "تيرن جي بٽي پريو ويٺو آهيان ۽ پيو ٿو هٽان. ڪن جي ڪنن ڪان ۽ ڪن جي منهن ڪان نڪرندا ٿا وڃن، پر ڪنهن ڪي سڌو تير ڪونہ ٿو لڳي، جو ڪري پوي. هي تير جنهن کي بہ لڳندو تہ اهڙو ڪرندو جو وري نہ اٿندو." سندس وفات جو پورو سال معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. مگر محترم جي.ايم سيد پنهنجي تاليف "پيغام لطيف" ۾ سندس وفات جو زمانو ٩٥٠ھ/١٥٤٣ع ۽ ٩٨٠ھ/١٥٧٢ع جي وچ ڌاري ڄاڻائي ٿو.

١٢- **درويش حسين سهار:** سهار جي ڳوٺ جو رهاڪو اصل ڏوہي، حال ۽ قال جو صاحب پيدا ٿيو هو. هو سيد عبدالڪريم بلڙي واري جو همعصر هو.

١٣- **درويش ينيو سهار:** سهار جي ڳوٺ جو هي بزرگ صاحب حال هو. سندس زمانو سيد عبدالڪريم بلڙي واري جي وقت کان ٿورو اڳ مخدوم نوح رحہ جي وقت سان لڳ ڀڳ لڳي ٿو.

١٤- **شيخ ابراهيم ريحاني:** شيخ ريحان جهنگليءَ جي اولاد مان پنهنجي وقت جو صاحب هو. هڪ ڏينهن سيد علي شيرازي ٺٽويءَ جي زيارت لاءِ آيو. شاهه صاحب کي تسبيح هٿ ۾ هئي. هٿ ڏنائينس تہ سيد صاحب چيس تہ اوهان کي پڻ تسبيح هٿ ۾ آهي. وراڻيائين تہ "ڏٻري ۽ ضعيف گهوڙي لاءِ تہ چهبڪ ضروري آهي، پر تازي ۽ تکو گهوڙو بہ

ڇهبڪ کان سواءِ ٻئتو سونهين."

۱۵- درويش ونهيون چانهيو: وقت جو شيخ ۽ قال ۽ حال جو صاحب هو. وڏو ولي ٿي گذريو آهي. سندس ڪرامتون بيان کان ٻاهر آهن. سندس وفات جو سن ۱۰۰۱ هہ/۱۵۹۲ع آهي. سندس عربي ماده "مات في عشق" آهي. ساڳري جي ڪناري تي "تور ڪئي" جي ڳوٺ ۾ دفن ٿيل آهي. جو هاڻي سندس نالي پٺيان "ونهيي جو مقام" ڪري ٿو سڏجي ۽ ٽنڊي آدم ۽ ٽنڊي الهيار روڊ تي واقع آهي. حديقة الاولياء ڪيس "اويس ثاني" ڪري ڪوٺيو آهي.

۱٦- درويش لڏو: جن ماڻهن تي درويش ونهين جي نظر فيض اثر هئي، انهن مان هڪ مکيہ ماڻهو هو. مرشد جي توجہ جي برڪت سان وڏي مرتبي کي پهچي ڪشف ۽ حضور جو صاحب ٿي پيو.

۱۷- مولانا عباس: شيخ ونهيءَ جو هڪ خاص خادم هو، جو برگزيده روزگار وڏي درجي وارو ۽ حال ۽ قال جو صاحب هوندو هو.

۱۸- شيخ صدو نهڙيو: هڪ وقت جو عارف ۽ پنهنجي زماني جو بزرگ ۽ شيخ ونهيءَ جو همعصر هو.

۱۹- مرزا شاهہ حسن: سرڪار نصرپور جي بزرگن جو احوال هن علم نواز شخصيت تي ختم ڪجي ٿو، جو چنگيز خان جي اولاد مان آهي. مرزا شاهہ حسن "سپاهي" بن شاهہ بيگ ارغون بن ذوالنون ارغون جو ڏاڏو ارغون خان پنجين پيڙهيءَ ۾ وڃي چنگيز خان سان ملي ٿو. شروعات کان آخر تائين جيڪي بہ جنگيون ڪيائين تن ۾ سوڀارو رهيو. سن ۸۹٦هہ/۱۴۹۰ع ۾ ڄائو هو. سال ۹۲۱هہ/۱۵۰۵ع ۾ بابر بادشاهہ جي بررگ خدمت ۾ آيو ۽ ٻہ سال اتي رهيو. بابر فرمائيندو هو تہ "شاهہ حسن بيگ اسان جي ملازمت لاءِ نہ آيو آهي، پر اسان کان سلطنت جو ڍنگ ۽ نظم جو قانون سکڻ آيو آهي." سن ۹۲۷هہ/۱۵۲۰ع ۾ سنڌ فتح ڪيائين ۽ ۹۲۸هہ/۱۵۲۱ع ۾ شاهہ بيگ جي فوت ٿيڻ بعد نصرپور ۾ تخت تي ويهي، "خطبو" بابر بادشاهہ جي نالي پڙهيو. ۳۴ سال حڪومت ڪري ۹٦۲هہ/۱۵۵۴ع ۾ فوت ٿيو. سندس لاش مڪہ شريف ڪٽي ويا.

منقولي علمن ۾ وڏو ماهر هو ۽ ڪڏهين ڪڏهين شعر به چوندو هو. سندس تخلص "سپاهي" هو. عالمن، فاضلن ۽ سيدن جي ڏاڍي عزت ڪندو هو. سندس شعر جو نمونو ملاحظہ ٿئي.

عشقت ڪہ بود مايہء اربابِ سلامت
ازوي نبود حاصل ماجز به ندامت
آن ڪس ڪ به تيغ ستم عشق تو ميرد
نبود هوسِ زندگيش روز قيامت
اي شاهہ تو دربار گه ناز مقيمي
ما را بسر ڪوئي نياز ست اقامت
پابوس سگت گر به "سپاهي" ند هد دست
تا زنده بود مي گزد انگشت ندامت

٤- سرڪار چاچڪان جا بزرگ

١- درويش حاجي سوڏو جوڻي: چاچڪن جي سرڪار جي هڪ ناليري پرڳڻي "جوڻ" جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ هو. هن صاحب مخدوم نوح رحہ، اسماعيل جاڄي، سيد رڪن الدين ۽ شاهہ عبدالڪريم جي صحبت مان فيض پرايو هو. گهڻا ماڻهو مريد هوندا هئس.

٢- درويش موسيٰ جوڻي: جوڻ جي آسپاس ۾ رهندڙ ۽ سنڌ جو مشهور معروف ولي آهي. درويش بهاءالدين گودڙيو پهريائين هن جو مريد هو. تنهن کان پوءِ مخدوم نوح رحہ جي خدمت مان فيض پرايائين.

٣- مخدوم عبدالحميد بن مخدوم نورنگ سومرو: جوڻ جي سرزمين جي پٽي تعلقي جي ورياه ڳوٺ جو مکيہ مخدوم بزرگ آهي. هن جو والد صاحب مخدوم نورنگ سومرو هڪ ڪامل پير هو. هي صاحب به وقت جي عارفن ۽ پرهيزگارن مان هڪ هو. سندس فرزند رشيد مخدوم اسحاق مشهور عالم ۽ پرهيزگار هو. جنهن جو فرزند مخدوم رحمة الله اچي ٺٽي ۾ رهيو. سندس فرزند مخدوم آدم به پنهنجي والد کان پوءِ درس تدريس ۾ مشهور ۽ معروف رهيو، جو مخدوم نوح رحہ جي مريد مخدوم ابو مصطفيٰ جو همعصر هو ۽ مخدوم آدم جو فرزند مخدوم

رحمت الله وري مخدوم ابو مصطفيٰ جي فرزند مخدوم بايزيد جو شاگرد هو.

۴ـ مخدوم الياس: شيخ شهاب الدين سهروردي جي اولاد مان آهي. هو صاحب بزرگي جي خوبين ۽ برگزيدگي جي وصفن سان موصوف هو. آب داڻي جي ڪشش کان سنڌ ۾ اچي هن صاحب ڳوٺ ورياه، پرڳڻي جوڻ ۾ رهي عمر سڳوري پوري ڪئي. سندس فرزند مخدوم عجائب ۽ سندس پوٽو مخدوم هارون هو، جنهن جو فرزند مکيہ مخدوم ضياءالدين آهي. جو سن ۱۰۹۰ھ/۱۶۸۰ع ۾ ڄائو. هن حساب سان هي مخدوم الياس مخدوم صاحب نوح رحہ جو همعصر ٿي سگهي ٿو.

۵ـ مخدوم طوغاچي: هن بزرگ جي درگاهہ بدين جي الهندي طرف، گهڻي وقت کان عام ماڻهن جي زيارت گاهہ آهي.

۶ـ مخدوم صالح: مخدوم طوغاچي جو مريد، وڏو ڪامل بزرگ هو. مخدوم طوغاچي جي مزار جي نزديڪ مدفون آهي. هن جو پٽ مخدوم يوسف ۽ پوٽو مخدوم عثمان مشهور ۽ معروف عالم هئا. مخدوم عثمان جو پٽ مخدوم عبدالرحيم شاهجهان جي پوين ڏينهن ۾ ٺٽي جي مفتيءَ جي عهدي تي سرفراز هو. ان حساب سان پڙڏاڏو مخدوم صالح مخدوم نوح رحہ جو همعصر ٿي سگهي ٿو.

۷ـ حافظ دائود بدينوي: هڪ متبرڪ ملا بدين جا رهاڪو هو. سندس وفات سن ۱۰۳۰ھ/۱۶۲۰ع ۾ ٿي، جا هن مصرع مان لڌي ويئي آهي: "دائود بدين رفت بفردوس ابد." مقالات الشعراء ۾ سندس سن وفات ۱۰۲۰ھ/۱۶۱۰ع ۾ آيو آهي، مگر مصرع جو ابجد حساب ڪندي سال ۱۱۲۰ھ/۱۷۰۸ع نڪري ٿو. جيڪڏهن سندس سن وفات پهريون سال آهي، تہ پوءِ هي صاحب مخدوم نوح رحہ جو همعصر ٿي سگهي ٿو. مگر جي پويون سال آهي تہ پوءِ همعصر ٿي نٿو سگهي. سندس هيٺيون شعر مقالات الشعراء ۾ آيل آهي.

دیده اندر راهِ وصلش بس کہ باشد منتظر
گر غباري خيزد ازرويِ زمين دانم کہ اوست.

۸ـ **شيخ موسيٰ بن مغل چاچڪ:** شيخ پرڪئي ڪاتيار جي مان ڪٺيء ۽ نامور همعصر شيخ مغل چاچڪ، جو مڪليء تي مدفون آهي، جو فرزند هو. پيءُ ڪان پوء گاديء تي ويهي وقت جي پرهيزگارن ۽ نامور بزرگن ۾ شمار ٿيو. هميشه الله وارن جي خدمت لاء تيار رهندو هو. سندس قبر بدين جي جوڻ تعلقي جي هڪ ڳوٺ چاچڪن ۾ موجود آهي.

۵ـ سرڪار چڪرهالہ جا بزرگ

۱ـ **شيخ ريڪن:** شيخ ريحان جهنگلي جي اولاد مان هو ۽ شيخ اسماعيل جنهن جو ذڪر اڳي ئي آيو آهي، ان جي عزيزن مان هو. سندس تربت چڪرهالہ ۾ خدا وارن جي زيارتگاهہ ۽ پرهيزگارن جي مرجع آهي.

۲ـ **درويش راڄو ستيو دل:** لُنڊن جي ڳوٺ رائِدن ۽ ستيار جي پرڳڻي مان هڪ مجذوب مطلق ۽ واصل باالله هو. هميشه خانہ بدوش رهيو. سندس زبان مان جيڪي بہ نڪرندو هو سو ٿيندو هو. جڏهين بہ ڪيس ڪو معاملو پيش ايندو هو، تڏهين بيهي سُرَ ۽ الحان سان ڪو سنڌي بيت پڙهندو هو. "جيڪي آکي سو ٿئي" سندس تمام گهڻيون ڪرامتون مشهور آهن. سندس وفات مٽئين ڳوٺ ۾ سن ۹۷۷هہ/۱۵۶۹ع ۾ ٿي.

۳ـ **مخدوم يعقوب پليجو:** مرزا شاهہ حسن ارغون جو معاصر وقت جو عارف، ستيار پرڳڻي جي ناري ڳوٺ جو رهندڙ هو. تحفة الڪرام ۽ حديقة الا ولياء ۾ سندس ڪيترين ڪرامتون آيل آهن.

٦ـ سرڪار ٽٽي جا مشائخ

۱ـ **درويش احمد رونجهو اپلاٽي:** ٻنوري پرڳڻي جي ڳوٺ اپلاڻ جو هو. سيد عبدالڪريم جو همعصر ۽ بزرگيء ۽ ڪمال وارن ولين جي فهرست ۾ داخل آهي.

۲ـ **قاضي حسن:** ٻنوري تعلقي جي ڳوٺ هنڙيء جو وڏو عالم، سير ۽ سلوڪ جو صاحب ۽ سيد عبدالڪريم جو همعصر هو.

۳ـ **درويش جوڻو:** ٻنوري پرڳڻي جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ ڏبي جو

باشندو بزرگيءَ ۽ ولايت ۾ مشهور هو. سيد عبدالڪريم رحہ جو همعصر هو.

۴ـ مولانا ضياءالدين ولد مخدوم صدرالدين راهوٽي: ٻوري پرڳڻي جي هڪ مشهور شهر راهوٽ جو رهاڪو هو. سندس تعريف، تاريخ معصومي خواهہ تحفةالڪرام ۾ آيل آهي. سندس والد بہ هڪ عالم ڪامل ۽ علمن جو جامع ٿي گذريو آهي. مرزا شاهہ حسن جو همعصر هو پهريائين تعليم ۽ تدريس ڏنائين، پر پوءِ گوشہ نشين ٿي ياد الاهيءَ ۾ باقي وقت بسر ڪيائين ۽ لوڪ جي لياڪن ڪان لڪي ويهي رهيو.

۵ـ شيخ عبداللطيف راهوٽي: عقلي خواهہ نقلي علمن ۾ متبحر عالم ٿي گذريو آهي. مذڪور مولانا ضياءالدين جو ڳوٺائي ۽ همعصر هو.

٦ـ مير ڪمال الله مهدوي: سيد ميران مهدي (سيد محمد مهدي) جو پوٽو هو. جڏهين سيد ڪمال ڄائو تڏهين سيّد ميران هن کي ڏسي پڇيو تہ "هن جو نالو ڇا آهي؟ ڪيس ٻڌايائون تہ "لالن". فرمايائون تہ هي لالن پالڪي ۾ وهندو ڇاڪاڻ تہ هي هڪ بزرگ ٿو ڏسڻ ۾ اچي آخر هو وڃي فاضل خان جو نائي ٿيو.

۷ـ سيد محمد: سيد ميران جو نياٽو ۽ ڪاني ڪرامت جو صاحب هو.

۸ـ درويش صالح: ڪڪرالہ پرڳڻي ۾ مشهور عالم ۽ ڪرامتن جو صاحب ٿي گذريو آهي. سنہ ۱۰۰۰هہ کان اڳ فوت ٿيو، يعني ۱۵۹۱ع کان اڳ.

۹ـ مخدوم ملا بايزيد بن مخدوم ملا آري لاکو سونٻوي: هن صاحب جو والد هڪ ڪامل، وقت جو شيخ ۽ سيد علي شيرازي اول جو مريد هو. ڪينجهر ڍنڍ جا ملاح ۽ مڇي مارينڌڙ قوم گندرا اصل سندس مريد هئا، مگر جڏهين هي مخدوم سيد صاحب جو مريد ٿيو تہ هن گندر قوم کي نذر طور سيد صاحب جي سلسلي ۾ داخل ڪيائين. ان ڪري اها قوم پنهنجو تعلق سيد علي شيرازيءَ جي اولاد سان قائم رکندي ٿي اچي. هي بزرگ اصل هنڌ قوم مان آهن، ۽ سونٻن ۾ دفن ٿيل آهن."

ملا بايزيد هي بہ بزرگي ۽ فقيريءَ جي سيني صفتن سان موصوف ٿي راهي تيو ۽ پيءُ جي پرسان مدفون آهي. ملا ابوبڪر ملا بايزيد جو فرزند پڻ پيءُ ڏاڏي وانگيان نيڪ صفتن سان موصوف هو. انهيءَ ڪان روايت آهي تہ "وجد جي حالت ۾ مون کي پيءُ فرمائيندو هو تہ وڃي ڪو ڪامل مرشد ڳولي هٿ ڪر ۽ ڪڏهين ڪڏهين سيد عبدالڪريم جو نالو بہ ڪڻندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن، پيڙيءَ ۾ ويٺو هوس تہ ڪڪر پيدا ٿيو انهيءَ مان هڪ مرد مون تي پرتو وڌو ۽ جيڪي مليم سو اُتان مليم." هن صاحب جو ذڪر شاهہ عبدالڪريم رحہ جي "بيان العارفين" ۾ بہ آيل آهي مخدوم بايزيد جي ضمن ۾ "گلزار ابرار" جي صاحب هن کي لاڪو سڏيو آهي، ۽ لکيو اٿس تہ ميرزا عبدالڪريم خانخانان مسيح زمان جي خدمت ۾ بيان ڪيو تہ ٺٽي جي فتح وقت جڏهن مان مخدوم جي خانقاهہ تي پهتس تڏهن سندس گرامي صحبت مان مون کي تمام گهڻو باطني فروغ حاصل ٿيو. مصرع "آيءِ نور باد شمع شبش."

۱۰،۱۱۔ سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق مشهدي: هي ٻئي ڀائر ڄام نندي جي ڏينهن ۾ سن ۹۰۱ھ/۱۴۹۵ع ۾ مشهد مقدس کان لڏي اچي ساموئيءَ ۾ سڪونت ڪيائون. سيد يعقوب جي حالت باطني ڪمالات سان سينگاريل هئي. ساموئيءَ جون ست ستيون سومرن جي ستم کان تنگ اچي، سندس دامن ۾ پناهہ گزين ٿيون. هي بزرگ سن ۹۲۲ھ/۱۵۱٦ع ۾ لاڏاڻو ڪري ساموئي ۾ آرامي ٿيو. هن جو اولاد ڪرالي جي "داري ديہ" ۽ "آڪر" ۾ رهواسي هو.

سيد يعقوب جو ٻيو ڀاءُ سيد اسحاق پڻ باطني ڪمالات سان سينگاريل هو. پويان ڪو اولاد ڪونہ ڇڏيائين. ڀاءُ سان گڏ مدفون آهي سيد يعقوب کان پوءِ سندس فرزند رشيد سيد دائود جانشين ٿيو، ۽ آخر شهيد ٿيو. ان کان پوءِ سيد ابوالمڪارم بہ بلند اخلاقن ۾ مشهور هو جهانگير بادشاهہ بہ سندس عظمت جو قائل هو.

۱۲۔ قاضي سيد شڪرالله شيرزاي ۽ سندس اولاد: قاضي سيد شڪرالله سن ۹۰٦ھ/۱۵۰۰ع ۾ هرات کان قندار ۽ اتان شاهہ بيگ جي

حڪم سان سن ۹۲۷ھ/۱۵۲۰ع ۾ ٺٽي ۾ آيو. مرزا شاھ حسن جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي قضا جي عهدي تي فائز ٿيو. پاڻ انصارن مان شادي ڪيائين.
شاھ صاحب سان ٺٽي جا ٽي پيا بہ وڏا ڪمال جا صاحب بزرگ ٺٽي آيا ۽ انهن دوستن جي وچ ۾ هڪ روحاني اتحاد هو. هي آهن: سيد منبہ سيد ڪمال، ۽ سيد عبدالله گجراتي. سيد شڪرالله وفات وقت پنهنجي ناليري پٽ مير ظهيرالدين والسلام عرف مير جادو کي وصيت ڪئي تہ "پنهنجي اولاد کي مشڪل پيش اچڻ وقت هنن يارن مان ڪنهن بہ هڪڙي ڏي رجوع ڪرڻ جي هدايت ڪري." ان ڪري سيد شڪرالله ثاني بن سيد جادم جي ٻنهي فرزندن سيد محمد حسين ۽ سيد ظهيرالدين ثاني جو اولاد سيد منبہ سان تعلق آهي. سيد نظام الدين بن سيد نور محمد بن سيد شڪرالله ثاني جو اولاد سيد ڪمال سان لاڳاپيل آهي ۽ سيد عبدالرحمان بن سيد جادم جو اولاد سيد عبدالله جو دامن جهليندڙ آهي. سيد شڪرالله جي تربت سيد عبدالله جي درگاھ جي الهندي ۾ خدا وارن جي زيارتگاھ آهي. سيد شڪرالله جو اولاد شڪر الاهي سادات تمام گهڻو ٿيو ۽ ان مان ڪيترائي بزرگ پيدا ٿيا. اسان جو مير علي شير "قانع" بہ سندن خاندان مان آهي.

۱۳، ۱۴ـ سيد ڪمال ۽ سيد جمال: ٻئي بزرگوار اصل حسيني، شيراز جا رهندڙ مذڪور سيد شڪرالله جي دوستيءَ ۽ رفاقت ۾ ٺٽي آيا. سيد ڪمال جو ذڪر مٿي ٿي آيو آهي. ساري عمر مجرد رهيو. وفات بعد رهڻ واري حويلي محلہ مگر ۾ مدفون ٿيو. سيد جمال جو مقبرو سيد شڪرالله جي پرسان آهي. سيد جمال کي "شاھ غيب" بہ چوندا هئا ۽ هي بزرگ "مجذوب" بہ هو. انهن جو ذڪر "تحفة الطاهرين" محلہ سهتيہ جي بزرگن ۾ ڪيو آهي.

۱۵ـ سيد بدرالدين ماژندراني: سيد بدر پنهنجي وطن کي ڇڏڻ کان پوءِ زيارت ڪندو سن ۹٦۷ھ/۱۵۵۹ع ۾ عربي سمنڊ جي رستي ديول بندر تي لهي، ٺٽي لاءِ روانو ٿيو. جڏهن ساڪري پرڳڻي جي هالا ڳوٺ ۾ پهتو، تڏهن انهي ڳوٺ جي ناليري بزرگ سيد سلطان شاھ برقع پوش

عرف لوڌي سيد صاحب جي اچڻ جي خبر ٻڌي ڪيس اتي رهڻ لاءِ چيو برقع پوش بزرگ جي صحبت ان صاحب جي دل کي ڪشش ڪئي ۽ سيد صاحب هميشه لاءِ اتي رهي پيو. ٿوري وقت ڪان پوءِ سلطان شاهہ گذاري ويو. سندس نياڻيءَ جي شادي سيد بدرالدين سان ڪرايائون. ان معصوم مان سيد صاحب کي ٽي پٽ ڄاوا. ١ـ سيد لوڌي ٢ـ سيد جنيد ٣ـ مير ڪمال الدين محمد. سيد لوڌي ۽ سيد جنيد ٻئي انهي ڳوٺ ۾ گذاري ويا سندن ۽ سندن اولاد جون قبرون انهيءَ ويران ڳوٺ ۾ آهن.

باقي سيد ڪمال الدين محمد مڪلي جي بزرگن جي زيارت تي ويندو هو. اتي سيد ظهيرالدين ولاسلام عرف مير جادم سان سندس ملاقات ٿي. دوستي وڃي چوٽ چڙهي ۽ سيد ڪمال اچي ٺٽي ۾ مذڪور سيد جي پاڙي ۾ رهيو. اهڙيءَ طرح انهن ساداتن جي سڪونت ٺٽي ۾ ٿي.

١٦ـ ميرڪ شيخ محمود ۽ ان جا متعلق: صاحب تاريخ معصومي مرزا شاهہ حسن جي همعصر علماء ۽ فضلاءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ"هن عاليشان طبقي جو اڳواڻ عالي جناب مير محمود المعروف بہ شيخ ميرڪ بن ابو سعيد پوراني هو." سندس نسب جو احوال سرڪار بڪر جي بزرگ ميرڪ بايزيد جي ضمن ۾ اچي ويو آهي. هي صاحب فضل، سخاوت، زهد، ۽ تقويٰ ۾ گهڻن سيدن ڪان ممتاز ۽ نرالو هو. ڪئين پرديسي خواهہ ديسي سندس احسان جي دسترخوان تان مستفيض ٿيندا هئا. ڪئين سال ٺٽي جي شيخ الاسلاميءَ جي عهدي تي فائز رهيو. ڪيترن طالب علمن کي ڪامل فيض عطا ڪندو رهيو. خط نستعليق ۾ ڏاڍو ماهر هو. سندس وفات محرم سن ٩٦٢هہ/١٥٥٣ع ۾ ٿي. "رفت ميرڪ آه آه" ٩٦٢هہ مان سندس تاريخ وفات نڪري ٿي. پنهنجي اولاد جي محلي ۾ هڪ عاليشان مسجد ۽ مقام جي مشهور رائنڪ سندس تعمير ٿيل آهن. ٽي پٽ هرهڪ ١ـ شيخ مير محمد ٢ـ ميرڪ عبدالباقي ۽ ٣ـ ميرڪ عبدالرحمان ڇڏي ويو. پاڻ بہ عاليشان شاعر هو. سندس شعر ملاحظہ ٿئي:

گر روزگار سفلہ نواز ست غم مخور
خسخانہ را براي حسينان گذاشتيم.

شيخ ميرمحمد: هڪ اعليٰ درجي جو خوبين سان موصوف ۽ انساني فضيلتن سان مخصوص ميرڪ هو. سال ۹۷۰هه/۱۵٦۲ع ۾ گذاري ويو. اولاد ڪونہ ڇڏيائين. تحفة الڪرام تصنيف ٿيل (۱۱۸۱هه/۱۷٦۷ع) ۾ لکيو آهي تہ "جامع فتاويٰ پوراني" سندس يادگار آهي. مگر ساڳئي صاحب هن کان اڳ "مقالات الشعراءِ" (تصنيف ٿيل سال ۱۱۷۴هه/۱۷٦۰ع) ۾ لکي آيو آهي تہ "جامع فتاويٰ پوراني" جو هند و سنڌ ۾ معروف آهي سندس (مير عبدالوهاب پورانيءَ) جي يادگار آهي. ازان سواءِ مير معصوم جو انهن صاحبن جي قريبي دور جو مورخ هو، ان بہ ميرڪ عبدالوهاب ڏانهن منسوب ڪيو آهي ۽ نہ ئي ميرڪ محمد ڏانهن. هي بہ تحفة الڪرام جي اسقام مان هڪ آهي.

ميرڪ شيخ عبدالباقي: والد کان پوءِ شيخ الاسلامي جي عهدي تي فائز ٿيو. سيني علمن خصوصاً هيئت ۽ حڪمت ۾ ڪمال دسترس هيس. مولانا عبدالخالق گيلاني پڻ ڪي علمي باريڪ نڪتا وٽائنس حل ڪيا. اقليدس (جاميٽري) ۾ ايترو تہ ڪمال هوس جو ڪيترين پنهنجون شڪليون ايجاد ڪيائين، جيڪي سيني کي پسند آيون. ان کانپوءِ سندس فرزند شيخ محمود ثاني شيخ الاسلاميءَ جي عهدي تي رهيو، ۽ سن ۱۰۲۰هه/۱٦۱۱ع ۾ فوت ٿيو. سندس اولاد ۾ شيخ اسلامي هلندي آئي. هن صاحب جو شعر ملاحظہ ٿئي:

دان تسبيح ڪفِ حق شناس،
رابعۂ زهد و راهِ خدا ست.

ميرڪ عبدالرحمان: وڏن جي فضيلت ۽ صالحن جي شاندار خوبين سان سينگاريل هو. ساري عمر تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ گذاري، ممتاز حيثيت سان وفات ڪيائين. ڪيس بہ پٽ هئا. هڪ ميرڪ عبدالواسع ۽ ٻيو ميرڪ عبدالرحيم. ميرڪ عبدالواسع ڏاڍو فاضل ۽ وڏو بزرگ هو. هو شاعريءَ ۾ بہ اعليٰ درجي جو شاعر هو. "مقالات الشعراءِ" ۾ سندس

غزل شيخ نصيرالدين چراغ دهلوي (وفات ٧٥٧هه/١٣٥٦ع) ۾ شاعر اميدي جي تتبع تي حسب ذيل ڇاٽايل آهي:

اي عشقِ تو بختم را آورده بخواب اندر
وي زلف تو دلهارا افگنده بتاب اندر
تاطره فگندستي بر چهرهٔ چون روزت
خورشيد نهان داري گوئي بحساب اندر
اي شورِ تو در سرهاوي سوزِ تو در دلها
افگنده قيامتها چون مئي بہ شباب اندر
بي قدر تر از مورم، در زير سم اسپت
خواهي تو بتمكين رو، خواهي بشتاب اندر
گركشتنِ "واسع" را پرسند سبب زان بت
صدگو نہ خجالتها دارد بجواب اندر

ميرڪ عبدالواسع جو پٽ ميرڪ محمد حسين هڪ مجذوب سالڪ ۽ ڪشف ۽ حال جو صاحب هو.

١٧- مير غروري ڪاشاني: مرزا باقيءَ جو همعصر ۽ معتبر سيد هو. ان زماني ۾ آب داڻي جي ڪشش ڪري پنهنجو اصلوڪو وطن ڇڏي اچي ٺٽي ۾ رهيو. جهانگير بادشاهه جي زماني ۾ ضربخاني جو داروغو مقرر ٿيو. شعر نهايت اعليٰ درجي جو چوندو هو. شعر جو ديوان (جو مير قانع سچو ڏٺو هو) ۽ ڪي ٿوريون لطيف مثنويون، يادگار ڇڏي ويو. سندس شعر جو نمونو ملاحظہ ٿئي:

"از بخت چسان شكوه توان كرد "غروري"
بي طالعيء اهلِ هنر رسم قديم است"

مثنوي "ساقي نامہ" مان نموني طور ہ شعر پيش ڪجن ٿا:

مرا داغها در دلِ پُر گره
هم آغوش چون حلقهاي زره،
چو عكسم ك در آب دارد نشست
بهر جنبشي مي خورم صد شكست

ڪيس ٻه پٽ هئا. ١ـ مير محمد منعم ٢ـ مير جنگلي. مير محمد منعم ساڳيو عهدو شاهجهان جي دور ۾ ماڻيو. شاعريءَ جي دنيا ۾ هي صاحب "حسيني" تخلص سان مشهور آهي، ۽ "رنگين ديوان" ڇڏي ويو آهي. سندس شعر خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا:

زمن دل را ببندِ زلف دادن
ز تو افشاندنِ موي پسند است

اي "حسيني" مشرق ومغرب دوگامي بيش نيست
تو سن بادِ صبا در زير ران داريم ما

١٩،١٨ـ سيد عبدالرزاق ۽ سيد يوسف بکري رضوي: هي بکر جي رضوي ساداتن جا نور نظر اچي ٺٽي ۾ رهيا. هي ٻئي سيد جادم جا فرزند هئا. سيد عبدالرزاق ظاهري طرح سان ڪوبه اولاد ڪونه ڇڏيو. هو صاحب پنهنجي وقت جو ولي ۽ بزرگ هو. سندس مزار شيخ حماد جماليءَ جي مقبري جي ڀرسان، قاضي عبدالله جي چوڪنديءَ جي الهندي ۾ عام خاص ماڻهن جي زيارتگاهه آهي.

سيد محمد يوسف: سيد مبارڪ شاهه کان فيض پرايو، جو سيد محمد جونپوريءَ جي هڪ وڏي مريد شيخ دانيال جي مهربانيءَ جي نظر جو تربيت يافته هو. ان جاءِ تي عبادت ڪندو هو، جتي سيد مهدي اچي رهيو هو، ۽ جتي سراين جي شادماني جي جاءِ آهي، ۽ سلطان سامئيو آرامي آهي. سندس بزرگيءَ جا نقل سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري ۽ ٻين بزرگن کان ٽيل آهن. قاضين مان شادي ڪري حال ۽ قال جو صاحب اولاد ڇڏيائين، مقالات الاشعراءَ يا "تحفة الڪرام" ۾ سندس شعر بابت ذڪر آيل نه آهي. مگر مخدوم ابراهيم خليل "تڪمله مقالات الشعراءَ" ۾ سندس چار موتي بيان ڪيا آهن. جي حظ ۽ برڪت خاطر ڏجن ٿا.

هرڪه توجه بدرِ حق ڪند
تو سنِ افلاڪ شود دام او
گرچه جهان جمله شود دشمنش
ڪج نه ڪند موي از اندامِ او

سندس فرزند سيد ابراهيم ۽ سندس پائٽيو سيد اسحاق بہ ڪمال جا صاحب ٿي گذريا آهن. انهن جي اولاد مان ڪيئي موتي سرجيا، جن علم وادب، فقيري ۽ ولايت جي ميدانن کي منور ڪيو. سندن مريدن مان ميان آسو بودلو مشهور آهي.

٢٠- سيد محمود بخاري: سيد محمود بخاري بن سيد حاجي حميد نظام الدين، ارغونن جي ڏينهن ۾ گجرات کان اچي ٺٽي جي سيد محلي ۾ رهيو. هو مسجد فرخ ۽ عيدگاهہ جو پيش امام ۽ خطيب هو، ۽ نهايت بزرگيءَ ۽ سهڻيءَ حالت ۾ گذاريائين. سندس اولاد مان سيد طيب، سيد رحمت الله، سيد جهنگل، سيد قاسم ۽ سيد لطف الله مشهور ٿي گذريا آهن. مير علي شير قانع جو ڏاڏو سيد محمد ڪاظم سيد لطف الله جو نائي هو.

٢١-٢٢- سيد محمد حسن استرآبادي ۽ طاهر محمد نسياني: سيد محمد حسن، مرزا باقيءَ جو همعصر ۽ ساڻس متعلق هو. مير طاهر محمد نسياني "تاريخ طاهري" جو مصنف سندس فرزند آهي. هن جي وڏن جي مزار جي رائنڪ، عبدالله شاهہ جي درگاهہ جي پويان اتر طرف يادگار آهي. طاهر محمد نسيانيءَ "تاريخ طاهري" کان علاوه قصہءِ عمر مارئي مسميٰ بہ "ناز و نياز" بہ تيار ڪيو هو. هي جڏهن ٢٥ سالن جو ٿيو، تڏهين پنهنجي تحصيل علم کي پايہءِ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ١٠١٥/١٦٠٦ع ۾ ٺٽي ۾ آيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ٩٩٠هہ/١٥٨٢ع ۾ ڄائو هو. هن مولانا اسحاق، مشهور صوفيءَ جي هٿ هيٺ پنهنجي علم ۽ سلوڪ جا مرحلا طئي ڪيا.

هن تاريخ طاهري ١٠٣٠هہ/١٦٢١ع ۾ پوري ڪئي، جڏهين سندس عمر ٤٠ ورهيہ هئي. هيءَ تاريخ شاهہ محمد بيگ عادل خان ولد شاهہ بيگ عادل خان ارغون قنڌار جي گورنر ڏانهن منسوخ هئي. "تحفة الڪرام"، هن سردار کي مرزا بيگ عادل خان ترخان لکيو آهي. وڏيڪ ڇاڻايو اٿس تہ پائرن جي دشمنيءَ ڪري مرزا باقي جي ڏينهن ۾ وڃي اڪبري دربار ۾ داخل ٿيو. جهانگير جي ڏينهن ۾ قنڌار جو حاڪم بنيو. هو نڪتہ سنج

۽ صاحبِ طبع هو. طاهر محمد نسيانيءَ جي شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

ز دل نقشِ غمش زائل نگردد.
سويدا حظِ انساني نہ باشد.

۲۳- **خواجہ مير ڪمال الدين ۽ سندس اولاد:** خواجہ عبيدالله احرار جي اولاد مان خواجہ مير ڪمال الدين علوي ٿي گذريو آهي. جنهن جي زيارت جو شرف حاصل ڪري، همايون بادشاهہ ايران ڪان موٽڻ وقت دعا جي درخواست ڪئي هئي. ساڳيءَ طرح اڪبر بادشاهہ بہ مير ڪمال الدين ڪي زيارت ۽ دعا لاءِ درخواست ڪئي. هن صاحب ضعف ۽ پير سالي جو بهانو ڏيئي پنهنجي پٽ "شهاب الدين" ڪي موڪليو. هو ڪيترو وقت بادشاهي دربار ۾ رهي وري پنهنجي والد ڏي موٽيو. هي صاحب "مير محمد حسين گيلانيءَ"، جو شاهہ بيگ سان گڏ اچي ٺٽي ۾ رهيو هو، ان جي نياٽيءَ سان مڱيل هو. شاديءَ جي ارادي سان اچي ٺٽي ۾ رهيو. ڪلان ڪوٽ ۾ رهڻ لڳو ۽ اتي ئي گذاري ويو. سندس اولاد مان بہ ڪافي اهل الله ٿي گذريا آهن.

۲۴- **مير محمد حسين ۽ ان جو اولاد:** حضرت پيران پير جي اولاد مان، مير محمد حسين گيلاني هروي، هرات مان نڪري شاهہ بيگ سان گڏجي ٺٽي ۾ آيو. مذڪور مير شهاب الدين سندس نياٽو هو. سندس فرزند "مير عبدالله نازڪ" ۽ سندس اولاد، الله وارن مان ٿي گذريو آهي.

۲۵- **پير شيخ عالي ۽ سندس اولاد:** شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني رحہ جي پوٽن ۾ وڏي ۾ وڏو پير آهي. ترخاني زماني ۾ سير ڪندو ٺٽي ۾ "سيد علي شيرازي ثاني" جي باغ ۾ اچي لٿو. سندس ڪرامتن جي ڪري سيد صاحب ڪيس باغ نذر طور ڏنو. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ شادي ڪري، چار پٽ ڄڻيائين - ابو محمد، محمد صالح عرف فاضل محمد، ولي محمد ۽ شيخ محمد واصل. سڀ پهتل ۽ الله وارا ٿي گذريا آهن.

۲۶- **شيخ ڪالو قريشي ۽ سندس اولاد:** شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتانيءَ رحہ جي اولاد مان ترخانن جي حڪومت ۾ ٺٽي ۾ آيو. خسرو

خان چرڪس هن ڪي پنهنجو نياٽو بنايو. هن جي اولاد مان شاهہ عبدالله، شيخ رحمت الله، شيخ عبدالباقي، شيخ عماد الدين ۽ انهن جا پويان نشانبر تي گذريا آهن. خسرو خان چرڪس جو احوال اڳتي ايندو.

٢٧ـ قاضي نعمت الله ثاني بن قاضي سائين ڏنو بن قاضي نعمت الله: هن صاحب جو ڏاڏوقاضي نعمت الله وڏو ڄام صلاح الدين بن ڄام تماچي جي ڏينهن ۾ عالمن جو پيشوا ۽ پرهيزگارن جو اڳواڻ هو. هنن جو نسب حضرت عباس رضي الله تعالىٰ عنہ سان ملي ٿو.

"هي صاحب وقت جو علامو ۽ زماني جو زبردست عالم هو. هو پنهنجي وقت ۾ عالمن جو مرجع ۽ معرفت جو سرچشمو هو." مرزا باقي ۽ مرزا عيسيٰ سندس همعصر هئا. هن جو پٽ رحمت الله بہ ڪمال جو صاحب هو. ان ڪانپوءِ سندس پونير بہ علم جي شمع ڪي ٻاريندا آيا. قاضي رحمت الله جو هڪ شعر ملاحظہ ٿئي:

جائي ڪہ عرض دهد دل فگارتو،
روي زمين چو عرصہء محشر بهم خورد.

٢٨ـ قاضي محمود علامہ: قاضي نعمت الله ثانيءَ جو سوٽ ۽ مرزا باقيءَ ۽ مرزا عيسيٰ جو همعصر وقت جو علامو هو. فضيلت ۽ ڪمال ۾ بينظير ۽ علمن جي جامع هجڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هو گهڻين تصنيفن جو صاحب هو. جهڙوڪ "تذڪرة الا وليا" ۽ درسي ڪتابن جا حاشيا. شعر بہ چوندو هو. نمونو ملاحظہ ڪريو:

پيش لطف ايزدي تحصيل حاصل سعي ما ست،
(يڪ) امي را چون ڪند از علم خود صاحب ڪتاب.

هن صاحب جا ٻہ ناليرا فرزند هئا. هڪ قاضي عبداللطيف، جو طبع جو ۽ نزاڪت ۾ يگانو هو ۽ حد درجي جو فاضل شخص هو: اولاد ڪونہ ڇڏيائين. ٻيو قاضي قطب الدين جو علم ۽ عقل جي دائرن جو واقعي قطب هو. ان جي اولاد مان بہ ڪيترائي فاضل پيدا ٿيا.

٢٩ـ قاضي وجه الدين: وقت جو يگانو ترخاني حاڪمن جو همعصر ۽

عباسي گهراڻي جو فرد هو. اولاد ڪونہ ڇڏيائين.
۳۰ـ قاضي شيخ محمد اچوي: پنهنجي وقت جي مشهور عالمن مان هو. پهريائين "هرات" مان "اچ" شريف ۾ آيو. "اچ" ۽ "ملتان" جي فسادن کان پوءِ "بکر" کي وطن بنايائين.
سيد مهدي جونپوريءَ جي فائدي ۾ تحريرون لکيائين. ان ڪري سندس اولاد کي سيد صاحب جي دعا هئي. قاضي سيد شڪرالله شيرازيءَ جي استعفا کان پوءِ سندس ئي رٽ موجب شاهہ حسين قاضي صاحب کي ٺٽي جي قضا سپرد ڪئي. تاريخ معصومي، قاضي صاحب جي باري ۾ لکيو آهي تہ "بيشڪ ديني علمن ۾ ڏاڍو ماهر هو عربيءَ ۾ ڪامل استاد هو." ڪيسن فيصل ڪرڻ ۾ احتياط ڪندو هو. مرزا عيسيٰ ترخان جي اوائلي دور ۾ فوت ٿي ويو. قضا جو عهدو سندس اولاد لاءِ سندس وفات کانپوءِ بہ مخصوص رهيو. سندس ٻہ لائق فرزند هرهڪ **شيخ قاضي احمد** ۽ **شيخ قاضي فريد** پيءُ جي مسند قضا تي ويٺا. قاضي شيخ احمد جو ذڪر خير تاريخ معصوميءَ ۾ بہ آيل آهي.
۳۱ـ مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو: مخدوم بلاول رحہ جي خليفن جي سلسلي ۾ هو. پاڻ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي اولاد مان هو. هميشه عبادتن ۽ وظيفن ادا ڪرڻ ۾ مشغول رهندو هو. زهد ۽ تقويٰ جا سالڪ، هدايت ۽ ارشاد جا طالب سندس معتقد هوندا هئا ۽ سندس ارشادات ۽ عارفانہ قولن تي اعتماد ڪلي رکندا هئا. حديث جي علم ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو. "شرح اربعين"، "شرح ڪيداني" ۽ ٻيا ڪي رسالا سندس تصانيف مان مشهور آهن. هن جي وفات همايون بادشاهہ جي دربدريءَ واري زماني سن ۹۴۹ھ/۱۵۴۲ع ۾ ٺٽي تي مڪليءَ جي مٿين ۾ داخل ٿيو.
۳۲ـ مخدوم ميران بن مولانا يعقوب: معقولي خواهہ منقولي علمن جو جامع هو. مرزا شاهہ حسن کي بہ ڪجهہ وقت تعليم ڏنائين. سندس فيض مان گهڻن طالبن فيض پرايو. هو سن ۹۴۸ھ/۱۵۴۱ع ۾ گذاري ويو. "علامہ وارث الانبياءَ" سندس وفات جي تاريخ آهي. هن جي
۹۴۸ ھ

مزار مڪليءَ تي آهي. فرمائي ٿو ته:

ميانهٔ من و جانان همين من است ونه غير
خدا شناس نه ماند ببند ڪعبه و دير

٣٣ـ مولانا عبدالرحمان: نقلي علمن ۾ بينظير هو. حياتيءَ جا ڏينهن ديني علم جي تحصيل ۽ اشاعت ۾ صرف ڪندو هو. مرزا عيسىٰ ۽ مرزا باقي جو همعصر هو. هن جو ذڪر تاريخ معصومي ۾ به آيل آهي.

٣٤ـ مولانا ڪريم الدين: فضيلت ۽ ڪماليت جو جامع، براين ۽ مشڪلاتن جي پاڙ پٽيندڙ، زهد ۽ تقويٰ ۾ پنهنجن دوستن ۾ ناليرو ۽ مولانا عبدالرحمان جو همعصر هو. تحفة الڪرام واري، ان صاحب جو احوال تاريخ معصوميءَ تان ورتوآهي.

٣٥ـ مخدوم فضل الله: وقت جو وڏو عالم قدسي فضيلت جو جامع، لساني علمن جو ماهر ۽ پرهيزگاريءَ ۽ تقويٰ جي زيور سان سينگاريل هو. هميشه علم جي پاڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو. مرزا عيسىٰ ۽ مرزا باقيءَ جو همعصر هو. سندس اولاد مان مخدوم ابوالخير پنهنجي وقت جو ڪامل عالم هو. "فتاواي عالمگيري" جي مسئلن چونڊڻ ۾ شريڪ رهيو.

٣٦ـ مخدوم فيروز: پنهنجي وقت جو عامل ۽ ڪامل عالم هو. بزرگي ۽ علمي ڪمال سندس اولاد ۾ موروثي هلندا اچن ٿا. ان جو پوٽو قاضي ابراهيم ظاهري خواهه معنوي ڪماليت جو جامع پيدا ٿيو. هو شاهجهان جي دربار ۾، جهان آباد جو مفتي ۽ لشڪر جو قاضي بنيو. ڪجهه وقت ٺٽي جو امين بنجي آيو.

٣٧ـ مولانا يوسف: هن صاحب جو بيان فقط معصوميءَ ۾ آيل آهي. مير معصوم لکي ٿو: "نهايت ديندار ۽ پرهيزگار آهي ۽ شرعي علمن ۾ سندس مٽ ڪو ڪونه آهي."

٣٨ـ قاضي محمد قاسم: هڪ مشهور ماڻهو ۽ پنهنجي وقت ۾ ناليرو ۽ ڏاڍو فضيلت وارو ٿي گذريو آهي. سندس پٽ قاضي قاضن وڏي درجي وارو، متقي ۽ عارفن ۾ داخل هو. ان صاحب جا پٽ ۽ پوٽا دين ۽

دنيا جي وڏن عهدن تي رهيا.

۳۹ـ ملا احمد: مرحوم مير نورمحمد جي "تحفة الڪرام" جي نسخي موجب هي صاحب قاضي محمد قاسم صاحب جو ياءُ هو. شاهہ فتح الله شيرازيءَ جو شاگرد، ابوالفضل ۽ فيضي جو هم سبق ۽ اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ ناليرو عالم هو. ڪجهہ وقت اتي جو قاضي پڻ رهيو. مڪليءَ واري مشهور رائنڪ سندس يادگار آهي.

۴۰ـ مخدوم فيض الله: پنهنجي وقت جو بزرگ ۽ سيد علي شيرازي ثانيءَ جو ظاهري علم جو استاد هو. سيد صاحب جي فرزند سيد جلال پڻ سندس شاگردي قبول ڪئي. سيد عليءَ جي اولاد وارا سادات هن مخدوم جي اولاد جو ادب تمام گهڻو ڪندا هئا. ۽ تبرڪ خاطر تعليم جي ڦرهي پهريائين سندس اولاد کان لڪائيندا هئا. هو آڪر ۾ رهندو هو.

۴۱ـ مخدوم اسحاق: اصل گجرات جو باشندو هو. اگهمڪوٽ مخدوم اسماعيل سومري جو مريد ٿي ٺٽي ۾ آيو. علمي خواهہ عملي ڪماليتن ۾ ڏيهان ڏور مشهور هو. وفات وقت ٻہ فرزند ۱ـ ميان احمد ۲ـ ميان عباس نالي ڇڏيائين. ميان احمد عجيب وغريب ڪمال ۽ حال جو صاحب هو. رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم کان "احمد ڪتابيءَ" جو لقب عنايت ٿيس. سندس شاگردن مان مخدوم عنايت الله مشهور آهي. ميان احمد جو پٽ ميان محمد هڪ صاحبِ فضيلت مدرس هو. ان کان پوءِ سندس فرزند ميان احمد ثاني مشهور هو، جو مخدوم ضياألدين جو شاگرد بنيو. مخدوم محمد اسحاق جو پٽ محمد عباس دنيادارن ۾ چڱو مشهور ٿيو.

۴۲ـ ملا شيخ اسحاق اربعائي: پاڻ اصل ۾ اچ جا هئا. وڏي هدايت ۽ ڪامل ڪرامتن جو صاحب ٿي گذريو آهي. سيد علي شيرازي جو همعصر هو. سندس صحبت جي بدولت ڪيئي صاحب، بزرگ بنجي سگورا ٿيا. سندس مزار مرجع عام و خاص آهي. اربع جي رات هر هفتي عموماً ۽ ماهہ پهرينءَ اربع تي خصوصاً سندس مقبري تي ميلو لڳندو آهي. ان ڪري پير اسحاق اربعائي جي نالي سان مشهور آهي. سندس

وفات ٩٧٥ھ/ ١٥٦٧ع ۾ ٿي. سندس فرزندن مان شيخ محمد صالح صاحب هدايت ٿي گذريو آهي. ان کان پوءِ شيخ نعمت الله ۽ خليفو اسدالله مشهور ٿيا.

٤٣- ملا محمود راهوتي: مذڪور بزرگ، شيخ اسحاق جو رفيق، معتقد ۽ فيضيافتہ هو. صاحبِ حال هو. گهڻن ئي روحاني مريضن کي فيضياب ڪيائين. جناب حضرت غوث الثقلين حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه جي خلافت باطني طور مليل هئس.

٤٤- شاهہ ابوالقاسم هراتي: هرات جي رهندڙ شيخ عبيدالله انصار جي اولاد مان، ٺٽي ۾ آيو. سندس ڙڙپوٽي "شاهہ عزت الله" عالمگير جي زماني ۾ چڱو درجو حاصل ڪيو. ان حساب سان مذڪور شاهہ صاحب مخدوم نوح رحہ جو همعصر هو. سندس خاندان مان "شاهہ محمد يعقوب"، "شاهہ محمد يوسف ۽ شاهہ نعمت" بہ مشهور اصحابِ دل ٿي گذريا آهن. مذڪور شاهہ عزت الله جو پاءُ "شاهہ اسدالله عرف شاهہ اسماعيل صوفي"، روحاني خواهہ جسماني طبيب مشهور ٿيو. سندس دوا درمل جا نمونا بيمثال آهن. هن سڳوري کي اولاد ڪونہ ٿيو.

٤٥- داروغہ گُهَر: ترخاني دور جو هڪ مشهور معروف ماڻهو ۽ سندن ملازمن جي فهرست ۾ ناليرو آهي. "محمدعلي ديوان" جو ترخاني گورنر هو سو سندس نياڻو هو. هن جو گهراڻو وڏو ۽ ڏاڍيءَ چڱي انسانيت پريءَ حالت ۾ هو. سندس فرزند "عبدالواسع" پڻ پنهنجي وقت جو ناليرو انسان ٿي گذريو آهي. ڪائنس پوءِ "محمد رضا" رهيو، جو سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو مريد هو. رسالو "بيان العارفين و تنبيه الغافلين" شاهہ صاحب جي حالات ۽ ملفوظات متعلق سن ١٠٨٣ھ /١٦٧٢ع ۾ تصنيف ڪيائين. محمد رضا جو شعر ملاحظہ ٿئي:

بغمِ تو هر ڪہ جان داد چہ غمش ز روز محشر
ڪہ ز زهر مي نترسد خورد آنڪ پيش افيون.

٤٦- حافظ رشيد خوشنويس: ڄام نظام الدين ۽ ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ خوشنويسيءَ جي گروهہ جو سردار هو ۽ وڏي ۾ وڏن ماڻهن جي

فهرست ۾ داخل هو.

۴۷۔ سيد حسن خوشنويس: ترخاني دور ۾ خوشنويسيءَ جي فن جو ماهر هو. سندس پٽ "سيد محمد طاهر" پڻ مشهور ستن قلمن جو نگارنده ۽ ماهر هو. عوام ۾ ڪافي مشهور هو.

۴۸۔ سيد رحمت الله: سيد ابو القاسم بيگلار جو فرزند، خط نستعليق ۾ پنهنجي وقت اندر مشهور ۽ معروف هو.

شعراء ڪرام

هاڻي شعراء ڪرام جي دور جو دورو ڏئي ٿو، جو "مقالات الشعراءَ" جي گلستان جي سير ڪان پوءِ عمل ۾ آيو آهي.

۴۹۔ محمد مقيم بن قاسم منشي: ترخاني دور جو مشهور شاعر محمدعليءَ جو ڏوهٽو هو. مرزا جاني بيگ جو وزير ۽ مشير هو ۽ ساڻس گڏ اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ پهتو.

"مومل ۽ مينڌري" جي عشق جو قصو "ترنم عشق" نالي سندس يادگار آهي. "مقالات الشعراءَ" ۾ سندس هيٺيون شعر نموني طور ڏنل آهي:

درون ز غير بپرد ازو روي يار ببين،

ڪہ مه عيان نشود تا هوا نگردد باز.

۵۰۔ مقيم: هي بہ مرزا جاني بيگ جي زماني جو هو ۽ سنڌيءَ خواهه فارسيءَ ۾ شعر چوندو هو. "مارئي" بابت سنڌي ڏوهيڙا ٺاهيائين، جي اڪبر بادشاهه کي پڌائڻ لاءِ مرزا جاني بيگ سان گڏجي ويو. هن کان اڳ مرزا عبدالرحيم "خانخانان" فتح سنڌ وقت بہ مارئيءَ جا بيت هن کان پڌا هئا. هن جو شعر آهي تہ:

سخن مدان ڪہ سنجائيدن دو لب زايد،

سخن هما نست ڪہ اندر ڪتابها بايد.

۵۲،۵۱۔ ملا سلامي ۽ ملا عبدالحڪيم: ٻئي يائر پنهنجي وقت جا مشهور ۽ معروف خوشطبع شاعر هئا. ملا سلامي جون عجيب ۽ ڪل جهڙيون ڳالهيون عام ماڻهن جي زبان زد آهن. هو ٻئي "خواجہ عطاالله"، "قاضي محمد حسن" ۽ "ميرڪ عبدالوهاب" جا همعصر

آهن. مقالات الشعراء مان سندس هيٺيان شعر نموني طور ڏجن ٿا.
ملا سلامي:

کس بر دهانِ تنگِ تو هرگز نبرده راه،
مکشا بخنده پردهٔ رازِ نهفته را.

ساقِ سيمينِ او بلورِ يمن،
گر غلط گفته ام بگردنِ من.

ملا عبدالحکيم چيو آهي:

تيرت گذشت از تنی همچون هلال من،
اينهم گذشت فکرِ دگر کن بحال من.

٥٣- مير سيد محمد آمي: مولد مکہ شريف ۽ سندن وطن مدينہ شريف هو. مرزا جاني بيگ ترخان جي آخر ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ لاهور ۽ ملتان جي وچ ۾ داعي اجل کي ١٠٢٤هہ/١٦١٥ع ۾ لبيک چيائين. سندس شعر جو قسم ملاحظہ ٿئي:

با وصفِ کمال علم و دانش - امي لقبم چو ذاتِ احمد،
حقّا و بربّ کعبہ صد شکر - در مکہ بزاده چون محمد صہ.

٥٤- ادراکي بيگ لاري: ارغونن جي قبيلي مان هو. مثنوي چنيسر نامہ ١٠١٠هہ/١٦٠١ع ۾ پوري ڪيائين، ۽ مير ابوالقاسم سلطان بن خان زمان سيد قاسم بيگلار ڏانهن منسوب ڪيائين. ليلان جو ڪونرو کي طعنو ڏنو:

اگر در ساحري صد ساله باشد،
بسحرت سامري گوساله باشد.

ڪونرو جو جواب:

نگار او منم نقشت کهن شد،
در اوّل از تو بود آخر زمن شد،
کہ در صورتگريدستِ مصوّر،
کشد بهتر ز اول نقش آخر.

٥٥ـ شيخ عبيدالله آهي: هرات جي بهشتين جي خاندان مان هو ۽ مرزا شاهہ بيگ سان گڏ سنڌ ۾ آيو. سؤ تصنيفن کان مٿي، سندس پڳهر جو پورهيو آهي. سندس عمر جي آخري ڏينهن ۾ بيخوديءَ جي عالم ۾ سرگردان رهيو ۽ پنهنجي ڪتبخاني کي باهہ ڏنائين. جڏهين همايون بادشاهہ ۽ ارغونن جي وچ ۾ جوڻ جي ڳوٺ وٽ جنگ لڳي، تڏهن هن مجنون کي بہ هڪ تير لڳو. سن ٩٥٠هہ/ ١٥٤٣ع ۾ راهہ جاوداني وٺي روانو ٿيو. سندس سالِ وفات قانع صاحب "شهيد عشق گمنامي" ٩٥٠هہ/١٥٤٣ع مان ڪڍي آهي. سندس شعر ملاحظہ ڪريو:

پس از من کس نپرسد حال آهي.
شهيد عشق گمنامي دوام است.

حيرتِ عشق تو بربوده ز سر هوش مرا،
مانده ام همچو کدوي تهي از باده بخاڪ.

٥٦ـ علي قلي بيگ اميدي: مرزا عيسيٰ ترخان (٩٦٢هہ/١٥٥٤ع) جي زماني ۾ سپہ سالار بڻيو ۽ ساڳئي سال ۾ سلطان محمود بکريءَ سان جنگ ڪري فوت ٿيو. سندس شعر ملاحظہ ٿئي:

دست در ڪار عدو ناخن همت بخشد،
شير باشي اگر از جنگ نريزي سر خصم.

٥٧ـ مير علي رضا مشهدي آگاهہ: مرزا شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ واپار سانگي سنڌ ۾ آيو. مرزا جي قدر وقيمت ڪيس هت رهائي ڇڏيو. جڏهين مرزا فوت ٿيو، واپس وطن ڏانهن وريو. مرزا جي توصيف ۾ چيو اٿس:

خُلقِ حسن از نقشِ جبينت روشن.
زيبد بولائي عليّت نامِ حُسن.

٥٨ـ محمد انوار قنڌاري: مخدوم عبدالعزيز محدث ابهري ڪاهاني جي خدمت ۾ رهيو. ان بعد بابر بادشاهہ جي دربار ڏي ويو. وري همايون بادشاهہ جي خدمت ۾ سنڌ ۾ وري آيو. ٩ـ ربيع الاول ٩٥٠هہ مطابق

١٢- جون ١٥٤٣ع ۾ جڏهين بادشاهہ قندار طرف ويو، تڏهن هن صاحب حرمين شريفين لاءِ رخصت ورتي. پاڻ چيو اٿس.

اى آنکہ بچاهِ ابتلا در ماندي،
در دشتِ جنون بپاي سربر راندي،
ز نهار کہ از کف ندهي دامنِ غم،
از دوست بود هر آنچہ ديدي خواندي.

٥٩- محمد اول گجراتي: جڏهن بيرم خان سنڌ ۾ جوڻ جي ڳوٺ، ٧- محرم ٩٥٠هہ (١٢-اپريل ١٥٤٣ع) ۾ پهتو، تڏهين هي صاحب بہ هن سان گڏ هو. اچڻ سان بيمار ٿي پيو. مرزا شاهہ حسن هن تيمارداري ڪري، ٻن سالن بعد هن کي وطن اماڻيو. فرمائي ٿو:

هر ڪجا دست دهد وصل بتان شادم من،
در وطن گر نبود يار غم آباد من است.

٦٠- قاضي احمد غفاري قزويني: قاضي احمد غفاري قزويني بن امام نجم الدين غفار وڏو صاحبِ فضل ۽ صاحبِ ڪمال ٿي گذريو آهي. سندس والد مذهب شافعي جي "حاوي" ڪتاب جو مصنف هو. ان کان سواءِ نسخہ "نگارستان" جو مرتب آهي. حج تان واپس ديول بندر ۾ سن ٩٧٥هہ/١٥٦٧ع ۾ فوت ٿيو. "يدبيضا" مان سندس سالِ تاريخ نڪري ٿو. چوي ٿو تہ:

پس از عمري نشيند گرد مي در چشم آن بد خو،
نبينم در رخش ترسم کہ ناگه زود برخيزد.

٦١- احمد مڪراني: شيخ احمد مڪراني جو والد خواهہ پاڻ نيمروز جي حاڪم وٽ چڱي رتبي تي فائز هئا. هي صاحب ڪاوڙجي مرزا شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ آيو.هتي ئي فوت ٿيو. هيئيان بہ شعر سندس آهن:

دو روزي بيش نبود صحبتِ گل،
عبث خود را دهد برباد بلبل.
درين گلشن بيادِ سرو آزاد،
سزد طوقِ غلامي بهرِ صُلصل.

٦٢ـ حسن قلي خان ابهت: خان خانان جي لشڪر جو هڪ فرد هو. سيوستان جي جنگ ۾ قتل ٿيو. هي واقعو سن شوال ٩٩٩هہ/ ١٥٩٠ع بعد ٿيو. هيئيون شعر سندس آهي:

از دستِ هر ڪسي ڪہ فتادم فتاده ام،
سيماب وار نيست بڪف اختيار ما.

٦٣ـ احمد علي مازندراني: شاهہ عباس صفوي شاهہ ايران (دور حڪومت ٩٨٥هہ /١٥٧٧ع ١٠٣٨هہ/١٦٢٨ع) جي ايلچيءَ سان گڏ سنڌ ۾ آيو. سندس مزاج تي جنون طاري ٿيو. ڪافي وقت پيرين مٿي اگهاڙو پيو گهمندو هو. هڪ برهمڻ ڇوڪري سان شغل دل جو لڳي ويس. آخر سندس عزيزن مان ڪو اچي ڪيس وٺي ويو. وڃڻ وقت هي بيت اچانڪ چيائين:

جدا ز دوست نہ دانم چها رود برسر،
ڪہ در حضور سرم در سرِ غمش فرسود.

٦٤ـ اڪبر بادشاهہ: جلال الدين محمد اڪبر بادشاهہ، آچر ڏينهن ٥ـ رجب ٩٤٩هہ /١٥ـ آڪٽوبر ١٥٤٢ع عمرڪوٽ سنڌ ۾ تولد ٿيو. وري جمع ڏينهن ٢ـ ربيع الثاني ٩٦٣هہ /١٤ـ فبروري ١٥٥٦ع ڪلانور ۾ جلوس فرمايائين. ٥٠ سال ڪن تمڪنت سان حڪومت ڪري ١٣ـ جمادي الآخر ١٠١٤هہ/٢٦ـ آڪٽوبر ١٦٠٥ع ۾ فوت ٿيو. علم تاريخ ۾ تمام باخبر هو. ڪڏهين ڪڏهين شعر بہ چوندو هو. ملاحظہ ٿئي:

روشينه بڪوي ميفروشان پيمانہء مي بزر خريدم،
اڪنون ز خمار سر گرانم، ز ردادم ودرد سر خريدم.

٦٥ـ الهداد: شيخ الهداد، مرزا جاني بيگ ترخان جي مصاحبن مان هو. هن ڪي سرڪار چڪر هالہ انعام طور مليل هئي. جڏهين مرزا خانخانان جاني بيگ ڪي دهلي وٺي ويو تڏهن هن صاحب لاهور ۾ اقامت ڪئي. فرمائيتو تہ:

گر بعشقِ تو چو من ڪس بوفا در سازد
ترسم آخر ڪہ مبادا بسرِ رحم آئي.

٦٦ـ آخوند ملا اسحاق بکري: اصل بکر جو باشندو ۽ سلطان محمود خان کوکلتاش جو ملازم، مرزا غازي بيگ وقاري جو معلم هو. فرمائي ٿو:

مي طپد دل در برم در شوقِ تو
مي گذارد خانہ را از ذوقِ تو

٦٧ـ بابر بادشاهہ: ظهيرالدين محمد بابر بادشاهہ ولد مرزا عمر شيخ بن سلطان ابو سعيد بن سلطان محمد بن ميران شاهہ بن امير تيمور گورگان ٦ـ محرم ٨٨٨هہ/١٤ـ فيبروري ١٤٨٣ع ۾ تولد ٿيو. هن حساب سان هي صاحب مخدوم نوح جي وڏي عمر وارن بزرگن ۾ اچي ها، مگر جيئن تہ هاڻي محض گلستانِ سخن جي طوطي مقال شاعرن جو ذکر هلي رهيو آهي، تيئن بابر بادشاهہ کي وسارڻ نيک نہ آهي. بروز جمع ٨ـ رجب ٩٣٢هہ/٢٠ اپريل ١٥٢٦ع پاڻي پٽ جي ميدان تي ابراهيم لوڌيءَ کي شکست ڏيئي مغلن جو سرموڙ تي هند جو حاکم ٿيو. ٥ـ جمادي الاول ٩٣٧هہ/٢٥ـ ڊسمبر ١٥٣٠ع آگره ۾ فوت ٿيو ۽ سندس وصيت مطابق کيس کابل ۾ دفن کيو ويو. سندس سال وفات "بهشت روزي باد (٩٣٧هہ/١٥٣٠ع) مان نکري ٿو. پاڻ اکثر علمن ۾ مهارت رکندو هو. ترکي ۽ فارسي ۾ شعر چيائين. عروض، فقه ۽ پنهنجي وقائع بابت تاريخي رسالا لکيائين. فرمايو اٿس:

عرق چو از رخِ آن ماه پاره مي ريزد
ز آفتاب درخشان ستاره مي ريزد

٦٨ـ مرزا محمد باقي بن مرزا عيسيٰ ترخان: مرزا محمد باقي پنهنجي پيءُ جي ڏينهن ۾ پنهنجي ڀاءُ مرزا محمد صالح سان وڙهيو. مرزا عيسيٰ ترخان پنهنجو ولي عهد مرزا جان بابا کي کيو. مگر آخر هي تخت تي ويٺو. هن جي اعمال جي شامت هن جي آڏو آئي ۽ پنهنجو پاڻ کي تلوار هٽي ماري ڇڏيائين. هي واقعو ٩٩٣هہ/١٥٨٥ع جو آهي. شعر ۾ کهڙي نہ حقيقت بيان کئي اٿس:

تلاشِ منصبِ دنيا فزوده دردِ سرم
كنون كلاه نمد اختيار بايد كرد

٦٩- بيرم خان: ماثر رحيمي ۽ مجالس المومنين ۾ سندس نسب هي اهي تہ بيرم خان بن سيف علي بيگ. بن بيري بيگ بن پير علي بيگ بن علي شكر بيگ بن بيرم قوابيگ، جو مرزا اسكندر جي اولاد مان هو. همايون بادشاهہ سان همركاب رهيو هو. ۽ اكبر بادشاهہ جو اتاليق مقرر ٿيو. اكبر جي ڏينهن ۾ پَٽن وٽ ٩٦٨هہ/١٥٦٠ع ۾ شهيد ٿيو. تركي ۽ فارسي ۾ قابل شاعر هو. سندس نور نظر علم وفضل جو خان مرزا عبدالرحيم خان خانان هو. سندس منقبت جا چند بيت سندس قبر تي اكريل آهن. انهن مان چند ملاحظہ خاطر ٿين:

شهي كہ بگذرد از نُه سپر افسر او
اگر غلامِ علي نيست خاك برسر او

هك ٻيو شعر ڏجي ٿو:

اي كوي تو كعبہء سعادت ما را،
واي روي تو قبلہ عبادت ما را،
خوش آنكہ بهديہء عنايت سازي،
وا رستہ ز قيد و رسم عادت ما را.

٧٠- مرزا پاينده بيگ بن مرزا محمد باقي ترخان: مجذوب الحال هو. ان كري سندس والد جي وفات بعد پٽس مرزا جاني بيگ تخت نشين كيو ويو. سندس شعر ملاحظہ كريو:

فلك بكام كہ گرديد كاخرس نفگند.
تراز سنگِ فلاف قياس بايد كرد.

٧١- مرزا جاني بيگ بن مرزا پاينده بيگ بن مرزا محمد باقي ترخاني: مرزا محمد باقي جي فوت ٿيڻ بعد اميرن وزيرن هن صاحب كي ٨ - شوال ٩٩٣هہ/١٣- آكٽوبر ١٥٨٥ع تي تخت نشين كيو. ست سال سهٽي نموني حكومت كيائين. پوءِ مرزا خانخانان كيس شكست ڏيئي دهليءِ وٺي ويو. پنج هزاري منصب ۽ سنڌ ملك واپس مليس.

شهزادو خسرو بن جهانگير (تولد ٩٩٥هه/١٥٨٧ع) سندس نائي هو. بادشاهه اڪبر ساڻ گڏ هو تہ برهانپور ۾ سرسام ڪري ٢٧- رجب ١٠٠٨هه /١٥٩٩ع ۾ فوت ٿيو. سندس مقبرو ڪوهه مڪليءَ تي آهي. شعر باشعور ۽ حقيقت افروز چوندو هو. نموني طور پيش خدمت آهي:

عشقي خواهم ڪہ از خودي پاڪ ڪند،
آبي مژه‌اي ڪہ دهر نمناڪ ڪند،
پاي ڪہ بيابانِ عمل را سپرد،
دستي ڪہ گريبانِ هوس چاڪ ڪند.

سندس فرزند مرزا غازي بيگ وري سنڌ تي مغلن پاران راڄ ڪندو هو، ۽ عالم، فاضل ۽ شاعر هو. عالم نواز بہ هڪڙوئي هو. طالب آملي، ملا مرشد يزد جردي ۽ شمس بہ سندس دربار ۾ رهندا هئا. "طالب" سندس باري ۾ چيو آهي تہ:

چراغِ انجمن دهر، ميرزا غازي،
ڪہ زواست روشن اين هفت ڪاخ ظلماتي.

پاڻ صاحبِ ديوان آهي ۽ هڪ مثنوي بنام "ساقي نامہ" بہ سندس چيل آهي. سندس شعر جو نمونو پيش خدمت آهي. سندس تخلص "وقاري" هو:

شاخِ جنون ز عشقِ توام سبزه شد هنوز،
اين ابتدا ست گل به از زين خواهدم شگفت.

بزم عشق ست "وقاري" بادب بايد بود،
ڪہ در آن جز بلبِ زخم تڪلم ڪفر ست.

"طالب" آملي جواب ڏنو:

موبمو قفل دهان باشد ڪہ در مذهبِ عشق،
با بتان جز بللِ زخم تڪلم ڪفر ست.

هن جي عزيزن هن کي سن ١٠٢١هه/١٦١٢ع ۾ عبداللطيف نالي هڪ خانہ زاد غلام هٿان هڪ قول موجب گهٽو ۽ ٻئي قول موجب زهر

ڏياريائون. سندس سالِ وفات "زدستِ غلام گل بردن رفتہ، دريغ!"مان نڪري ٿو.

٧٢ـ مولانا محمد حسين المشهور ملا جانباز ولد ملا سروري بن ملا حسين ٺٽوي: سادات شڪر الاهي جي پاڙي ۾ گذاريندو هو. "سلامي" سندس همعصر هو. هيٺيون شعر سندس آهي:

"جانباز" ترا دادنِ جان عار نباشد،
پروانہ جز از سوختنش ڪار نباشد.

٧٣ـ مخدوم حامد تتوي: ملا سلامي ڪان ٿورو اڳ جو آهي. سندس شعر ملاحظہ ٿئي:

بي نسيم سحري غنچه نبايد بشگفت،
ڪارها در گروِ وقت معيّن باشند.

٧٤، ٧٥ـ خان اعظم: مرزا عزيز ڪوڪ بن شمس الدين محمد خان اعظم اتکه اڪبري وڏن اميرن مان هڪ هو. هي اڪبر جو ٽج شريڪ ڀاءُ هو. هي صاحب شيخ حميد بن قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم باغباني سان گڏ حج تي ويو. احمد آباد ۾ سن ١٠٣٣هہ/١٦٢٣ع ۾ وفات ڪيائين. سندس شعر ملاحظہ ٿئي:

منه اي طفل اشڪ از خانہء چشمم قدم بيرون،
ڪہ مردم زادها از خانہ مي آيند ڪم بيرون.

سندس وڏو ڀاءُ "محمد يوسف" پڻ اڪبري پنج هزار منصب جو صاحب هو. ۽ سن ٩٧٣هہ/١٥٦٥ع ۾ فوت ٿيو. سو بہ صاحب مثنوي "يوسف زليخا" هو. چيو اٿس:

در ڪوي مراد خود پسندان دگراند،
در واديء عشق مستمندان دگراند.

٧٦ـ خنجر بيگ ارغون: ارغونن جي خاندان مان هو ۽ مرزا جاني بيگ جي وقت ۾ ٿي گذريو آهي. سندس وفات جي تاريخ هن سٽ مان نڪري ٿي. "صد واي زخنجر بيگ" ١٠٠٢هہ/ ١٥٩٤ع. سندس شعر ملاحظہ ٿئي:

وه چہ ان شوخ پس فتنہ گري پيدا ڪرد،
عالمي را بادا و نگهي شيدا ڪرد.

٧٧ـ ملا جلال داعي: مرزا جاني بيگ جي متعلقن مان هو. هن جي مدح ۾ چيائين:

زهي ز عدلِ تو آسوده خلقِ رحماني،
حلول ڪرده بدلهاي خلق چون جاني.
ز بس نوال و ڪرم عقل خيره گرديده،
نداند آنڪ بگويد تو بحريا ڪاني.
بدستِ تربيتت "داعي" آ نچنان باليد،
ڪہ رفتہ رفتہ نهد پا بہ تختِ سلطاني.

مقطع تي مرزا ڪجھ ڪاوڙيو. ان ڪري داعي پاڻ کي زهر ڏيئي سن ١٠٠٠ھ/١٥٩١ع ۾ هلاڪ ڪيو.

٧٨ـ محمد رضا دانش بکري: سلطان محمود بکري جي متعلقن مان هو. سلطان محمود جي مدح ۾ چيائين تہ:

"مرا در دولت سلطان محمود،
خدا مستغني از گردون نموده،
ڪہ او را در سجود درگہ وي،
سرِ اخلاص را واژون نموده"

٧٩ـ خسرو خان چرڪس: چنگيز خان جي اولاد مان چرڪس خان ڏانهن منسوب آهي. جو قبچاق جي پَٽَ تي حڪومت ڪندو هو. ابتدا ۾ ملا جاني بندري وٽ هو. ان بعد مرزا عيسيٰ خان وٽ نندي ملازمت ۾ آيو. سندس ذاتي جوهر سبب جلدي پرڳڻي جي عملداري عطا ٿيس. مرزا جاني جي ڏينهن ۾ قابلِ اعتماد امير هو. جهڙس توفيق ۽ خير جو صاحب ٻيو ڪو هن سرزمين تي پيدا ڪونہ ٿيو. جيتريون سندس نشانيون آهن، انهن جي ڏهين حصي جيتري توفيق بہ ڪنهن امير يا بادشاھ کي نہ ٿي. ٺٽي ۾ مڪليءَ جي گرد و نواح ۾ ٽي سؤ سٺ مسجدون،رائنڪون، پليون، کوھ ۽ تلاءَ ٺهرايائين. هي هڪ نامور ترخاني امير هو، ۽ صاحب

طبع بہ. چرڪس قبيلي وارن جي ارڏاين ڪرڻ ڪري مرزا غازي بيگ جي دل تان ڪري پيو. هڪ روايت موجب هو ٺٽي کان لاهري بندر پهچي اتان ايران هليو ويو. ۽ ٻيءَ روايت موجب هو هتي گذاري ويو. سندس هيٺيون شعر "مقالات الشعراءٌ" ۾ آيو آهي:

خسروا! خاني تو در وقتيڪ از جانِ ڪرم،
هر صباح و شام مي خواني بسي اهلِ همم،
خانئہ درگاهِ رب العالمين باشي اگر،
از تو ناراضي رود جاني زتن سوئي عدم.

سيد عبدالقادر ٺٽويءَ "حديقة الا ولياءِ سنڌ" هن صاحب ڏي منسوب ڪئي هئي.

خسرو خان جو فرزند لطف الله دربار خواهہ قنڌار ۾ مرزا غازي بيگ سان گڏ هو. ۽ قنڌار مان پٺاڻن جي تڙڻ ۾ نمايان ڪم ڏيڪاريائين. هن جو پٽ فتح الله بہ ڏاڏي جي وقت ۾ مرادون ماڻي، چاچڪان جي پرڳڻي تي خودمختيار ٿي رهيو. اسان مٿي ذڪر ڪري آياآهيون تہ ڪالو خان قريشيءَ ڪي خسرو خان نياڻي ڏني، ان ڪري اهي قريشي سندس حويليءَ ۾ رهڻ لڳا.

٨٠ـ عبدالله راجي: سڪر جي طرف جو رهواسي ۽ ملا سلاميءَ جو سهيوڳي هو. فرمايو اٿس:

در آن ديارڪ از دردِ يار نيست اثر،
اگر بهشت بود بهتر از وي است سقر.

٨١ـ ملا عبدالعلي رافت ٺٽوي: مرزا محمد باقيءَ جو همعصر هو. "ساقي نامہ" جو مصنف آهي. هي شعر سندس يادگار آهن:

بهار آمده فڪرِ صهبا ڪنيد،
در عيش بروي خود وا ڪنيد.
صبا ميزند حرف در گوش گل،
جو زرداري امروز ڪن صرف مُل.

٨٢ـ مرزا عبدالرحيم خانخانان رحيم: بيرم خان جو فرزند ۽ اڪبر جو پيارو سپه سالار لاهور ۾ سن ٩٦٤هه/١٥٥٦ع ۾ ڄائو. سندس والد جي شهادت وقت سندس عمر چار سال هئي. اڪبر بادشاهه هن جي تعليم ۽ تربيت جو ڪم آخوندي ملا محمد امين اند جاني جي حوالي ڪيو. فاتح سنڌ هو. صاحب سيفِ وقلم هو. دهلي ۾ سن ١٠٣٦هه/١٦٢٦ع ۾ فوت ٿيو. سندس احوال "ماثر رحيمي"، از خواجه عبدالباقي ۾ مفصل آيل آهي. ترڪي، فارسي ۽ هنديءَ ۾ شعر چوندو هو. چڱو، سندس شعر مان سواد وٺو.

نيم فضول ڪه جويم وصالِ همچو توئي،
بس ست همچو مني را خيال همچو توئي.

اي دوست نه دشمني دل آزاري چيست،
خوي تو نه دهر ست ستمگاري چيست،
چشم تو نه بختِ ما ست پرخواب چراست،
بختِ تو نه، چشم ما ست بيداري چيست.

٨٣ـ محمد شريف شاهد: مرزا غازي جي حڪومت جي زماني ۾ پنهنجي وقت ۾ حسن جي عالم ۾ بينظير هو. اڪثر ڏٺيءَ جا بندا سندس ديدار فرحت آثار لاءِ ايندا هئا. جهڙو هو پاڻ گُل نودميده، تهڙي هيس طبع لطيف ۽ شگفته. شعر ملاحظه ڪريوس:

نيست در ملڪ سخن رسم امانت داري،
ڪامل آنست ڪه او معنيء بيگانه برد.

٨٤ـ محمد شريف ٺٽوي: ملا سلاميءَ سان هَجوَ ۾ ڏي وٺ ڪندو هو. سلامي هڪ دفعي چيو:

گر نباشي گادۀ اشرار تو،
هان قرادر اسم شر پيدا چراست،
آخرت تصحيف تفست زين سبب،
ڪونت از ڪير خران پاره بجا است.

شريف جواب ڏنو:

بقولِ مسخره از جا رود چگو نہ شريف،
کہ سگ هميشه بياوه زبان برون دارد،
اگر نہ اوست سزاوار نار چون اسلام،
در اسم او همگي صورتِ نگون دارد.

٨٥ـ ملا محمد رضا شڪيبي اصفهاني: هن صاحب جو ذڪر نفحات الانس، ماثر رحيمي ۽ "ميء خانہ" ۾ آيل آهي. هن جي والد صاحب جو نالو ظهيرالدين عبدالله امامي هو. ٩٦٣هه/١٥٥٦ع ۾ ڄائو. ٣٣ سالن ۾ اصفهان ڇڏي هرمز بندر تان ديبل بندر تي پهتو. ان بعد احمد آباد جي رستي کان آگري پهتو. اتي خانخانان جي خدمت ۾ رسيو. ۽ سن ١٠١٣هه/١٦٠٣ع ۾ فوت ٿيو. شاعر رنگين بيان شيرين زبان هو. سندس شعر پر اثر ملاحظہ ٿئي:

لايق مجلس نيم ليڪ از براي چشم زخم،
شاخ خشڪي نيز درڪار است بستانِ ترا،
پروانہ نيڪ رفتہ ڪہ درپيش شمع سوخت،
آگه نشد ڪہ سوختنِ غايبانہ چيست.

٨٦ـ مرزا صالح ابن مرزا عيسيٰ ترخان: پنهنجي والد جي وقت ۾ مريد بلوچ هٿان سن ٩٧٠هه/١٥٦٢ع ۾ شهيد ٿيو. هيٺيون شعر ملا بدايوني جي "منتخب التواريخ" ۾ ڏانهس منسوب آهي. تاريخ معصومي پڻ دهرايو آهي.

بر ان عزمم ڪہ در ملڪ جنون از سر قدم مانم،
متاع هوش و دانش را ببازارِ عدم مانم.

٨٧ـ امير طاهر صدر: جڏهين همايون بادشاهه پيرلو جي باغ وٽ لٿل هو، تڏهن هن صاحب کي ٩٤٧هه/ ١٥٤٠ع ۾ مرزا شاهه حسن وري ٺٽي ڏي ايلچي ڪري موڪليو. چيو اٿس:

زينت دنيا بود مال و حشم،
ليڪ پيش اهل معنيٰ بي بقا ست.

٨٨ـ احمد طباخ: ارغونن جي زماني ۾ رهندو هو. ڪلام پڪو هوس. ملاحظه ٿئي:

نهاده شمع چراغي براه پروانہ،
ڪہ تا فروغ دهد اتحاد يار بيا.

٨٩ـ سيد عبدالقادر حسيني: ترخاني دور جو مورخ، "حديقة الا ولياء سند" جو مصنف ۽ امير خسرو خان چرڪس جو معاصر سيد عبدالقادر ولد سيد محمد هاشم ابن سيد محمد الحسين ٿي گذريو آهي. امير خسرو خان چرڪس ڏانهن هي ڪتاب منسوب ڪيو اٿس. حديقة الا ولياء ۾ هر جڳهه اولياء ڪرام جي صفت ۾ شعر چيا اٿس. هت امير خسرو خان جي مدح ۾ شعر چيو اٿس، ان مان نموني طور ڏجي ٿو:

جمال صورت و معنيٰ، ڪمال دين و دول،
نهال دولت جاه و گل حديقه جان،
سحاب دست نوالش چو قطره بار شود،
ز قطره قطره شود رشحہ قلزم عمان.

٩٠ـ علي بيگ جلاير: بابر بادشاهه جي ملازمن مان هو. سن ٩٥٠ھ/١٥٤٣ع ۾ همايون بادشاهه سان گڏ سنڌ ۾ آيو. ڪيترين جنگين ۾ ثابت قدميءَ ڪان ڪم ورتائين. چوي ٿو تہ:

گفتم ڪہ عدم گشت وجودم ز غمِ تو،
گفتا ڪہ مساوي ست وجود وَ عدم تو.

٩١ـ علي خان: مرزا باقي جي متعلقن مان هو."تاريخ طاهري؛" ۾ هيٺيون بيت سندس ذنل آهي:

اي علي خان رو نڪوئي ڪن ڪہ بعد از مرگ تو،
نيڪ و بد گويد ڪہ آن مسڪين برحمت در گذشت.

٩٢،٩٣ـ علمي ۽ ڪلامي لاري: علميءَ جو نالو شمس الدين محمد هو. دکن جي اميرن سان تعلق هوس. حرمين کان پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ بکر طرف ويو. ٩٧٥ھ/١٥٦٧ع جي ويجهي زماني ۾ فوت ٿيو. "يدبيضا" ۾ سندس هيٺيون شعر آيل آهي:

قباي سبز در برسروِ نازش مي توان گفتن،
سخت کو ته کنم عمر درازش مي توان گفتن.

سندس ياءِ "صدرالدين محمد ڪلامي" افضل خان امير دکني ڪري اهو تخلص رکيائين. سن ٩٧٧ھ/١٥٦٩ع ۾ گذر ڪيائين. "يد بيضا" ۾ سندس هيٺيون شعر آيل آهي:

قد تو سايہ نيفگند وقت جلوهٔ ناز،
ڪہ سر و ناز بپايت نهاده روي نياز.

٩٤- غضنفر بيگ: ارغوني خاندان سان تعلق هوس. مرزا باقي شهر نيڪالي ڏيئي ڇڏيس. تڏهن وڃي ڪڇ پاسي مقيم ٿيو. مرزا جاني بيگ جي دور حڪومت ۾ خسرو خان چرڪس جي سفارش تي مقبولِ درگاهه بنيو. مرزا خانخانان سان وڙهندي سيوستان ۾ شهيد ٿيو. مرزا باقيءَ جي هَجو ۾ هيئن چيو اٿس:

نمود آواره ام مرزاي باقي - نيا ساید دمي برجاي باقي
زحق است عنقريب اين آرزويم - ڪہ گوشم بشنو داي هاي باقي

وري هيئين آرزو ڏيکاري ٿو جا بہ جلدي اثر پذير ٿيس:

ديده وَر راه نگارند همه - محبی خود سوي يارند همه،
در چمن بين بسوي لالہ و گل - از تب عشق فگارند همه.

٩٥- غلام حسين گجراتي: بيرم خان جي همراهيءَ ۾ سنڌ ۾ آيو. چوي ٿو:

دل چو صافي گشت نتوان ساختن باتيره جسم،
قطره چون گوهر شود چندان نسازد باصدف.

٩٦- مير غلام علي ولد مير محمد محسن: سيد محمد حسين المعروف سيد مراد شيرازيءَ جي ڏهٽن مان هو. وقت جو "موحد" هو، مشڪل ۽ معنيٰ خيز بيتن جون شرحون بڌائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن بيت ۽ غزل بہ، چوندو هو. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عابدِ خلوت گزين دوش چوپيمانہ خواست
از اثرمئي دلش ڪوچئہ جانانہ خواست

٩٧- ملا ابوالفتح فتحي: هيءَ مشهور ملا بوبڪن جو رهواسي هو. مخدوم جعفر جي ڏينهن ۾ هو چوي ٿو:

ترا گمان ڪہ مجنون ز ليلي آواره ست
يقينِ ما ست ڪہ ليلي جزاز بهانہ نبود

٩٨- فيروزه: همايون بادشاهہ جو همراهہ ٿي سنڌ ۾ آيو. "حنفي" تخلص هوس. موسيقي، شعر ۽ طنبوري وڄائڻ ۾ ڪمال رکندو هو. چوي ٿو:

غير منظور نظر ساختہ اي يعني چہ
بنده را از نظر انداختہ اي يعني چہ
توڪہ با هرڪس و ناڪس همہ دم لطف ڪني
قيمتِ حسن بر انداختہ اي، يعني چہ

٩٩- اميرشاهہ قاسم بيگلار بن ايرڪ بينگ بن چوچڪ بيگ: بيگلار گهراڻي مان هو. جو حضرت علي رضہ جي اولاد جي سلسلي ۾ داخل آهي. اصل سمرقند جو هو. مير شاهہ قاسم شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ سمرقند کان سنڌ ۾ پهچي ڏاڍيون عنايتون حاصل ڪيون. جهيجن جا پرڳڻا جاگير ۾ مليس. عمرڪوٽ جي راڻي ورسہ جي ڀاڻيجيءَ سان شادي ڪيائين، جنهن مان ٩٤٧هہ/١٥٤٠ع ۾ مير ابوالقاسم خان زمان فرزند پيدا ٿيس. هو همايون بادشاهہ واري پهرينءَ جنگ ۾ گذاري ويو، جا سن ٩٥٢هہ/١٥٤٥ع ۾ لڳي هئي. سندس تربت تور ڪئي جي ڳوٺ (مقام درويش ونهين) ۾ آهي.

١٠٠ - سندس فرزند ابوالقاسم خان زمان: پيءُ کان پوءِ ٽن سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي ماءُ سان پٽين ۾ رهڻ لڳو. ان بعد شاهہ حسن سندس تربيت لاءِ ڏاڍي ڪوشش ورتي. ان کان پوءِ مرزا عيسيٰ وٽ مرزا باقيءَ کان ڀڄي جان بابا سان مليو. ان وٽ سندس بهادريءَ جا ڪارناما نشانبر آهن. ان بعد مرزا جاني بيگ وٽ رهي چوندا اميرن ۾ داخل ٿيو. مرزا جانيءَ سان گڏ دربار اڪبريءَ ۾ بہ ويو. سن ٩٥٤هہ/١٥٤٧ع ۾ فوت ٿيو، ۽ توورڪيءَ جي ڳوٺ يعني "قبرستان ميان ونهيئي" ۾ مدفون آهي.

پاڻ شگفتہ طبع شاعر هو. فرمائي ٿو:

"مقصود عاشقي ست بهر صورتيڪ هست،
دلبر اگر سپيد نباشد سياهڪي."

١٠١- سندس سپوٽ پٽ مير ابوالقاسم سلطان المتخلص "بيگلر": سن ٩٦٩هہ/١٥٦١ع ۾ ڄائو. ادراڪي بيگلار جنهن جو ذڪر اڳ ٿي چڪو آهي، "مثنوي چنيسرنامہ" سندس نالي منسوب ڪئي. "تاريخ بيگلارنامہ" سندس طبع جو جولانيءَ جو نتيجو آهي. هت هي ذڪر ڪرڻ واجب آهي ملا عبدالقادر بدايوني صاحب "منتخب التواريخ" ۾ مير محمد طاهر نسياني صاحب "تاريخ طاهري" ڄاڻايو آهي تہ "مثنوي چنيسر نامہ" هن صاحب جي تصنيف آهي. مگر مير علي شير "قانع" هن جي ترديد ڪئي آهي ۽ ڄاڻايو آهي تہ هي صاحب ممدوح آهي ۽ ناهيل ادراڪي بيگلاري جي آهي. هن تحقيق ۾ "قانع" صاحب صحيح آهي. سندس طبعزاد رباعي ملاحظہ ٿئي:

اي ابر فلڪ قطره بر آوردۀ تست،
در بطنِ صدف گر هر پروردۀ تست،
در دامن گل بوي بر آوردۀ تست
اي بادِ صبا اين همه آواردۀ تست،

سندس وفات سن ١٠٣٠هہ/١٦٢٠ع ۾ ٿي.

١٠٢- خان زمان جو ٻيو نمبر فرزند مقيم سلطان پڻ ارغون ۽ بيگلار قوم ۾ نهايت شاندار ٿي گذريو آهي.

١٠٣- مرزا ڪامران بن بابر بادشاهہ: هي صاحب گلرخ بانو جي بطن مان ١٣-٩١٥/١٥٠٩ع ۾ ڄائو. ٩٣٢هہ /١٥٢٥ع ۾ ڪيس ڪابل ۽ قندار سپرد ٿيا. ٻن سالن کان پوءِ ملتان صوبو بہ ڪيس مليو. ٩٣٧هہ/١٥٣٠ع ۾ جڏهين بابر فوت ٿيو، تڏهن هن جو اختلاف همايون سان شروع ٿيو. ڪابل ۾ جڏهين همايون بادشاهہ پهتو، تڏهن ان کان بہ اڳ ڪامران سنڌ ۾ آيو. مرزا شاهہ حسن جي نياڻي چوچڪ بيگم سان نڪاح ٿيس. انکان پوءِ مرزا ڪابل ويو. همايون جي ملازمن ڪيس قيد

ڪري نابين بنائي ڇڏيو. سنڌ مان تيندو حج تي چوچڪ بيگم سان گڏ روانو ٿيو. ۽ مينا ۾ سن ٩٦٣ھ/ ١٥٥٦ع ۾ فوت ٿيو. شعر، علم ۽ فضل ۾ دسترس ڪامل هوس. ملاحظہ ڪريو.

چشم بر راهِ تو داريم شد ايامي چند،
وقت آن شد ڪہ نهي جانبِ ما گامي چند.
بهرِ صيدِ دلِ مادانۀ خالِ تو بس است،
هردم از زلف منه برسرِ مادامي چند.

هن جو فرزند مرزا ابوالقاسم "شوڪتي" گواليار جي قلعي ۾ سن ٩٧٣ھ/١٥٦٥ع ۾ فوت ٿيو. تاريخ هيٺين سٽ مان نڪري ٿي: "نماند از ڪامران نام ونشاني" (٩٧٣ھ/١٥٦٥ع).

١٠٣- سيد نجم الدين محمد ابوالقاسم ڪاهي: سندس نسب سمرقند ۽ بخارا جي وچ ۾ ميان ڪال جي جبل جي ساداتن سان متعلق آهي -"رند مشرب، مستغني مزاج ۽ رسم و قيود کان عاري هو". تمام عمر تجريد ۾ گذاريائين. پاڻ چوي ٿو:

عروس دهر "ڪاهي" رانزيبد،
ازان رو همچو عيسيٰ گشتہ فردم.

بکر ۾ شاهہ جهانگير هاشمي جي صحبت مان فيض حاصل ڪري درگاهہ اڪبر ڏي ويو. قصيده "لازم فيل"تاهي هڪ لک ٽنڪا انعام حاصل ڪيائين. ان جو مطلع هي آهي:

تا بغيبلان ميل ديدم دلستانِ خويش را،
صرفِ راه فيل، ڪردم،نقدِ جانِ خويش را.

بنارس ۾ ڪجهہ وقت رهي آخر عمر جو وقت آگري ۾ گذاري، ٩٨٨ھ/١٥٨٠ع ۾ فوت ٿيو. سندس سالِ تاريخ هن مصرع مان نڪري ٿو:

ز جهان رفت قاسم ڪاهي" (٩٨٨ھ/١٥٨٠ع)

شعر، موسيقي ۽ معما ۾ ڪمال هوس. ديوان جو صاحب پڻ هو. سندس دل جا ڪجهہ ٽڪر شعر جي صورت ۾ ملاحظہ ڪريو:

نہ نرگس ست عيان برسَر مزار مرا،
سفيد شد برهت چشم انتظار مرا.
ز خضر عمر فزونست عشق بازان را،
اگر ز عمر شمارند روزِ هجران را.

از گريہء من حال رقيبِ تو خرابست،
زَ آنروي کہ مرگِ سگِ ديوانہ بآبسِت.

۱۰۵ـ مرزا لعل بيگ: ترخانين جي وقت ۾ پهريائين ٺٽي جو ڪوتوال ۽ پوءِ شاهہ بندر ۽ لاهري بندر جو بنيو. فرمائي ٿو:

هرڪہ دربند خود افتاده چون بهره نبرد،
زرد رو نالہ ڪنان خيزد و برباد رود،
لائقِ محفلِ رندان نبود بوالهوسي،
ڪہ بيڪ گردشِ ايام پئي داد رود.

۱۰٦ـ محرم: محرم ڪوڪہ، مرزا ڪامران جو همراهہ ۽ همدم رهيو. هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

آتش فتاده درمي، از آهِ آتشينم،
سوراخ شد دلِ تن، ازنالہء حزينم.

۱۰۷ـ مراد: مراد ڪوڪہ مرزا ڪامران جو حاضريءَ وارو نوڪر هو. هي وفا شعار ملازم ساٽس گڏجي سنڌ ۾ آيو. سندس شعر آهي:

جامہ گلگوني درآمد، مست در ڪاشانہ ام،
خيز اي همدم ڪہ افتاد آتشي درخانہ ام.

سندس پٽ مزيد پڻ صاحب طبع هو.

۱۰۸ـ معتصم: مرزا عيسيٰ ترخان جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيو. هي تمام بهادر ۽ جوان دل هو. مرزا جي ملازمت ۾ رهي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪيائين. چوي ٿو:

سنگ روي و سخت دل از فکرِ روزي فارغ اند،
آسيا را آب و دانه زين سبب از خود رسيد.

١٠٩ـ نيازي: بخارا جي سيدن مان هو. شعر، معما، عروض ۽ هجوَ گوئي ۾ ڪمال هوس. مرزا شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ آيو. مرزا باقي بہ سندس خيال رکندو آيو. سندس شعر هيٺ ڏجي ٿو:

بروي آتشين زلفِ تو اي سيمين ذقن پيچد،
بلي چون موي برآتش فته بر خويشتن پيچد.

١١٠ـ همايون بادشاهہ: همايون بادشاهہ بن بابر بادشاهہ٩١٣ھ/١٥٠٧ع ۾ ڄائو. پڻس جي فوت ٿيڻ بعد آگري ۾ ٩٣٧ھ/١٥٣٠ع ۾ تخت نشين ٿيو. سنہ ٩٤٧ھ/١٥٤٠ع ۾ شير شاهہ کان شڪست کائي سنڌ ڏانهن رخ ڪيائين. ٩٥٠ھ/١٥٤٣ع ۾ عراق عجم طرف ويو. ٩٦٢ھ/١٥٥٤ع ۾ سڪندر سوريءَ کي شڪست ڏيئي پاڻ هند جو حاڪم بنيو. ٩٦٣ھ/١٥٥٥ع ۾ ڪتابخانہ جي ڇت تان ڪري پيو ۽ ان صدمہ جانگاهہ ۾ وفات ڪيائين. قابل شاعر ۽ صاحبِ مذاق هو. سندس شعر ملاحظہ ٿئي:

وصفِ لعل تو بر زبان من است،
آتشِ درميان جان من است.

نالہء زار مراني چو شنيدن گيرد،
آه از رو زنہء سينہ ڪشيدن گيرد.

ٺٽي جا بزرگ

شعر جي گلستان جو سوڪائتو سير ڪري، هاڻي اسين وري ٺٽي جي بزرگن جي بات جي تات تنواريون ٿا.

١١١ـ مولانا مصلح الدين لاري: فقط تاريخ معصومي هن صاحب جو احوال ڏنو آهي. نهايت وڏو عالم ۽ عربي علوم جو وڏو ڄاڻو هو. مرزا شاهہ حسن جو استاد بہ رهيو. سن ٩٥١ھ /٥٤٤ع ۾ موڪلائي حج جي ارادي

سان مڪ معظم روانو ٿيو، ۽ اتيئي فوت ٿي ويو. شمائل ترمذيءَ جي شرح، بنام "شمائل نبوي" تفسير بيضاويءَ جو حاشيو، منطق جو فارسي شرح ۽ ٻيا رسالا سندس تصنيف ڪيل آهن.

۱۱۲ـ قاضي ڪاشاني: قاضي شيخ احمد جنهن جو احوال مٿي ٿي آيو آهي، ان سان گڏ تاريخ معصوميءَ جي صاحب هن صاحب جو بيان بہ هڪ جملي ۾ آندو آهي. تحفة الڪرام ۾ سندس احوال ڪين آهي. باقي مقالات الشعراء ۾ مرزا محمد باقي جي همعصرن ۾ سندس نالو آيل آهي. تاريخ معصوميءَ ۾ لکيل آهي تہ "سندس ڪماليت ظاهر ڪرڻ کان هو بي نياز آهي."

۱۱۳ـ مير محمود پورائي: هن صاحب جو احوال بہ فقط تاريخ معصوميءَ ۾ آيل آهي. بلند اقبال سيدن مان هو. پهريائين هرمز جي رستي کان ٺٽي پهچي، شيخ بايزيد پورانيءَ جي نياٽيءَ سان شادي ڪيائين. ان بعد بکر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. هن صاحب جو احوال بکر جي بزرگن ۾ اچڻ کپي ها، مگر هتي ڏجي ٿو.

نهايت زهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هميشه گوشہ نشين رهندو هو. دنيا وارن سان دل نہ رکندو هو. ڪڏهين ڪڏهين عيدن جي موقعن تي سلطان محمود جي دربار ۾ ويندو هو. سنہ ۹۷۷ھ/۱۵۶۹ع جي اوائل ۾ راهِ فنا کان راهِ بقا ڏي ويو.

۱۱۴ـ سيد شاه منبه: پيران پير جي اولاد مان آهي. سيد ڪمال شيرازي، سيد شاه عبدالله حسيني ۽ سيد شڪرالله شيرازي جي چوياريءَ جي هڪ ڪڙي هو. هن سڳوري جي قاضي شڪرالله سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. جتي هينئر سندس تربت آهي، اتي هڪ مريد جي گهر ۾ اچي رهيو. هن خاني جي صاحب ۽ اُن جو پُٽ سندس خدمت ڪندا هئا، جي سندس پيرانديءَ کان آرامي آهن. "سندس ڪرامتون ظاهر ۽ سندس مناقبن جو نشانيون نشانبر آهن" ـ "تحفة الطاهرين ۾ آيل آهي تہ سندس ملاقات خواجہ خضر سان بہ ٿي هئي.

١١٥- پير بدر: هڪ وڏو ولي ارغونن جي ڪاهہ وقت شهيد ٿيل ۽ جَتن جي پاڙي ۾ مشهور آهي. هن بزرگ جي بلند مرتبي متعلق عجيب داستان ٻُڌا ويا آهن. هن کي تحفة الطاهرين "شاهہ بدر" ڪري لکيو آهي.

١١٦- پير عباس: درويش آجر جي وقت جو هڪ بزرگ هو. سندس حالات عجيب ۽ ڪرامتون بينظير آهن. تحفة الطاهرين جي صاحب لکيو آهي تہ ڪوڙهہ جي مرض وارو هتان شفاياب ٿئي ٿو. پنهنجو ذاتي تجربو پڻ بيان ڪيو اٿس.

١١٧- پير شاهي: ملڪ امان جي چوڪ جي سامهون، جتي مدفون آهي، اتيئي گهر هوندو هوس. مرزا عيسىٰ جي ڏينهن ۾ فرنگين جي لشڪر جي حملي ۾ شهيد ٿيو. هي واقعو سن ٩٦٣هہ/١٥٥٥ع جو هو.

١١٨- شاهہ مسڪين: هڪ ڪامل فقير هو. ڪن روايتن موجب عالي نسب سيد هو. جتي مدفون آهي اتيئي مقيم هو. فرنگين جي فساد ۾ شهيد ٿيو. بزرگيءَ ۽ برتريءَ جي ڪمالات جي فوقيت ۾ مشهور هو. ميان ابوالقاسم نقشبندي چوندو هو تہ "ٺٽي ۾ هن جهڙو ڪامل بزرگ ٻيو ڪو دفن ٿيل نہ آهي."

١١٩- پير دادن: هڪ وڏي ۾ وڏو پير ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. مٿي اگهاڙو وارن ڪنڌرڙيل ۽ تڪيہ وارو فقير هو. ڪن روايتن مطابق سيد يوسف بکريءَ جو همعصر هو. مگر هن صاحب جو مذڪور شاهہ سان دلي تعلق هو.

مڪليءَ جا مٽيا

هاڻي اچو تہ مڪليءَ جي چند مٽين مان مخدوم صاحب جي معاصرن جو ذڪر خير ڪريون. ڪن صاحبن جو ذڪر خير تہ اڳ ۾ ٿي چڪو آهي ۽ ڪن جو ذڪر وري مخدوم نوح رحہ جي مرادوند مريدن ۾ ٿيندو.

١٢٠- شيخ جيو: شيخ ملتانيءَ جي اولاد مان آهي. سندن والد شيخ نعمت الله سمن جي دور ۾ ٺٽي آيو. هن حساب سان هي مخدوم نوح رحہ جو همعصر آهي. تاريخ وفات هن بزرگ جي معلوم نہ آهي. "مگر

ڪرامتن جي ڪرڻ ۽ هدايت جي نُور سببان ڪيس "مڪليءَ جو ڏيئو سڏجي ٿو." سندس بزرگيءَ ۽ ڪمال جي تعريف سيني تاريخي ڪتابن ڪئي آهي. تحفة الڪرام ۾ آيل آهي تہ: "نهايت نورانيت ۾ هيءَ درگاهہ سڄي مڪلي ٽڪريءَ تي ممتاز هئي." "تحفة الطاهرين" لکيو آهي تہ: "معرفت جو نُور سندس پيشانيءَ مان ظاهر هو ۽ هدايتن جا شعاع سندس جبين مان نڪتا پئي. ڪيترن ماڻهن سندس فيض تربيت ڪري، حق جي راهہ ورتي ۽ سندس همت طفيل معنيٰ جي ملڪ ۾ رسيا." "حديقة الا وليا" ۾ سندس لاءِ وڏو قصيدو موجود آهي، جنهن مان ڪجهہ پيش خدمت ڪجي ٿو:

آن سرور افتخار دروان، صدر زمن و مدارِ دوران،
مرات خصائلِ رضيہ خورشيد جمال شيخ جيہ،
خضرد دويم و مسيح ثاني، سرچشمہ آب زندگاني،
مرغ چمنش ز پردهٔ راز، هموار چنين بود نواساز.

۱۲۱ـ شيخ حسين سومرو: هي صاحب، سيد محمد حسين عرف پير مراد شيرازيءَ جي خاص مريدن مان آهي. ڪلا قوم سندس اولاد آهي ۽ هي سڀ سيد صاحب جي گهراڻي جا مريد آهن.

۱۲۲ـ درس پنيو: هي درويش، سيد علي شيرازي جو هڪ ڪامل مريد ۽ سندس مقبري جي اوير طرف آرامي آهي.

۱۲۳ـ مخدوم جمعو: "هڪ وڏو ولي، ڪامل متقي، فضيلت ۽ ڪمال ۾ مشهور، حال ۽ قال سان موصوف، ۽ سيد علي شيرازي ثاني ۽ شيخ اسحاق اربعائيءَ جو همعصر هو." سندس وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. مگر جيئن تہ پاڻ سيد علي شيرازي ثاني (وفات ۹۸۱هہ/۱۵۷۳ع) جو همعصر هو، تيئن سندس وفات ڏهين صديءَ جي آخر ۾ ليکي ويئي آهي.

۱۲۴ـ درويش آجر: تاريخن هن بزرگ جو نالو "آجر" ڏيکاريو آهي. ۽ ترجمي ۾ وري هن لفظ "آجر" کي "آڇر" لکيو ويو آهي. "آجر" لفظ جي تحقيق ڪندي معلوم ٿيو تہ آجِر آجون آجُر (آگور لفظ مان نڪتل آهن)

۽ سندن معنيٰ ٿيندي. "پڪل سر." ان لحاظ سان "اجڙ (تراش" جي معنيٰ "سِرَ ڪٽڻ وارو" يا "رازو" آهي. جيڪڏهن مذڪور لفظ جون اهي معنائون وٺجن ته اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته هي صاحب پهريائين معمار هوندو. مگر تاريخ جي ڪتابن مان ظاهر آهي ته هي صاحب يوڳڙي هو. سندس بزرگي هن مان ظاهر آهي ته سيد علي ثاني شيرازيءَ هن کان فيض پرايو. ان کانپوءِ مخدوم نوح رحہ جو مريد ٿيو.

۱۲۵ـ سيد شاهه عبدالله حُسيني: پيران پير جي اولاد مان مٿي چاٽايل يارن يعني، سيد منبه، سيد ڪمال، ۽ سيد قاضي شڪرالله، وڏي ۾ وڏو يار آهي. هيءُ سڳورو شاهه بيگ ارغون جي ڏينهن ۾ گجرات کان ٺٽي ۾ آيو. هي صاحب مجرد رهيو ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف. چڱي وقت گذرڻ بعد سندس قبر ڊهي ويئي. سيد حافظ الله گجراتي پنهنجي خليفن شيخ يعقوب ۽ ابوالبرڪات کي مڪلي تي وڃي سندس ڊٺل نشانن کي ظاهر ڪرڻ جو اشارو ڏنو. ۽ اهو ارشاد پيران پير طرفان صادر ٿيل هو. "تحفة الطاهرين" لکيو آهي ته انهي بزرگ ٺٽي ۾ اچي سيد علي شيرازيءَ کي هن ساري حال کان باحال ڪيو. چون ٿا ته شيخ يعقوب خليفو ابوالبرڪات پٿر ڪٺي آيا. ۽ سيد علي پنهنجي هٿن سان رکندو آيو. هي صاحب عبدالله اصحابيءَ جي نالي سان مشهور آهي. سندس تربت تي نئين عمارت سن ۱۳۵۰هه بمطابق ۱۹۳۱ع ۾ ٺهي راس ٿي.

۱۲٦ـ درويش پرڪيولنگ: هن کي مڪليءَ جي دامن ۾ تڪيو هوندو هو. ۽ ڪجهه وقت نغارو وڄائيندو هو. ٽڪريءَ واري سمن جي قبرستان جون اڪثر عمارتون خصوصًا سهسي لنگ جون ماڙيون ڊاهي، انهيءَ جي پٿرن مان هڪ وڏو منارو ٺاهيو هئائين . رات، جو انهيءَ تي چراغ جلائيندو هو، ته جيئن عربي سمنڊ جي سوداگرن کي سهولت ٿئي. هن صاحب کي انهن سوداگرن کان ڪافي نذرانا ملندا هئا. جنهنڪري حاڪم مرزا باقي ساڻس حسد ڪرڻ لڳو. جيڪو بہ هن وٽ ويندو هو

ان کان چاڪريءَ جو ڪم وٺندو هو سيد علي شيرازيءَ کي بہ تڪليف ڏنائين، جنهن تان مخدوم نوح رحہ دل ڪوسي ڪئي ۽ مرزا باقي کيس مخفي طرح شهيد ڪرائي ڇڏيو.

١٢٧- درويش سيد حليم: ڏاڏو ڪمال جو صاحب هو ۽ درويش آجر جو همعصر هو. سندس درگاهہ داؤد عرف دادرس جي مزار جي پرسان آهي.

١٢٨- درس علاؤالدين سومرو: سيد علي ثاني شيرازيءَ جو همعصر آهي. ٻنهي جي وچ ۾ گهڻيئي سوال جواب سنڌي زبان جي بيتن ۾ مذڪور آهن. اصل شيخ بهاؤالدين ملتانيءَ جي سلسلي جو مريد آهي. هن جي مزار شيخ جميل ۽ پير پٺي جي وچ تي اهلِ دل جو زيارتگاهہ آهي.

١٢٩- شيخ عبدالوهاب: محمد طور ۾ رهندڙ عباسي خليفن مان هڪ وڏي ۾ وڏو خليفو هو. مرزا باقيءَ جي ڏينهن ۾ ٺٽي جي پسگردائي جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. سندس درندا مطيع هئا. مرزا باقي هن جي رجوعات ڏسي هن کي محمد خليل مهردار هٿان شهيد ڪرائي ڇڏيو.

١٣٠- راٺو عبيد: ڏاراجا بندر جي نڪامره قوم جو سردار هو. هي صاحب سن ١٠٠٠هہ/١٥٩١ع ۾ زندهہ هو ۽ ڪڪرالي جي حاڪم ڄام جرار جو همعصر هو. هن جون ڳالهيون مشهور آهن، جي صحيح واقعات جي صورت ۾ هي صاحب پيش ڪندو هو.

١٣١- حضرت شيخ حسين صفائي: ٺٽي جي اوليائن ۾ عالي مرتبو اٿس. سندس والده حضرت پير مراد شيرازيءَ جي خادمہ هئي. ان ڪري اهڙي برگزيدي ماحول ۾ ان کي تربيت جو موقعو مليو. حضرت شيخ صفائي پنهنجي پير ومرشد حضرت مراد جي سوانح حيات "تذڪرةالمراد" جي نالي سان مرتب ڪئي. کيس حضرت مراد منصب "عرضبيگي" عنايت ڪيو. فقر درويشي، استغنا، بي نيازيءَ ۾ وڏو مقام حاصل هوس. شاهہ حسن ارغون ڪيترا دفعا ساڻس ملڻ جي تمنا ظاهر ڪئي، مگر هو صاحب هميشه انڪار ڪندو رهيو. پاڻ ٩٣١هہ/١٥٢٤ع ۾ وفات

ڪيائين. "خيرالبقا" مان سندس سن وفات نڪري ٿو. حضرت مراد جي پوٽتان مدفون ٿيل آهي. "خيرالبقا" کي جيڪڏهن ابجد جي انگن ۾ شمار ڪبو تہ سال ٩٤٣هہ/١٥٣٧ع نڪري ٿو.

١٣٢ـ پير صلاح الدين: پنهنجي وقت جي وڏن صوفين مان هو. "تحفة الطاهرين" ۾ لکيل آهي تہ ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ هن جون ڪرامتون ظاهر هيون. مگر ڄام فيروز انهن کي نہ مڃيو، تڏهن هن درويش بددعا ڪيس. ان جي نتيجي ۾ حڪومت تان هٿ ڌوئڻا پيس. هن صاحب ٺٽي ۾ وفات ڪئي ۽ محلہ ڀائيخان ۾ مدفون آهي.

١٣٣ـ مخدوم بلال: هي عامل عالم ۽ اهلِ دل عارف هو. هن جون ملاقاتون حقيقت جي ڄاڻندڙ مخدوم جمعي سان ٿينديون رهنديون هيون. هميشہ تسبيح، تهليل، صوم وصلوات ۾ مصروف هوندو هو. سندس مزار درگاهہ شيخ جماليءَ جي پرسان مڪليءَ تي آهي.

١٣٤ـ سيد عبدالقدوس: هي صاحب لکعلوي (لکياري) ساداتن مان هو. ترخاني دور ۾ حج تي ويو ۽ اتان حضرت علي سائين جو وار مبارڪ کڻي ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي اچي رهائش اختيار ڪيائين. شهر جا ٻيا سادات ساڙ وچان هن جي سيادت کان انڪار ڪندا هئا.

١٣٥ـ ميان لال: شيخ عالي جي فرزند شيخ محمد واصل جو صحبتي هو. ترخاني دور جو بزرگ هو. سندس روحاني تصرفات بي انداز آهن. سندس مرقد ڪڏهن پيدا ۽ ڪڏهن ناپيد آهي!"

١٣٦ـ شيخ فريد: ڄامِ حقيقت جي خمار کان مخمورهو. علم ۽ فضل جو صاحب هو. اطاعت ۽ عبادت ۾ ڪمال هوس. جذبہ محبت جي مقام، ۽ تصوف جي غلبي ۾ رتبو عالي هوس. هن جون ڪيتريون ڪرامتون ظاهر آهن. پورچوگيزن جي حملي وقت شهيد ٿيو ۽ ٺٽي ۾ اَن بازار جي محلي ۾ مدفون آهي.

١٣٧ـ شيخ حسن: هي پنهنجي وقت جو وڏو صاحبِ بصيرت هو. سندس صحبت مخدوم اسحاق اربعائي سان هئي. چون ٿا تہ هر روز نماز فجر بيت الله ۾ پڙهندو هو. ٻيون بہ ڪيتريون ڪرامتون ڪانئس ظهور پذير

تيون. آن بازار واري محلہ ۾ سندس مزار آهي.
١٣٨ـ سيد ابراهيم: فضل و ڪمال ۾ وڏو مقام حاصل هوس. مختلف علوم متعداولہ جو بہ استاد هو. شيخ حسن ڪان فيض حاصل ڪري دنيا وارن ڪي واٽ ڏيڻ لڳو. سندس مزار پنهنجي مرشد جي برابر آهي.
١٣٩ـ شيخ موسيٰ لانگاهہ: صاحبِ حال ۽ اهلِ دل هو. مرزا عيسيٰ ترخان جي آخر عهد ۾ ملتان مان ٺٽي پهتو. قلندرانہ مشرب هوس. سرود سان سرس سڪ هيس. پورب جي مقام تي سندس عجيب حالت ٿي ويندي هئي ۽ ٿي ڏينهن استغراق ۾ رهندو هو. سائل قوالن کي هن وٽ وٺي ويندا هئا. جڏهن محفل سرود پورب وقت گرم ٿيندي هئي، تڏهن هن کان دعائون گهرندا هئا. سڀ الاهي بارگاهہ ۾ مقبول ٿينديون هيون. جامع مسجد شاهجهاني جي سامهون ارڪ جو قلعو هوندو هو، جنهن کي حاڪم جو قلعو بہ چوندا هئا. ان جي ديوار جي متصل محلي پائيخان ۾ سندس مزار پرانوار آهي.
١٤٠ـ سيد ابراهيم: هي صاحب اجلِ ابرار ۽ اڪملِ احرار هو. سڄي عمر چڙو رهيو. فرنگين جي حملي وقت شهيد ٿيو. سندس مرقد مجلندن جي پرسان محلي سهتيہ ۾ آهي.
١٤١ـ پير ڪٽوريو: صاحبِ جمال ۽ اهلِ ڪمال مان هو. چون ٿا تہ فرنگين جي شورش وقت کيس بہ ڪاري زخم رسيا. هڪ ڪلهي تي ۽ ٻيو پيرن جي هيٺان، جنهنڪري شهيد ٿيو. سندس تربت ڊهي ويئي هئي. هڪ سؤ سالن کان پوءِ کٽي کوٽين تہ سندس جسم سالم نڪتو ۽ ٻنهي زخمن مان خون جاري هو. سندس مزار مفتين جي ڳوٺ جي متصل محلي سهتيہ ۾ آهي.
١٤٢ـ سيد ابابڪر: هي صاحب اولياء عظام جي گروهہ جو وڏو ميمبر هو. عجيب حال ۽ استغراق ۾ رهندو هو. فرنگين جي شورش ۾ شهيد ٿيو. روايت آهي تہ فرنگين جي اچڻ کان اڳي ماڻهن کي هن حادثي کان واقف ڪيائين ۽ پنهنجي شهيد ٿيڻ جي بہ خبر ڏنائين.
١٤٣ـ پير غيب : ترخاني دور ۾ هندستان کان ٺٽي ۾ آيو. قلندر

سرمست هو. سندس نالو دراصل ٻيو هو. سندس مجذوبانہ ڪرامتون ڪيئي مشهور آهن.

١٤٤ـ بيبي راڻي: خوشيءَ جو عالم آهہ جو مخدوم نوح رحہ جي معاصرن ۾ هن "ڪاملہء دور رابعہء عصر صاحبہ عرفان" جو بہ احوال اچي ٿو، جنهن کي دنيا وارن وٽ مشهور ڪرڻ جو سهرو مخدوم نوح جي مشهور مريد ۽ خليفي حضرت بهاوءالدين گودڙئي جي سر تي آهي. هي سڄي روايت تحفة الطاهرين ۾ آيل آهي. ڦريائين بيبي صاحبہ ڪنج گمناميءَ ۾ هئي. سندس هڪ پاڙيسري کي اچي مشڪل ورايو، سو گودڙئي بادشاهہ وٽ ويو ۽ ان کيس بيبي راڻيءَ ڏي موڪليو. جڏهن هو سائل هن پارسا جي دروازي تي پهتو، تڏهن هن صاحبہ هن کي دفع بلا جي خوشخبري ٻڌائي. مگر فرمايائين تہ "هاڻي شهرهٔ آفاق ٿيس، منهنجو دنيا ۾ رهڻ سهڻو نہ آهي." چون ٿا تہ ٽن ڏينهن کان پوءِ ان شخص جي مشڪل ڪشائي ٿي ۽ ان ساڳئي ڏينهن هن صاحبہ هن دنيا مان سڌاريو.

١٤٥ـ شاهہ ڏنو: معارف ۽ حقائق جو صاحب هو. ڏينهن روزن ۾ ۽ راتيون عبادتن ۾ صرف ڪندو هو. سيد ڪمال شيرازيءَ جو صحبتي هو. چون ٿا تہ سيد ڪمال علم ظاهري هن صاحب کان حاصل ڪيو.

١٤٦ـ شيخ حاجي بهاوءالدين: هي صاحب شيخ ملتانيءَ جي اولاد مان آهي. ظاهري فضل و ڪمال ڏاڍو هوس، بہ ڀيرا حج ڪيو هئائين. پير مراد جو مريد هو ۽ مرشد جي نظر بابصير سان دربار رسول ۾ "عرضي بيگي" جي منصب تي فائز هو. "تذڪرة المراد" ۾ سندس احوال آيل آهي.

١٤٧ـ پير بابو: شيخ حاجي بهاوءالدين جو نوازيل هو. پيرمراد کان بہ مراد حاصل هيس. سندس اصل نالو عمر هو ۽ "تذڪرة المراد" ۾ کيس "شهيد والا سيد" ڪري لکيو ويو آهي. تحفة الڪرام کيس بخارا جي سيدن مان لکيو آهي. سندس رياضت ڪري پير مراد کيس "بابو" بمعني، رياضت واري جو خطاب ڏنو. منقول آهي تہ ڪڪرالہ جي زمين ۾ کهر ماڻهن جي هٿان شهيد ٿيو ۽ پاڻ سر مبارڪ هٿ ۾ کڻي مدفن گاهہ تي پهتو.

١٤٨ـ سيد احمد بخاري: صاحبِ حال هو. ظاهري علمن ۾ ڪافي دسترس هيس پير بابو سان محققانہ صحبتون ڪندو هو. ان جي روضي جي پرسان سندس مرقد آهي.

١٤٩ـ مسڪين ترخان: هي صاحب شاهہ بيگ ۽ مرزا شاهہ حسن جي ڏينهن ۾ شان، مان عزت وارن اميرن مان هو. مرزا شاهہ حسن جو ڏاڍو معتمد هو. ايتريقدر جو مرزا جڏهين ملتان ورتو، تڏهين ملتان جي حاڪم سلطان محمود لانگاهہ جو فرزند ۽ نياڻي سندس سنيالؔ ۾ ڏنا ويا.

١٥٠ـ فرخ ارغون: مرزا شاهہ بيگ ۽ شاهہ حسن جي نامي گرامي اميرن مان نهايت بهادر ۽ مشهور بزرگ هو. سندس نشان ٺٽي جي عاليشان مسجد جامع فرخ آهي، جنهن جي شاهجهان جي ڏينهن ۾ دوباره تعمير ٿي جا هاڻي ناپيد آهي.

١٥١ـ مير عليڪ ارغون: شاهہ بيگ ۽ شاهہ حسن جي اميرن مان ڪمال بهادريءَ ۽ نهايت دانائيءَ ۾ مشهور هو. همايون بادشاهہ جي اوج وارن ڏينهن ۾ مرزا شاهہ حسن هن کي ڪنهن موقعي تي اوڏانهن موڪليو. اتان بنا اجازت موٽي اچي چيائين تہ "بادشاهہ جو اهڙو نمونو ڏٺم جو عنقريب ڪو ماڻهوسندس برخلاف بغاوت ڪندو." حالانڪ هيءَ صورت ڪنهن جي خواب ۽ خيال ۾ بہ ڪانہ هئي. مگر قدرت خدا جي، جو سندس چوڻ سچ ٿي پيو ۽ همايون بادشاهہ شير خان هٿان دربدر ٿيو.

١٥٢ـ ملا بهبود: مرزا عيسيٰ جي خاصخيلن مان هو. مرزا باقي ڪيس محل مان هڪ ٻانهي پرڻائي، جنهن مان مير علي پٽ ڄائس. پاڻ مرزا باقي جي ڏينهن ۾ جان بابا سان جنگ ڪندي شهيد ٿيو. سندس پٽ، پاڻ کي ارغون گهراڻي مان سمجهي، "مرزا علي سلطان" سڏائڻ لڳو.

١٥٣ـ قاضي خميسو: اصل ۾ هڪ رول ماڻهو هو . قاضيءَ جو لقب "برعڪس نهند نام زنگي ڪافور" وانگر آهي. مرزا باقيءَ جي دربدريءَ واري وقت ۾ رفاقت ۽ بخت جي ياوريءَ جي برڪت سان، نالائق هوندي بہ، مرزا باقيءَ جي ياءِ مرزا صالح جون جاگيرون هٿ ڪري ساري ملڪ جو وڪيل مطلق ۽ مدارا الهام ٿيو. سندس اوج هن حد کي پهتو جو

هزارن گھوڙن ۽ نوڪرن سان نڪرندو هو. مگر انسانيت ۽ اخلاق کان بنهہ ڪِريل هو.

١٥٤۔ خواجہ خليل: پهريائين تہ ويچارو ڳڻ ۾ ڪونہ هو. مگر مرزا باقيءَ کي ٻڌڻ کان بچائڻ ۾ مدد ڪرڻ ڪري ڪيس مهردار جو عهدو عنايت ٿيو. پنهنجي سر بااخلاق ماڻهو هو. سندس رائنڪ مڪليءَ تي مشهور آهي. هن رائنڪ نهي راس ٿيڻ کان پوءِ وصيت ڪيائين تہ ”جنهن صورت ۾ هن جي تعمير حڪومت جي ڏينهن ۾ ٿي آهي ۽ متان ڪنهن مزور سان ناحق ٿيل هجي، ان ڪري مون کي اُن ۾ دفن نہ ڪجو.“ ان ڪري ڪيس انهيءَ کان ٻاهر اڳڻ ۾ هڪ علحده گنبذ ۾ دفن ڪيو ويو.

١٥٥۔ ملا محمد علي: مرزا جاني بيگ جو وزير هو. ٺٽي ۾ هڪ محلو سندس نالي سان مشهور آهي. سندس پٽ **محمد قاسم** شاهجهاني وزير جعفر خان وٽ منشي هوندو هو. ڪيس وري ٻہ پٽ **محمد مقيم** ۽ **محمد عارف** نالي ٿيا. محمد مقيم پيءُ جي گادي والاري ۽ محمد عارف شهزادي ڪام بخش وٽ منشي بنيو.

١٥٦۔ ملا گدا علي ڀائيخان: ملا گدا علي ڀائيخان ولد مهتر علي، مرزا جاني بيگ جي اميرن مان هو. مرزا غازي بيگ سان گڏ زهر کائي گذاري ويو. ڀائيخان جو محلو سندس نالي تي اڄ تائين مشهور آهي.

١٥٧۔ محمد امان ترخان: جاني بيگ جي اميرن مان هو. عام طور ڪيس ”ملڪ امان“ چوندا هئا. ”چوڪ مل امان“ سندس نالي مشهور آهي.

١٥٨۔ امير بيگ ارغون: مرزا جاني بيگ جي لشڪر جو بخشي هو، ۽ ساڻس گڏ اڪبر بادشاھ جي حضور ۾ ويو. اميربيگ جي بازار ان ڏانهن منسوب آهي.

١٥٩۔ مير احمد بيگ مزنگ: مرزا جاني بيگ جو خاص ماڻهو هو. مرزا غازيءَ ڪيس سلطان جو لقب عطا ڪري، وڪيل ڪل بڻايو ۽ اعتماد خان جو لقب ڏيئي، قنڌار صوبي ۾ سنيال لاءِ موڪليو. سندس

پٽ منعم بيگ ۽ پوٽو مير شرفو ٺٽي ۾ مشهور هئا. پير پٺي جي درگاهہ جي ڏاکڻ جا "ڪتي" ۽ جي لقب سان مشهور آهي، سا مير شرفو جي يادگار آهي. سندن محلي ۾ امير خاني سادات رهڻ لڳا.

۱٦۰ـ مخدوم يوسف طيونہ: هن بزرگ کي "طونہ" ڪري لکيو ويو آهي. هن جو ذڪر تاريخ معصومي آندو، جنهن تان تحفة الڪرام واري نقل ڪيو آهي. پنهنجي وقت جي زاهدن مان هو. قرآت جي علم ۾ پوري مهارت رکندڙ هو، ۽ عبادت ۽ رياضت ڪندڙ هو. سندس ڪرامتون مشهور آهن. سن ۹۳۸هہ/۱۵۳۱ع ۾ عالم بقا ڏانهن راهي ٿيو.

پرديسي پرين

هاڻي انهن مٺيادار مشائخن جو ذڪر ڪبو، جن جي شهرن يا ڳوٺن جي خبر نہ آهي؛ يا جيڪي پرديسي پرين وانگر ديس ڪان دور پرديس جي پرانهن پيچرن سان پيچ پائي ويا!

۱ـ ميان عبدالرشيد: بصيرت وارو عالم، پنهنجي وقت جو يگانو عارف، مخدوم نوح رحہ جو همعصرهو.

۲،۳ـ شيخ قاسم ۽ سندس فرزند شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي: شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائيءَ پنهنجي تصنيف "عين المعاني" جي تمهيد ۾ پنهنجو سلسلهء نسب هن طرح لکيو آهي: عيسيٰ بن قاسم بن يوسف بن رڪن الدين بن معروف بن شهاب الدين المعروف الشهابي الجندي السندي الهندي المندن الرائي العشقي الشطاري. سن ۹۴۷هہ /۱۵۴۰ع کان ۹۵۰هہ /۱۵۴۳ع تائين، جڏهن همايون سنڌ ۾ هو تہ هت سخت افراتفري پيدا ٿي. ڪيترا عالم ۽ صوفي وطن ترڪ ڪري بي وطن ٿيا. انهن مهاجرن ۾ اسان جو شيخ قاسم ۽ سندس وڏو ڀاءُ شيخ طاهر محمد محدث بہ هئا. پهريائين هو احمد آباد ۾ آيا. ان وقت حضرت محمد غوث گواليار جي بعيت ڪري مرشد جي اجازت سان ايلچپور برار آيا. انهن ڏينهن ۾ برار جو حاڪم تغال خان هو، جو عالمن ۽ نيڪن جو قدردان هو. اتي بہ ٽي سال رهيا. ۵ـ ذوالحج ۹٦۲هہ/۲۱ـ آڪٽوبر ۱۵۵۵ع مسيح الاولياء يا مسيح القلوب شيخ عيسيٰ جي ولادت ٿي. هن صاحب

٩ سالن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو، ۽ ٻيا علم پنهنجي چاچي شيخ طاهر محدث کان حاصل ڪيا ۽ شيخ قاسم سن ٩٨١هه/١٥٧٣ع ۾ فوت ٿيو. شيخ قاسم رحہ بابت شيخ عيسيٰ لکيو آهي تہ مون پنهنجي چاچي کان ٻڌو تہ پاڻ فرمايائون تہ "منهنجو ننڍو ڀاءُ شيخ قاسم جو مشرب صوفيانہ هو، هن جي دلا آويز گفتار ۽ پسنديده افعال مان اخيار ۽ ڀلارن جون علامتون ظاهر هيون. پاڻ شاعر بہ هو ۽ تاريخ گوئيءَ تي دسترس هيس. سنڌيءَ ۾ سندس بيت مشهور آهن." ٩٨٢هه/١٥٧٤ع ۾ تغال خان جي فوت ٿيڻ ڪري برهانپور جي حاڪم محمد شاهہ فاروقي هن خاندان کي ڇڪيو ۽ هي برهانپور ويا. شيخ طاهر محمد ۽ شيخ عيسيٰ، جن جي برهانپور وڃڻ کان پوءِ اتي جا سنڌي خاندان جي هندستان جي مختلف شهرن ۾ هئا، سي بہ اچي برهانپور ۾ رهيا. برهانپور گويا اهلِ سنڌ جو مرڪز بنجي پيو، ۽ هڪ مستقل محلو "سنڌي پوره" مشهور ٿي ويو، جو اڄ بہ موجود آهي. شيخ عيسيٰ روحاني اڄ لاهڻ لاءِ سفر اختيار ڪيو، ۽ شيخ يوسف ۽ قاضي جلال الدين ملتاني کان فيض پرايو. ان زماني ۾ حڪيم عثمان بوبڪائي برهانپور آيو. ان کان وڏيڪ عمل جو سبق حاصل ڪيائين. مگر آخر ان صاحب شيخ محمد غوث گواليارِي جي مريد شيخ لشڪر محمد عارف جي هٿ تي بعيت ڪري روحاني رندن جو پَرو لڌو. اطاعتِ شيخ بہ واه جا ڪيائين. رياضتن ڪندي ڳري ڪندا تي ويو هو. سماع جو حامي هو، ۽ درس و تدريس جو خاص مشغلو هوس. شيخ عيسيٰ هيٺين فارسي ۽ عربي ڪتابن جو مصنف آهي: ١ـ روضتہ الحسني شرح اسماي الاهي. ٢ـ عين المعاني. ٣ـ انوارالاسرار تفسير (هن لاءِ تحفةالڪرام ۾ ذڪر آيل آهي). ٤ـ رسالہ حواس پنجہ گانہ. ٥ـ حاشيہ بر اشارهء غريبہ، ڪتاب "انسان ڪامل" شيخ عبدالڪريم جيلي. ٦ـ شرح قصيده برده فارسي ٧ـ رسالہ قبلةالمذاهب اربع مع اشارات اهلِ تصوُّف. ٨ـ حاشيہ برشرح ضيائيہ، مولانا جامي. ٩ـ فتح محمدي. ١٠ـ تتميم شرح مائة عامل. ١١ـ رسالہ عقود. ١٢ـ ترجمہ اسرارالوحي. ازان سواءِ چند ٻيا رسالہ بہ سندس قلم مان نڪتا.

١٣ـ شوال ١٠٣١هه/٢٢ـ آگسٽ ١٦٦٢ع ۾ فوت ٿيو، ۽ پنهنجي حجره عبادت ۾ دفن ٿيل آهي. سندس مزار خانخانان عبدالرحيم ٺهرائي. کيس چار صاحبزاده ۽ ٻہ صاحبزاديون پيدا ٿيون. صاحبزادن جا نالا هي آهن: ١ـ شيخ عبدالستار. ٢ـ شيخ فتح محمد. ٣ـ شيخ طٰه. ٣ـ شيخ هاشم. سندس خليفن مان هيٺيان مشهور ٿي گذريا آهن.

١ـ حضرت شيخ عبدالعزيز لاهوري ٢ـ حضرت شيخ محمد صديق ڪابلي ٣ـ حضرت شيخ عبدالقدوس ٣ـ حضرت شيخ فريد بن عبدالحڪيم ٥ـ حضرت نورالايمان ٦ـ حضرت شيخ محمد سنڌي ٧ـ حضرت حاجي نعمت الله ٨ـ حضرت شيخ برهان الدين راز الاهي ٩ـ حضرت شيخ اسماعيل فرحي ١٠ـ حضرت سيد قاسم.

معلوم هجي تہ تحفةالڪرام جي غير معلوم شهرن ۽ ڳوٺن جي بزرگن جي باب ۾ شيخ عيسيٰ جندالله جو ذڪر ساڳيو آيل آهي. سندس سن وفات ۽ سندس فرزند شيخ عبدالستار جو ذڪر بہ آيل آهي؛ مگر شيخ عيسيٰ لنگوٽي جي ضمن ۾ ان صاحب ان کي شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري لکيو آهي، جو سراسر غلط آهي. ڇو تہ عيسيٰ لنگوٽيہ جي وفات سن ٨٣١هه/١٣٣٧ع ۾ ٿي، ۽ شيخ عيسيٰ جندالله جي سن ١٠٣١هه/١٦٢٢ع ۾ - يعني ٻن صدين جو فرق. هيءَ مير قانع جي ڪليل غلطي آهي.

٣ـ شيخ طاهر محدث مسيح الاولياءَ جو ڇاڇو، ڪمال جو اهل الله هو. ڪن روايتن مطابق پاڻ شهاب الدين سنڌي جا شاگرد هئا. ۽ ڪن روايتن مطابق حضرت جعفر بوبڪائي جي والد مخدوم ميران جا فيض يافتہ هئا. "برهانپوري سنڌي اوليائن جو سر موڙ" هو ۽ شيخ عيسيٰ رحہ جو استاد ۽ نگران. سندس انتقال ١٠٠٣ هه/١٥٩٥ع ۾ ٿيو. سندس اٺ ڪتاب تصنيف ٿيل مشهور آهن: ١ـ تفسير مجمع البحار ٢ـ مختصر قوةالقلوب ٣ـ منتخب مواهب لدنيہ ٣ـ ملتقط جمع الجوامع سيوطي ٥ـ موجز قسطلاني ٦ـ تفسير مدارڪ ٧ـ اسامي رجال صحيح بخاري ٨ـ رياض الصالحين.

سندس نندو ڀاءُ شيخ طيب بہ الله وارو ٿي گذريو آهي. سن ٩٥٠ھ/١٥٤٣ع ۾ فوت ٿيو.

٦،٥ـ شيخ معروف ۽ شيخ عثمان: هي ٻئي ڀائر مسيح القلوب جي والده صاحبہ جا چاچا ۽ شيخ طاهر يوسف جا سوٽ هئا. انهن جو وطن پاٽ هو. پر هو بکر ۽ ملتان جي سرحد سيتپور ۾ وڃي رهڻ لڳا. افسوس جو "تحفة الڪرام" هنن صاحبن جو ذڪر خير سيتپور جي بزرگن ۾ نہ ڏنو آهي. مگر "گلزار ابرار" جي مصنف مولانا غوثيءَ آندو آهي. شيخ طاهر محدث رحہ تي انهن صاحبن جو گهرو اثر رهيو. طاهر صاحب فرمائيندو هو تہ "سنڌ ۾ انهن بزرگن وحدت الوجود جو چرچو هلايو." هي بزرگ قاضي قاضن سنڌيءَ جا مصاحب هئا.

٧ـ مولانا يونس لاکو: هن بزرگ جو ذڪرخير فقط مولانا غوثيءَ جي مشهور تذڪري "گلزار ابرار"۾ ملي ٿو. هن جي تعليم ۽ بصيرت ۾ حضرت غوث گواليارِيءَ جي مشهور خليفي شيخ وجيہ الدين علوي ۽ قاضي عيسيٰ احمد آباديءَ جو هٿ هو. قاضي عبدالغني، سيد ابراهيم بکري، شيخ نظام الدين ابن ڪبير، ملا طيب سنڌي ۽ قاضي اسحاق آسيري سندس مشهور شاگرد هئا. مصرع ـ

"بادا انيس جانش شوق خداشناسي."

٨ـ ميان وجيو سنڌي: هن صاحب جو احوال "برهانپور ڪي سنڌي اوليا"ءَ ۾ آيل نہ آهي، ۽ نکو ڪنهن ٻئي تذڪري ۾ آيل آهي. فقط "گلزار ابرار" ۾ آيل آهي. هي صاحب ٺٽي جي نزديڪ هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. عبدالرحيم خانخانان کان مسيح زمان (شيخ عيسيٰ جندالله) روايت آندي آهي تہ خانخانان چيو تہ شيخ وجيو سنڌيءَ جي ڳوٺ جي نزديڪ جڏهن هو صاحب ويو تہ ڪيس بي وقت ننڊ اچي ويئي. لشڪر شيخ جي ڳوٺ کي لٽيو، اهو ڏک اجا مون کان ڪونہ ويو آهي، ان ڪري مان هت برهانپور ۾ جڏهين آيو آهيان (١٠٠٧ھ/١٥٩٨ع)، تڏهن سڌو اوهان جي مسجد وٽ هليو آيو آهيان." ان جي بيان مطابق "شيخ وجيو" هڪ اهو شخص هو، جنهن جي دل هميشه درد ۽ طلب کان مالا مال هئي. سندس

اکيون پشيمانيءَ جي ڳوڙهن سان ڀريل هيون، ۽ زبان يادِ حق سان لبالب هئي."

مصرع - چشم و زبان و دلش باد پر از معرفت

۹- شيخ طيب: پاڻ حافظ، عالم، قاري، بي تکلف، شکستہ دل ۽ نمناڪ چشم هو. چون تا تہ مخدوم هارون جي فرزندن مان هو. ظاهري علم ۾ سندس استاد ملا يونس مفتي سنڌي آهي. ايلچپور برار جي طرف کيس تقدير ڪٺي آئي. هن جي زماني ۾ شيخ طاهر محدث زنده هو. انهن بزرگن جي درميان ايتري محبت وڌي، جو شهر جا ماڻهو کين "ياءٌ" ڪري سمجهندا هئا. "رسالہ غوثيہ" تي شرح ۽ مشکواة تي حاشيہ لکيائين. مسيح القلوب (شيخ عيسيٰ) اصول فقه ۽ ڪلام ۾ سندس شاگرد هو. برهانپور ۾ آيو. ۽ ڏهين صدي هجريءَ جي ڏهين حصي ۾ ۹۹۱هہ/۱۵۸۳ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين. خوابگاهہ شيخ ابراهيم عمر سنڌيءَ جي خطيره ۾ آهي. "باد طيب" همچو نامش خاڪ او."

۱۰- شيخ ابراهيم ڪلهوڙو: سنڌ جي جن بزرگن هجرت ڪئي، انهن مان هئ صاحب پيش پيش آهي. خبر نہ آهي تہ ڪڏهن هن صاحب وطن ڇڏيو. مگر ڏهين صدي هجريءَ آغاز ۾ برهانپور ۾ موجود هو. سندس استادن يا مرشدن جي بہ خبر نٿي پوي. مگر علم و فضل جي زيور سان آراستہ هو. دنيا وارن کان بيزار ۽ دست غيب کان امداد ملندي هيس. پاڻ شاهہ منصور مجذوب فاروقيءٌ برهانپوريءَ جو معاصر هو. سندس خانقاهہ شهر کان ٻاهر هئي، ليڪن بزرگن جي ملاقات لاءِ برهانپور ايندو هو. پاڻ سن ۹۵٦هہ/۱۵۴۹ع ۾ فوت ٿيو، جڏهين سندس عمر ۹۵ سال هئي. هن حساب سان پاڻ مخدوم نوح رحہ جو متقدم هو. شيخ وهيون سندس مريدن مان هو. همايون بادشاهہ بہ سندس معتقد هو.

۱۱- شيخ وهيون سنڌي: شيخ ابراهيم ڪلهوڙي جو مريد هو، ۽ وحدت حقيقيءَ ۾ فنا هو ۽ توحيد وجوديءَ جو قائل هو. جيڪو بہ خيال ڪندو هو يا چوندو هو، ائين ٿي پوندو هو. هڪ دفعي نامحرم عورت تي اوچتو نظر پيس. قلب روشن ملامت ڪيس، نظر ختم. پوءِ سوزو ساز

۽ محبت جي عالم ۾ ڳائيندو ڦرندو رهندو هو. سندس انتقال برهانپور ۾ ٿيو ۽ اتي مدفون آهي.

١٢ـ قاضي عبدالسلام سنڌي: هن صاحب جو ذڪر مخدوم عباس هنگورجائيءَ جي ضمن ۾ اچي ويو آهي. سنڌ ۾ مخدوم مذڪور جي فيض نظر ڪان ايترو مالا مال ٿيو، جو جڏهين برهانپور آيو، تڏهن عادل شاهه فاروقيءَ کيس "قاضي القضاة" جي مسند تي ويهاريو. ايتري فضل و ڪمال هوندي بہ حڪيم عثمان بوبڪائيءَ جو شاگرد بنيو. پنهنجن استادن جو تمام گهڻو احترام ڪندو هو. مخدوم عباس جي لاءِ چوندو هو تہ "دين، ديانت، دانش ۽ بينش، طبيعت ۾ نرمي ۽ اختلاط ۾ گرمي. هي اوصاف يقيناً مخدوم صاحب جي سرشت ۾ داخل هئا."

١٣ـ حضرت شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي: پاڻ ٩٧٤هـ/١٥٦٦ع کان اڳ مبارڪ شاهه فاروقيءَ جي عهد ۾ برهانپور آيو. سندس حالات غوثي صاحب کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ تذڪري ۾ آيل ڪين آهن. حضرت شيخ ابراهيم لوڪ جي لياڪن کان بيزاري ۽ دنيا جي علائقن کان ڪناره ڪش هو. سندس وفات جي سال جو پورو پرو نہ آهي. پر مبارڪ شاهه فاروقيءَ جي عهد ٩٧٤هـ/١٥٦٦ع ڌاري وصال ڪري چڪو هو.

١٤ـ حضرت مولانا شيخ مبارڪ سنڌي: پاڻ شيخ طاهر محدث جو هموطن ۽ مخلص دوست هو. جيئن شيخ طاهر جي وڏن، پاٽ ضلعي دادوءَ جو قصبو آباد ڪيو، تيئن شيخ مبارڪ جي وڏن جو بہ هن ڳوٺ جي آباديءَ ۾ اتحاد عمل هو. سندس ولادت پاٽ ۾ ٿي. پرورش ۽ درس و تدريس بہ اتي. حضرت مخدوم عباس بن شيخ جلال سنڌيءَ جو شاگرد رهيو. احمد آباد ۾ مسجد ناصرالملڪ جي مدرسي ۾ معلم ٿيو. بعد ۾ شيخ طاهر محدث وٽ ايلچپور آيو، ۽ اتي بہ اچي مدرس ٿيو. ان بعد برهانپور آيو. بادشاهه کيس چوپڙي جي ڳوٺ ۾ قاضي مقرر ڪيو، مگر شيخ طاهر جون صحبتون ۽ شيخ لاد جيو سنڌيءَ جي دلنوازن نغمن کان محروم رهيو، ان ڪري استيعفا ڏيئي واپس برهانپور آيو ۽ آزاد منش تي

رهيو. مسيح الاولياء بہ ڪائنس ڪتابن جو درس وٺندو هو. حضرت شيخ لشڪر محمد عارف ڪان بيعت ڪري، شرح منيريءَ جو مقدمہ پڙهيائين. سن ٩٨٨هہ/١٥٣٠ع ۾ فوت ٿيو. مگر گلزار ابرار ۾ ٩٨٨هہ/١٥٧٠ع لکيل آهي، سو درست نہ آهي.

١٥ـ حضرت مولانا شيخ موسيٰ بوبڪائي: پاڻ حڪيم عثمان جو هموطن ۽ همدرس هو. قاضي محمود موَرپي جي درس ۾ حڪيم عثمان ۽ پاڻ علم نحو جا ڪتاب گڏجي پڙهيا. برهانپور جي اتر ۾ متصل اتاولي ندي عادلپور ۾ مدرس هو. افسوس جو شيخ صاحب جي تاريخ وفات ۽ مزار جي متعلق ڪابہ صراحت نہ آهي.

١٦ـ حضرت شيخ ابراهيم قاري شطاري سنڌي: سندس آبائي وطن سنڌ هو. شيخ لشڪر محمد عارف باالله جو برگزيده خليفو هو. صاحب ڪيفيت ۽ ظاهري ۽ باطني فضل و ڪمال سان سينگاريل هو. چند قسمن جي، استادانہ خط لکڻ ۾ زبردست ماهر هوندو هو. فن تجويد تي حيرت انگيز عبور حاصل هوندو هوس. دلگذار آواز سان قرات پڙهي، ٻڌندڙن کي مسحور ڪري ڇڏيندو هو. حضرت مسيح الاولياء ۽ سندن پير شيخ لشڪر علم قرات ۾ سندن شاگرد هئا. جڏهين حضرت غوث گواليارِي احمد آباد آيو ۽ حضرت شيخ لشڪر سندس بيعت ڪئي، تڏهن هيءَ بزرگ اتي نماز پڙهائيندو هو. ۽ هن کي غوث الا ولياء "مُرغِ لاهوتي" جو خطاب ڏنو هو. رياضت ۽ استغنا ۾ مشهور هو. هن جي مريدن مان خليفو شيخ عبدالرحيم ڪپرونجي مشهور آهي. پاڻ ٩٩١هہ/١٨٨٣ع ۾ وفات ڪيائين. ماده تاريخ " صاحب فيض" ٩٩١هہ آهي. شيخ ابراهيم بن عمر رحہ جي مقبري جي لاڳيتو، عادلپوره برهانپور ۾ سندس مزار پرانوار آهي.

١٧ـ حضرت سيد ابراهيم بکري رحہ: سندن تولد جي جاءِ بکر ملڪ سنڌ آهي. ڪتابي علم جا اعليٰ مدارج ان زماني جي جيد عالم ۽ بافيض مدرس مولانا يونس لاکي جي خدمت ۾ طئي ڪيائين. مولانا يونس جي ٻين شاگردن ۾ شيخ نظام الدين ابن ڪبير، ملا شيخ طيب

سنڌي، شيخ اسحاق آسيري مشهور آهن. سيد ابراهيم مختلف شهرن مان ٿيندو برهانپور پهتو، ۽ حضرت شيخ جلال متو رحہ جو مريد ٿيو. هيءُ صاحب حضرت شيخ شرف الدين شهباز رحہ جو ممتاز خليفو هو. ۽ بادشاهِ وقت ميران مبارڪ شاهه فاروقيءَ ان جو وڏو عيقدتمند هو. سيد صاحب پير صاحب جي والهانہ عقيدت جي ڪري سندس خدمت ۾ مقيم ٿيو، ۽ رب تعاليٰ کيس ايتري فضيلت عطا فرمائي، جو ان وقت پيا ڪيئي بزرگ سندس درگاهه ۾ ايندا هئا. خصوصاً. مسيح الاولياء سندس ٿن پٽن هوندي بہ شيخ نظام سندس جانشين بنيو. ازان سواءِ شاهه امان الله اماني برهانپوري ۽ مولانا عبدالرزاق بانسوي سندس خليفا هئا. سيد صاحب جو وصال ٩٩٨هہ/ ١٥٩٠ع ۾ ٿيو. پنهنجي خانقاه ۾ دفن ڪيو ويو. ماده تاريخ: "ذوالڪرام" ٩٩٨هہ آهي. مبارڪ شاهه جي ٻئي فرزند، ميران جي علي خان عادل شاهه فاروقيءَ مزار تي عاليشان گنبذ ٺهرايو، جو اتاولي نديءَ جي لڳ دولت ميدان جي رستي ۾ زيارتگاهه آهي.

١٨- حضرت شيخ لاد جيو سنڌي: پاڻ عين جوانيءَ جي عالم ۾ سنڌ کان هجرت ڪري برهانپور پهتو. کيس حسين صورت ۽ حسين سيرت سان گڏ، منو سُر بہ عنايت ٿيو هو. نغمہ سنجي سندس فطري جوهر هو. سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪمال مهارت حاصل هيس، خصوصاً سنڌي ڪافي ايتري درد و سوز سان ڳائيندو هو، جو ٻڌندڙ مست و مگن ٿي ويندا هئا. سندس ڪافين جي اثر انگيزيءَ جو هي عالم هو جو مولانا شيخ مبارڪ سنڌي ايلچپور جي مسندِ قضا کي ڇڏي، شيخ لاد جيو سنڌي جي نغمہ پردازيءَ جي ڪشش ڪري برهانپور هليو آيو. تقريباً ٧٠ سالن جي عمر ۾ ١٠٠٧هہ/ ١٥٩٨ع ۾ وفات ڪيائون ۽ حضرت شيخ ابراهيم بن عمر سنڌيءَ جي مقبري ۾ دفن ٿيا.

١٩- حڪيم عثمان بوبڪائي: پاڻ شيخ عيسيٰ بن شيخ ابراهيم صديقيءَ سنڌيءَ جا فرزند هئا. سندن ولادت سيوستان جي مضافات بوبڪ جي ڳوٺ ۾ ٿي. حصولِ علم ۽ خدا طلبيءَ جي شوق کيس احمد آباد پهچايو. تصوف جا درس مولانا وجيہ الدين علويءَ احمد آباديءَ کان

حاصل ڪيائين. تفسير ۽ حديث جا سبق قاضي محمود موربي کان مليس ۽ منطق و معاني، حضرت شيخ حسين بغداديءَ کان عطا ٿيس. ان کان علاوه کيس حضرت مخدوم نوح رحہ سرور کان نظر فيض بہ حاصل ٿي صاحب "گلزار ابرار" لکي ٿو تہ حڪيم عثمان بوبڪائي کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن مان مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ويس ۽ چاهيم تہ علمي ڪمالات جي حصول لاءِ دعا گهران. اجا اها ڳالهہ ضمير تائين محدود هئي تہ پاڻ فرمايائون تہ "واتقو الله يعلمڪم." ان وقت کان منهنجي پرهيزگاري ۽ علم روز افزون آهي." ٩٨٣ھ/١٥٧٥ع ۾ برهانپور آيو ۽ بادشاهہ وقت محمد شاهہ بن مبارڪ شاهہ فاروقي کيس اعليٰ منصب تي مامور ڪيو. پاڻ ٢٧ سال درس، فتويٰ نويسي، تصنيف و تاليف ڪيائون. سندن نامور شاگردن مان مسيح الاولياء قاضي عبدالسلام سنڌي - قاضي برهانپور شيخ صالح سنڌي، قاضي نصيرالدين بن سراج محمد بنبائي ۽ شيخ سکجي بنگالي هئا. سن ١٠٠٨ ھ/١٥٩٩ع ۾ اڪبر جي ڪاهہ وقت پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجن سترهن رفيقن سان شهيد ٿيا.

٢٠- حضرت شيخ اسحاق قلندر سنڌي: سندس وطن مسيح الاولياء وارو ساڳيو وطن پاٽ شريف هو. آزاد منش هو ڏهن سالن جي سياحت بعد سن ٩٥٨ھ/١٥٥١ع ۾ برار ۾ پهچي شيخ طاهر محدث جي دوستي اختيار ڪيائين. ۽ ڪڏهن هِن حياتيءَ خواه هُن حياتيءَ ۾ ان کان ڌار نہ ٿيو. سندس رحلت سن ١٠١٠ھ/١٦٠١ع ۾ ٿي ۽ حضرت محدث صاحب جي مزار جي قريب مدفون ٿيو.

٢١- مولانا شيخ صالح سنڌي: پاڻ شيخ عثمان بوبڪائي جو شاگرد رشيد ۽ نائي هو. علم وفضل ۽ تقويٰ ۽ عمل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. استاد جي شهادت (يعني ١٠٠٨ھ/١٥٩٩ع) بعد پاڻ مسيح الاولياء جي مجلس ۾ شريڪ ٿيندو هو. شعبان جي مهيني ١٠١٣ھ/١٦٠٤ع ۾ پاڻ مسيح الاولياء جي هڪ وڏي مجلس ۾ شريڪ هو، جنهن جو خاص رڪن عبدالرحيم خانخانان هو. سندس وڌيڪ احوال نٿو ملي.

٢٢ـ حضرت شيخ بابو سنڌي: پاڻ حضرت شيخ لشڪر محمد عارف جو مريد ۽ مسيح الاولياء جو مرشد ڀائي هو. محلي سنڌي پوريءَ ۾ حضرت مسيح الااولياء جي خانقاهہ جي اتر - اولهہ طرف ڪچين ۽ ننڍين ديوارين جي حجري ۾ رهندو هو. هي حجرو سندس لاءِ سيڪجهہ هو. اجڙيو تہ بہ ڪونہ سڌاريائين. هي آهي دنيا جي شين کان بي تعلقيءَ جوڪمال. پاڻ سن ١٠١٥ھ/١٦٠٦ع ۾ وفات ڪيائون. علامہ غوثي مناسب حال، شعر تي سندس ذڪر خير ختم ڪيو آهي:

در اين خانہ بی لوح است غوثی از خر نبود،
پئي پاس متاعش رخنئہ ديوار بستن.

٢٣ـ تاج العاشقين شيخ محمد ابن شيخ عبدالله سنڌي: سندن ولادت ۽ پرورش برهانپور ۾ ٿي. مسيح الاولياء جو شاگرد، مريد ۽ خليفو هو. ملا غوثي ڪيس غلطيءَ وچان حضرت شيخ محمد عارف خليفو ڄاڻايو آهي. جڏهين مسيح الاولياء حڪيم محمد عثمان بوبڪائيءَ وٽ پڙهيو هو تڏهن هي شيخ صاحب بہ اتي پنهنجي پير سان گڏ همدرس هو. مسيح لااولياء هن کي بندر ڏاڀيل متصل سورت ڏانهن خلق خدا جي رهنمائيءَ لاءِ موڪليو. پنهنجي پيرن سان والهانہ محبت رکندو هو. ان ڪري ڪيس تاج العاشقين جو خطاب مليو. گجرات کان واپسيءَ بعد مسيح الاولياء جي خدمت ۾ رهيو. اڪبر جي خانديش تي لشڪرڪشيءَ جي عالم ۾ هي درويش بہ نظربند ٿي آگري پهتو. جتي غوث الااولياء جي سفارش سان آزاد ٿيو، پر قليچ خان جي نگرانيءَ ۾ موڪليو ويو. جڏهين قليچ خان لاهور جي مهم تي ويو، تڏهن ان کي بہ ساڻ وٺي ويو. هي سن ١٠٠٥ھ/١٥٩٦ع کان ١٠١١/١٦٠٢ع جا واقعات آهن. پاڻ پهرين جمادي الاول ١٠١٣ھ/١٦٠٣ع پنجاب ۾ راجپوتن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.

مخدوم نوح رحہ جا معتقد ۽ مريد

مخدوم صاحب جن جي معتقدن ۽ مريدن جو ڪاتو ئي ڪونہ هو. مگر

جيڪي بہ ملڪوتي موتي مون ڪي قرطاسي قلزم ۾ غوطہ زني ڪندي مليا آهن، اهي قارئين ڪرام جي خدمت ۾ عرض رڪان ٿو.

مخدوم نوح جن باشرع بزرگ هئا ۽ سنت نبويءَ جا باقاعده تابع. ڪين رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي چئن يارن وانگر "چار اصحاب" هئا. انهن مان پهريون سيد ابوبڪر شاهہ لڪياري سادات جو فرد فريد هو، جو سيوهڻ لڳ آراضيءَ ڳوٺ ۾ رهندو هو. مخدوم صاحب جن ڪي اهڙو مرغوب هو، جو پاڻ ڪيس وفات وقت بہ هيٺين اکرن ۾ ساريائون:

"ابوبڪر آءِ سامين سفر سنباهيو،
متان تي پئان، سارين سنياسن ڪي".

مڪاشفي ذريعي شاهہ صاحب ڪي نياپو پهچي ويو ۽ ائين تنواريندو اچي حاضر ٿيو.

"اچان تو اچان، ڪجو ڪا جتا،
متان تي پئان، ساريان سنياسن ڪي".

٢ـ ٻئي يار جو نالو درويش عمر بودلو چيو ويو آهي، جنهن جو احوال تحفةالڪرام ۾ اڳهم ڪوٽ جي بزرگن جي ضمن ۾ آيل آهي. هي صاحب مجذوب مطلق ۽ خدا سان واصل هو. خانہ بدوش هو. پوين ڏينهن ۾ اچي اڳهم ۾ رهيو. پنهنجي يا پنهنجي سامان جي خبر کان بيخبر هو. ڪوبہ ماڻهو ڪانئس بي مراد نہ موٽيو. درويش ونهين چانيهي جو صحبتي هو. پر درگاهہ جي مجاورن مطابق سندس تربت درگاهہ واري مقام ۾ آهي.

٣ـ ٽئي يار جو نالو حضرت عثمان چاڪي هو. هي بہ ڪرامات ۽ خوارقات جو صاحب هو. سندس مرقد درگاهہ مخدوم نوح رحہ جي ڏاکڻي واري پهرين چوڪنديءَ ۾ آهي. تحفةالاولياء جي مصنف جي لکيت موجب، هن کي فقير رشيدالدين بہ ڪري سڏيندا هئا. "نو لک مريدن! يعني نوَ لکي گودڙي واري روايت هن فقير کان ٿيل آهي، جڏهين مخدوم صاحب جن ٽئي ويا هئا ۽ اٽڪٽ مريدن جي ميڙن مخدوم

صاحب جي هٿ تي اچي بيعت ڪئي هئي.
٤ـ چوٿين يار بابت درگاهه جي مجاورن کان معلوم ٿيو تہ سيد علي ثاني ٺٽوي آهي. مگر اها ڳالهه محقق نظر نٿي اچي. دليل الذاڪرين، انيس الفقرا ۽ ٻين ڪتابن موجب سندن چوٿون يار سيد عبدالله شاهه ولد يعقوب شاهه متعلوي هو. جنهن کي پنهنجي دختر نيڪ اختر عقد ۾ ڏئي رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي متابعت ڪيائون.

حضرت نوح سرور جا معتقد

سندن معتقدن جي لڙهه مان هيٺيان مٿيا نام ڪنيا ۽ نشانبر وڌيڪ آهن:
شاهه خيرالدين بغدادي ثم سکري: شاهه خيرالله عرف شاهه خيرالدين سيد احمد بغداديءَ جو فرزند ۽ حضرت عبدالقادر جيلاني جي پنجين پيڙهيءَ مان هو. بغداد ۾ انهيءَ ساڳئي سال ڄائو، جنهن سال ۾ مخدوم نوح رحہ هٽ سنڌ ۾ تولد ٿيو. يعني ٩١١هه/١٥٠٥ع. اوائلي عمر ۾ بغداد مان مڪي شريف آيو ۽ برابر چوڏهن ورهيہ حرمين شريفين ۾ تحصيل علم ڪندو رهيو. لبِ تاريخ جي صاحب لکيو آهي تہ هو صاحب جڏهين چاليهہ سالن جو ٿيو تڏهين مڪي شريف ۾ آيو. ان بعد ڪيس سنڌ جي سرسبز سرزمين ڇڪيو ۽ اچي مخدوم نوح رحہ جي صحبت ۾ هالين رهيو. هتان گهڻو ئي فيض حاصل ڪري سکر طرف راهي ٿي، هڪ ٽڪريءَ تي اچي عبادت الاهيءَ ۾ مشغول ٿيو. انيس الفقراء ۾ آهي تہ مخدوم نوح رحہ جي مريد درويش زڪريا اگهم ڪوٽ واري سان شاهه صاحب ڏاڍيون محققانہ صحبتون ڪيون. شاهه خيرالدين جي خليفن مان مير معصوم جو پوٽو مير محمد زڪريا، سيد نصيرالدين متعلوي، فقير سڏو ۽ فقير جمال الدين جا خاص نالا قابل ذڪر آهن. سيد نصيرالدين شاهه صاحب جي وفات بعد مخدوم نوح رحہ جي خليفي درويش يحييٰ رائنتيہ جي صحبت ۾ رهي گهڻو فيض حاصل ڪيو. مخدوم نوح رحہ جو هڪ مريد درويش حسيني هڪ دفعي ذڪر ڪيو تہ شاهه خيرالدين وجد جي حالت ۾ اچي چيو تہ "مخدوم نوح جا سنگتي قيامت جي ڏينهن حضرت خاتون جنت جي فرزندن حضرت حسنين جا پاڙيسري ٿي رهندا."

آخر عمر ۾ ٽکري چڙهي شاهه صاحب پراڻي سکر شهر ۾ انهي هنڌ اچي رهيو، جتي سندس مقبرو آهي اتي ترخان خاندان جي مغلن جا گهر هئا. جي هنن شاهه صاحب کي نذراني طور ڏيئي ڇڏيا. شاهه صاحب ٢٧-رمضان ١٠٢٧هه بمطابق ١٧- سيپٽمبر ١٦١٨ع تي لاولد هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندس وفات جي تاريخ، هيئين قطعي جي پوئين مصرع مان ملي ٿي:

شاهه خيرالدين مه برج شرف
مقبل درگاه ايزد سروري،
سال تاريخ و صالش عقل گفت،
"مرشد ڪامل طريق احمدي."
١٠٢٧هه

فقير جمال الدين جي اولاد مان سندن مجاور ٿيندا آيا. ميان غلام محمد اڳوڻي ننڍي روضي کي ڍهرائي، موجوده روضو تيار ڪرايو. جنهن جي تاريخ ١١٧٣هه/١٧٦٠ع هئي. هر رمضان شريف جي ٢٧- تاريخ هت مريدن ۽ معتقدن جو اجتماع ٿيندو آهي.

٢- سيد عبدالڪريم بلڙيءَ وارو: هي سيد صاحب سيد للو جو نور نظر متعلوي (مٽياري) ساداتن جو هڪ مٽيا وارو ۽ مٽيادار جوتي جواهر هو. سندس ولادت سن ٩٤٣هه/١٥٣٧ع ۾ ٿي. سندس عبادت رياضت ۽ صبر ضرب المثال آهن. "دست به ڪارو دل به يار" وارو مصداق هن صاحب تي سهڻو نهڪي آيو ٿي. تحفة الڪرام وارو صاحب لکي ٿو ته "قصه مختصر سندن ڪرامتون ۽ بلند مقامات حد ۽ حساب کان ٻاهر آهن." ڪتاب "بيان العارفين" و "تنبيه الغافلين" انهن مان ڪن ٿورين سان پريل آهن. سيد محمد يوسف رضوي بکري، مخدوم نوح مخدوم آدم سميجو، ۽ ٻين وڏن مشائخن سان صحبتون ڪري فيض پرايو هئائين. حضرت مخدوم نوح رحه وٽان ڏاڍو فائدو حاصل ڪري، سندس اشاري موجب اچي بلڙي وسايائين. پوءِ مخدوم صاحب جي حاضريءَ لاءِ بلڙي مان ڪهي هالين ايندو هو. سندس ملفوظات ۾ آيل آهي ته هڪ

ڏينهن فرمايائون تہ "اسان جي دل ۾ آيو تہ مست اگهاڙا تي گذاريون. ۽ هيءَ ڦڪائي جي گودڙي لڳن تان ڇڏيون: پر جڏهين زماني جو عارف مخدوم نوح رحہ ڏٺوسون تڏهين اهو خيال لاهي ڇڏيوسون." (١) پوءِ هيٺيون بيت فرمايائون:

صورت ليکي هِتِ، معنيٰ ليکي مارُوئين.
عمر مون جي چِت، اوتاکون ٿرن ۾.

سندس وفات بلڙي شريف ۾ سن ١٠٣٠هہ/ ١٦٢٠ع ۾ ٿي. کين اٺ فرزند هئا. جن جو مختصر طرح بيان ڏجي ٿو:

١ـ **سيد للو:** هن تي ڏاڏي سائينءَ جو نالو رکيل هو. ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويو.

٢ـ **سيد عبدالرحيم:** هن سيد بابت ميان ابراهيم ولد مخدوم نوح رحہ چيو هو تہ هن جي ڄمڻ ۽ وڏي ٿيڻ تي خدا جو شڪر بجا آندم ۽ چيم تہ الحمدالله جو سيد عبدالڪريم ثاني پيدا ٿيو آهي. وڏي درجي جو صاحب هو. اتفاقاً پيءُ جي حياتيءَ ۾ گذاري ويو.

٣ـ **سيد جلال:** هن تي چاچي سائين جو نالو رکيل هو. پنهنجي وقت جو عابد هو. والد جي حياتيءَ ۾ هڪ ڏينهن هالن کان موٽيو ٿي آيو تہ کيس چورن شهيد ڪري ڇڏيو.

٤ـ **سيد برهان:** شاندار ڪماليتن جو هڪ برهان پيدا ٿيو هو. هيءُ پڻ پيءُ جي حياتي ۾ گذاري ويو.

٥ـ **سيد للو ثاني:** هڪ مجذوب سالڪ هو. سير و سياحت ۾ مشغول رهندو هو. پيءُ بعد ڪجهہ وقت زندهہ رهيو.

٦ـ **سيد دين محمد:** والد جي زماني ۾ گوشہ نشين هو. نهايت شان شوڪت ۽ بيپرواهيءَ جو مالڪ هو. پڻس وفات وقت هن کي سڏي ولايت جي امانت ڏني چون ٿا تہ اڳ ڪپڙن پائڻ جو شوقين هو. هو پيءُ بعد مٿو ڪوڙائي ڪفني ڍڪي، ڪاري چادر ڪلهي تي اوڙهي، سجاده نشين

---

(١) ڏسو آخر ۾ ضميمو ٽيون ـ مولانا محمد هاشم سومري رحہ سان ملاقات: غ. م. گرامي.

جي حيثيت سان گاديءَ تي ويٺو. ۽ پيءُ جو نالو هر لحاظ سان، بزرگيءَ ۽ عزت سان قائم رکيائين.

۷ـ **سيد محمد حسين:** سيد عبدالڪريم هن کي "خادم الفقرا" جو لقب ڏنو هو ۽ خادمن کي چيو هئائين تہ جنهن وقت دعا جي ضرورت پئيوَ تہ هن کي عرض ڪجو.

۸ـ **سيد عبدالقدوس:** ننڍپڻ ۾ گذاري ويو، مگر ننڍڙي هوندي وڏائيءَ جا آثار نمايان هئس ۽ ٻارن کي گڏ ڪري حلقو ٻڌي ذڪر کي لڳي ويندو هو. سيد دين محمد بعد سيد عبدالدليل ۽ ان بعد سندس فرزند سيد عبدالغني ان بعد سندس فرزند، عبدالواسع "ڪريمي رنگ" کي پکيڙيندا رهيا. ڪريمي متعقدن ۽ مريدن جي لسٽ تہ ڊگهي آهي. جن بہ صاحبن جو پرو مون لڌو آهي، انهن جو ذڪر پيش خدمت ڪريان ٿو:

ڪريمي فقراء

۱ ـ **درويش مهار نهڙيو:** پنهنجي وقت جو هڪ بزرگ هو. ابتدا ۾ پيو مرشد هوندو هوس، جو فوت ٿي ويو. ان بعد سيد صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين تہ "ڪيترو وقت ٿيو جو منهنجو (روحاني) مڙس مري ويو آهي ۽ هاڻي حضرت جن کي مڙس ڪيو اٿم".

۲ـ **درويش احمد:** پنهنجي وقت جو يگانو ۽ ان وقت جي بزرگن جهڙوڪ مخدوم حامد دودائي، درويش عبداللطيف، مخدوم ضياء الله، درويش سمو، مخدوم عيسيٰ ۽ سندس پٽ ميان عبدالقدوس سان صحبتون هيس. خاص ڪري سيد عبدالڪريم جو فيض يافتہ هو.

۳،۴ـ **ميان عبدالله ۽ درويش هارون:** سيد صاحب جي نظر جا نوازيل هئا.

۵ـ **درويش الهڏنو لوهر:** سيد صاحب جو مريد ۽ وڏي ڪرامت جو صاحب، مڪليءَ واري عيد گاهہ جي ڏکڻ ۾ آرامي آهي.

۶ـ تحفة الطاهرين ۾ درويش الهڏنو زرگر جو ذڪر خير بہ آيو آهي.

جنھن جي روحاني تصوّف ڪري ڪاري ڳوٺ جي پيرزادن ڪي جي سيد عبدالڪريم جي فقيرن جي خلاف ھئا. نمائي ڪريمي درگاھ جو پانڌيئڙو بنايائين. شيخ بھاوءالدين زڪريا رحہ جي اولاد مان شيخ ڪالو قريشي جي اولاد جي ذڪر ۾ آيل آھي، تہ سندس پڙ پوٽو شيخ سلام الله سيد عبدالڪريم جي اولاد ۽ سجاده نشين سيد عبدالغني جي صحبتن مان ۽ الھڏني زرگر جي زيارتن مان فيض پرائيندو ھو. ھڪ نڪتو قابل غور آھي تہ

تحفةالڪرام جي مترجم ھن کي الھڏنو زرگر لکيو آھي، مگر تحفةالطاھرين ۾ "الله دنه زرگر" آھي.

۷- ۸ **سيد قاسم مشھدي ۽ سيد جعفر بڪري:** سيد احمد مشھدي جي اولاد مان سيد محمد قاسم بن سيد محمد بن سيد دائود شھيد حق جي طالبن جي فھرست ۾ داخل ۽ حال جو صاحب ٿي گذريو آھي. ھو سيد جعفر رضوي بڪري، سيد يوسف بڪري جي پوٽي جي ھٿان سيد صاحب جو خليفو ٿيو. پير جي ميلي تي ٺٽي جي خلق کي پاڻ سان وٺي وڃڻ ۽ موٽائي آڻڻ سندس ذمي ھو. شعبان مھيني ۾ ھڪ خلاصو ميلو ٺٽي ۾ سندس جاء تي ٿيندو ھو، جنھن ۾ فقير ٽولين ۾ اچي گڏ ٿيندا ھئا. سندس وفات جي تاريخ "في جنة عالية" ١٠٥٤ھ/ ١٦٤٤ع مان ڪڍي اٿن. تحفةالطاھرين ۾ سندس فرزند سيد لطف الله بابت بہ لکيل آھي تہ: "صاحب حال ۽ صاحب ڪرامت ھو". ٻنھي مٿين صاحبن جون تربتون سيد محمد يوسف بڪري جي پاڙي ۾ آھن.

۹ - **قاضي منور بن مخدوم مراد بن مخدوم صدرالدين راھوتي:** ھي صاحب بہ پھرين قيمتي لباس پھريندو ھو. مگر سيد صاحب جي نظر بابصر ھٽي ھن کي سلوڪ جو سالڪ بنائي ڇڏيو.

سروري ٽوڙ

ھاڻي اچون ٿا انھن الله وارن تي جن سڌي طرح سروري فيض جي پالوت جو پلر پِي پاڻ کي "سروري ٽوڙ" ۾ داخل ڪيو. يعني سندن مرادوند مريد.

١ـ سيد علي شيرازي ثاني انجوي: سيد علي بن سيد جلال بن سيد علي ڪلان بن سيد احمد بن سيد محمد عرف سيد ميران محمد انجوي شيرازي ثم ٺٽوي شيرازي سادات جو برگزيده بزرگ هو. سير ۽ سلوڪ ۾ وڏن ڪان بہ وڌيڪ توفيق وارو ۽ نهايت متقي هو. هن صاحب پنهنجي وڏي ڏاڏي سيد محمد ڪي مراد اوٺي جي ڳوٺ مانِ ڪٽائي هاٽوڪي وڏي مقبري ۾ رڪايو. سندس مرقد بہ هن وڏي قبي ۾ آهي. حديقة الاولياء ۽ تحفة الڪرام موجب پاڻ ٩٧١هه/١٥٦٣ع ۾ وفات ڪيائون. پر تحفة الطاهرين ٩٨١هه/١٥٧٣ع سندس سال وفات ڄاڻايو آهي. تاريخ معصوميءَ ۾ بہ ٩٧١هه ڄاڻايل آهي، ۽ وفات جي تاريخ "فات الحاتم بجوده" ٩٨١هه مان ڪڍي وئي آهي. سالِ وفات جي حرفن ڪي ابجد جو حساب لڳائبو تہ ٩٨١هه سال نڪرندو. ان ڪري ٩٧١هه سال غلط ۽ ٩٨١ هه سال صحيح سمجهڻ گهرجي. نهايت حليم، زاهد، سخاوت جو صاحب هو. سماع جو نهايت شوق هوندو هوس. ڀهريائين درويش آجر ڪان فيض ورتائين ۽ پوءِ تحفة الطاهرين مطابق "بجناب فيض ماب حضرت پير ولايت، صاحب ارشاد و هدايت، پيشوا اهلِ عرفان، سردفتر اصحابِ ايقان، مصباحِ مڪان، روحِ مفتاح خزائن فتوح، مخدوم نوح قدس سره العزيز رسيده، باوج عرفان تصاعد غود واز مقام فنافي الله گذشتہ، بدرجه بقا باالله واصل گرويده ـ ان بعد مخدوم نوح رحہ ۽ سيد علي صاحب جون ڪرامتون بيان ڪيون ويون آهن. رسول اڪرم جي شرف بارياٻيءَ ڪان مشرف ٿيندو هو. "معارف الانوار" مصنف محمد صالح ٺٽي واري ۾ لکيل آهي تہ پاڻ رسالہ "آداب المريدين" ٦٣ سالن جي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيو هئائين، ۽ سن ٩٥٤هه/ ١٥٤٧ع ۾ لکي پورو ڪيائون. هن حساب مطابق انتقال وقت سندن عمر ٩١ سال هوندي. هيءُ "دين جي بزرگن جو دستور العمل آهي، ۽ سندس يادگار آهي." "مقالات الشعرا" ۾ آيو آهي تہ هڪ دفعي سيد عبدالڪريم بلڙي واري سنڌيءَ ۾ هڪ بيت معما طور پنهنجي استاد جناب مخدوم نوح رحہ ڪي هالين شريف موڪليو. مخدوم صاحب جواب موڪليو. ٻئي سوال جواب مير علي شيرازيءَ ڪي معلوم ٿيا. پاڻ انهن

کي گڏي هيٺيون بيت فارسيءَ ۾ پيش ڪيائين:

جان بجانان ده و گرنه از تو بستاند اجل،

خود تو منصف باش اي دل، اين نکويا آن نکو

سندس صالح فرزند سيد جلال پڻ تقويٰ ۽ ڪمال جي زيور سان سينگاريل هو. ۽ پيءُ جي طريقي تي هلندڙ هو. سيني عالمن ۾ وقت جو يگانو ۽ ذهن جي لطافت ۾ بينظير ۽ ڪمال انسانيت ۽ سخاوت رکندڙ هو. تاريخ معصومي ان بزرگ جي باري ۾ وڌيڪ لکي ٿي تہ "توري پيدائش هوندي بہ وڻانئس ماڻهن کي پڻس کان وڌيڪ ٻهرو ملي ٿو. ۽ سيد جلال پيءُ کان وڌيڪ شريعت جو پابند آهي." هن بزرگ جي گهر ۾ مرزا صالح بن مرزا عيسيٰ ترخان جي نياڻي هئي، سيد جلال جي وفات بعد سندس فرزند سيد مير محمد وڏي شان ۾ مشهور ٿيو ۽ "ترخان نامو" سندي تاليف آهي. شيرازي ساداتن جو گهرو لاڳاپو مخدوم صاحب جن سان معلوم ٿئي ٿو. اجا بہ فقير عيسيٰ لنگوٽيءَ جي اوير ۾ هڪ ٿلهي تان هالن ڏي منهن ڪري معتقد دعا گهرندا آهن. سيد علي ثاني جي عرس جو سماع جو بندوبست بہ "سروري ٽوڙ" ڪندا آهن.

٢ـ درويش قاسم جولاهہ: تحفة الڪرام واري صاحب هن بزرگ جو ذڪر هالن جي بزرگن جي ضمن ۾ آندو آهي. "هي صاحب ڪورڪو ڏنڌو ڪندو هو. پر مخدوم صاحب جي مريدن جي برڪت سان معرفت جي ڪارخاني مان وڏو نصيب پرائي، حقيقت جي تاجي ۽ پيٽي کان خوب واقف ٿيو هو."

٣ـ ميرڻ ڪاتيار: نصرپور جي سماوات پرڳڻي جي هڪ ڳوٺ ڪاتيار ۾ رهندو هو. پهريائين ڪجهہ ڏات الاهي مليس. مگر اها مٽ پٽي ساري ڪمائي ڪُٽ ڪري ڇڏيائين. پوءِ سيد عبدالڪريم ڪيس مخدوم صاحب وٽ وٺي آيو جتان اڳي کان اڳرو ٿي ويو.

٤ـ سيد ساجن سوائي: اصل مٽيارين جو هو، پر پوءِ ڳوٺ ڪوچي ۾ اچي رهيو، جو ونگي ۽ ولهار جي سرزمين ۾ واقع هو. مخدوم نوح رحہ جو مريد ۽ پنهنجي وقت جو عمدو شيخ طريقت ٿي گذريو آهي. سندس

ڪرامتون ڳاڻاٽي ڪان ٻاهر آهن. سندس وفات واري ڏينهن اجا ٻه وڏو ميلو لڳندو آهي. جتي هزارن جو مال فروخت ٿئي ٿو.

۵- لڏو ٻهار: مخدوم نوح جي نظر شفقت جو هڪ منظور نظر هو. سندس ڳوٺ وغيره بابت ڪا ٻه حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي.

٦- درويش قطب: "دليل الذاڪرين" مطابق سندس ڳوٺ ڪاهره ڀيلو هو. ۽ مخدوم نوح رحہ جو مڪيہ مريد هو. ٻوبڪن ۾ سندس اچڻ ۽ مخدوم جعفر جي طالبن ۽ ساڻس ملاقات جو ذڪر تحفة الڪرام ۾ آيل آهي.

۷- درويش صابر سومرو: ٻتوري پرڳڻي جي هنڙي ڳوٺ جو ويٺل هو. مخدوم صاحب جي فيض جي نظر جو خاص نوازيل ۽ ڪمال وارن جي خوبين سان موصوف هو.

۸-درويش بادو: نيرون ڪوٽ جي هڪ ڳوٺ ناهيو جو رهندڙ هو ۽ مخدوم صاحب جو مريد هو. جڏهن پهريائين مخدوم صاحب وٽ بيعت لاءِ آيو، تڏهن مخدوم صاحب قلب تي نظر رکي ڪلمو شريف پڙهايس، ڪلمي شريف پڙهڻ سان مڇيءَ وانگر ڏڪي ڏڪي بيهوش ٿي ويو، ۽ مردي وانگر زمين تي سيخ ٿي پئجي رهيو. ٽي ڏينهن ان حالت ۾ پيو هو. ان بعد چمڪيو ۽ گمراهن کي راهہ ڏيکاريائين.

۹- مخدوم ابو مصطفيٰ ٺٽوي: هڪ زبردست عالم، مخدوم جو مرادوند مريد، معاصر ۽ متعلم هو. هو وقت جي ولي سيد للو جي نياڻيءَ مان هو. سندس تربت ٽڪريءَ تي پير شيخ عالي جي پرسان آهي. ڪيس هڪ برڪت ڀريو پٽ ڄائو، جنهن جو نالو مخدوم بايزيد هو. هي صاحب ٻہ پنهنجي وقت جو هڪ عامل ۽ ڪامل طالب هو. علمن جي جامع هجڻ ۾ پنهنجن همعصرن ۾ استاد مڃيو ويندو هو. صفا ۽ برگزيدگيءَ ۾ ڪافي حصو عنايت ٿيل هوس. سندس پٽ، ميان محمد حافظ جيد عالم هو. پني جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. ان بعد سندس فرزند ميان علي اڪبر پيءُ جي جاءِ تي ويهي نالو ڪڍيو. اولاد ڪونہ ڇڏيائون.

۱۰- مِيان متو فقير: مخدوم صاحب جو مريد ۽ ڪمال جو صاحب هو.

ٺٽي جي هڪ مشهور مسجد "جامع فرخ" ۾ گهٽو گذاريندو هو. آڪر ڳوٺ ۾ سندس حجرو مشهور آهي. مير سيد علي ثاني شيرازيءَ جي ميلي ڪان واندا ٿي، فقير اتي اچي گڏ ٿيندا آهن. پير آسات جي پيرانديءَ واري ڏاڪڻ وٽ دفن ٿيل آهي.سندن مفلوظات مان آهي ته "جڏهين منهنجو مٿو بلنديءَ ڏانهن مائل ٿو ٿئي، تڏهين "مُنو"، يعني سور جو ستايل ۽ بدحال ٿيان ٿو. جڏهين خوديءَ جو خيال ڏاري مٿو مٿي ٿو ڪڻان تڏهين "مَنو" يعني ڪوڙو آهيان. پر جڏهين ڪسر نفسيءَ جي ڪري پنهنجو مٿو نياز ڪري هيٺ جهڪايان ٿو تڏهن "مِنو" سڏينم ٿا ۽ مِنو ڪري ڪائينم ٿا"

١١ـ فقير بهاءُالدين گودڙيو: مخدوم صاحب جو وڏي ۾ وڏو مريد ۽ ظاهر ڪرامتن ۾ مشهور هو. پهريائين هن صاحب درويش موسيٰ جوڻ واري ڪان فيض حاصل ڪيو. ان بعد سروري ٽوڙ ۾ داخل ٿيو. هيءَ بهاءُالدين دلق پوش به سڏجي ٿو. هن جي هٿ لکيل نشاني مخدوم رح جي قرآن‌شريف جو نادر فارسي ترجمو قبلہ "طالب‌المولیٰ" جن وٽ اڄا تائين موجود آهي. اهو ساڳيو نسخو مرحوم قبلہ غلام‌حيدر نئين سر اتارايو هو. انهيءَ خيال سان ته هن کي شايع ڪبو. هاڻي هن نادر ترجمي کي ڊاڪٽر غلام‌مصطفيٰ هيڊ آف اردو ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي تاليف ڪري رهيو آهي ۽ قبلہ طالب‌المولیٰ جن جلد شائع ڪرائيندا. تحفة‌الطاهرين ۾ مذڪور آهي ته هڪ ڏينهن راهہ وٺيو پئي ويو، ته ڪنهن نوجوان کي ڏٺائين ته ڪنهن مجازي صنم جي عشق ۾ مبتلا دنيا کان بيخبر هو. ماڻهن ان کي پئي ملامتون ڪيون. هن نوجوان نيزاريءَ سان پئي جواب ڏنو ته "اي عزيزو! ملامت ۽ طعني زني مون تان نہ ڪريو. مون کي، منهنجي حال تي ڇڏي ڏيو، ڇو ته اقتدار جي واڳ منهنجي وس کان ٻاهر آهي" نوجوان جو اهو ڪلام ٻڌندي ئي فقير گودڙيي وٺي هڪ نعرو هنيو ۽ بيهوش ٿي ويو. ٽي ڏينهن استغراق ۾ هو. چون ٿا ته فقير نعرو هنيو ۽ اهو جوان مجاز مان حقيقت تي پهچي ويو. ۽ اهل‌الله جي ٽولي ۾ داخل ٿيو. مخدوم نوح رحہ بابت روايت ته "هن فيض

حضرت عيسيٰ ۽ رسول اکرمﷺ کان ورتو آهي" هن فقير کان صادر ٿيل آهي. هن مان ظاهر آهي تہ سروري سات ۾ هي سچڻ سرس هو. هن جي تربت ميان مٺو جي پرسان آهي. سماع جو سرور ججهو هوس ۽ ڏينهن جا ڏينهن بي هوش پيو هوندو هو.

١٢ـ سلطان ڪمر: جناب مخدوم صاحب جي مريدن مان هڪ فقير آهي. سندس حجرو بہ آڪر ۾ مشهور آهي. اتي پڻ مٺي فقير جي حجري وانگر فقير سيد علي شيرازي جي ميلي کان واندا ٿي، اچي گڏ ٿيندا آهن - هتي هي واضح ڪرڻ واجب ٿو سمجهان تہ مذڪور ٽن بزرگن فقير گودڙئي، ميان مٺو، ۽ سلطان ڪمر جون مرقدون دنيا جي بيوفائي ۽ ظالم هٿن ڪري ڊهي ويون هيون، ۽ ڪنج گمناميءَ ۾ پيون هيون. مگر نومبر ١٩٥٣ع واري مڪلي جي سفر ۾ قبلہ طالب المولیٰ جن صعوبتون وٺي، سڀ حقيقتون هٿ ڪري، مذڪور ٽن بزرگن جون مرقدون قديم نقشي موجب نشان ڪيون ۽ انهن جا موجوده ڊٺل حالت ۾ عڪسي فوٽا ورتا.

١٣ درويش ڪمڻ: هن درويش جو ذڪر فقط تحفةالطاهرين ۾ آيل آهي. باقي تحفةالڪرام هن جي بات کان عاري آهي. تحفةالطاهرين جي صاحب هن جو بيان ٽني جي پسگردائي وارن بزرگن ۾ ڪيو آهي. هي صاحب مخدوم صاحب جو مريد هو. هي صاحب، ڪرامات ۽ خوارق جو صاحب هو. جذبہء شوق ۽ محبت جي بيقراري ايتري هوندي هيس، جو ڪڏهين بہ بستري تي نہ ليٽيو ۽ نہ وري سڌو ستو. نقل آيل آهي تہ هڪ ڏينهن تنها صحرا جي طرف ويو. هن کي وجد ۽ حال اچي ويو. سماع جو آغاز ڪيائين. ۽ سندس زبان تي "احد" جو اسم جاري هو بربٽ جا وحشي جانور اچي سندس چوڌاري جمع ٿيا. ۽ ان جي وجداني حال ۾ موافق حال رهيا. جيستائين هو سرگرم سماع هو، تيستائين جانورن بہ پنهنجي جان ان سان همجان ڪري ڇڏي. تحفةالڪرام ۽ تحفةالطاهرين کان سواءِ ٻين تذڪرن ۾ جن بزرگن جا نالا مخدوم صاحب جي مريديءَ جي حلقي ۾ ڏيکاريل آهن، سي هي آهن: بيان العارفين وتنبيہ الغافلين

١٤ـ شاهہ محمد حسين ۽ ١٥ـ يحييٰ فقير منڌڙي جا نالا قابل

ذڪر آهن. شاهہ محمد حسين سيد عبدالڪريم جو ستون فرزند هو. جنهن جو ذڪر مٿي ٿي آيو.
١٦- بيان العارفين ۽ تحفة الاولياء مان فقير عبدو ڪيريي جو بہ نالو ملي ٿو، جنهن مخدوم صاحب جي وصيت موجب اچي سندس جسم مبارڪ کي غسل ڏنو. تحفة الاولياء مان ١٧- درويش لطف الله ۽ ١٨- عبدالله ڏيري جا بہ نالا معلوم ٿين ٿا. انيس الفقرا قلمي ۾ ١٩- درويش حسين، ٢٠- درويش زڪريا اگهم ڪوٽي، ٢١- درويش يحييٰ رانئتئوء ۽ ٢٢- رجب فقير رونجهي جن جا احوال ملن ٿا. لڪياري سادات مان بہ تمام گهڻا افراد جناب مخدوم صاحب جا مريد هئا، جن مان سيد ابوبڪر شاهہ لڪياري جو ذڪر خير مٿي اچي ويو آهي. باقي سيد صدرالدين شاهہ لڪعلوي جي اولاد مان ٢٣- سيد ابوالحسن بن سيد محمد بہ ناليرو مريد ٿي گذريو آهي. تحفة الڪرام مطابق "ڪماليت جو صاحب ۽ شريعت جو پابند مخدوم نوح عليہ الرحمت جي سلسلي جو مريد هو." سندس والد سيد محمد صاحب وقت جو وڏو ڪامل بزرگ هو. سندس وفات جي تاريخ "درود خدا بر محمد بود" ١١٢٥/١٧١٣ع مان نڪري ٿي. چون ٿا تہ صلواة سڳوري ورد زبان هيس. گويا تاريخ جي مٿين مصرع سندس ان شغل تي دلالت هئي. سيد ابوالحسن جو فرزند سيد عبدالرسول بہ بزرگيءَ ڪري وڏن جو نالو روشن ڪيو ۽ پنهنجي وقت جي نالين ۾ داخل ٿيو. انهن سيد صاحبن جو ذڪر آمري جي ڳوٺ جي ساداتن جي سلسلي ۾ ٿيل آهي. بيو هن سيدن جو سرگروهہ سيد غازي شاهہ هو؛ جو تحفة الڪرام مطابق ظاهري خواهہ معنوي ڪماليتن جو صاحب هو. آمري ڳوٺ جا جملي سيد سندس صلاح ۽ مرضيءَ جي مخالفت جائز نہ سمجهندا هئا. هن صاحب پهريائين مخدوم صاحب جي مريد فقير رجب رونجهي سان روحاني ڪشمڪش ڪئي. پر پوءِ آخر سروري حضور ۾ اچي پيش پيو، ۽ مريدن جي حلقي ۾ داخل ٿيو.

متعلوي سادات جي خاندانن مان بہ گهڻيئي سروري پاڪ پاٽي پي ناميارا ٿيا. هڪ صاحب جو نام نامي تہ مٿي مخدوم صاحب جي چئن

يارن ۾ اچي ويو آهي. مگر هت متعلوي سادات جي هڪ پاڙي "موسيٰ پوٽہ" جو ذڪر ڪريون ٿا. جنهن جو وڏو ۲۵ـ سيد طيب شاھ، مخدوم نوح جي مکيہ خليفن مان هو، ۽ اڄان تائين انهيءَ خاندان جو تعلق سروري درگاھ سان هليو اچي، هن قبيلي جو ڄاموٽ سيد محمد علي شاھ صاحب هو، جو تازو انتقال ڪري ويو.

اهڙيءَ طرح سروري ندي تڪي وهندي رهي ٿي. جن بہ "رتيءَ جي رهاڻ" جو صدق ۽ خلوص سان ارادو ڪيو، سي سروري سرو ۾ مست ۽ سرشار ٿي طالب المولا بنجي ويندا، ۽ پنهنجو جيءُ جانب جلشانه سان جڙي قادري ڪڙي ۾ ڪڙجي "صبغةالله" جي رنگ ۾ رڱجي، لعل ريٽا ٿي ويندا. جيئن: "رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جت سين."

يا

ڪڙو منجھ ڪڙي، جيئن لُهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپيريان سوگهو ڪيو.
شاھ صاحب

ضميمو ١ـ

هن مقالي جون تاريخي خصوصيتون

(١) هي مقالو "مخدوم نوح رحہ سرور جا سهيوڳي" اڍائي سالن جي مسلسل ڪوشش ۽ ڪاوش سان موجوده قرطاسي قالب ۾ آندو ويو آهي.

(٢) هڪ سو ٽيهن کان وڌيڪ ڪتاب - عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ انگريزي، خطي خواهہ مطبوع حوالي طور ڏنا ويا آهن، جن جي لسٽ ضميمي نمبر ٢ طور پيش ڪئي ويئي آهي.

(٣) سيني هجري سنن جا عيسوي سن ڏنا ويا آهن.

(۴) مولانا غوثي بن حسن بن موسيٰ شطاريءَ دکنيءَ جي شهرهٔ آفاق ڪتاب "گلزار ابرار" مان مڪمل مواد هٿ ڪري، سنڌي بزرگن جي احوال ۾ نئون اضافو ڪيو ويو آهي، جو اڳ ڪڏهن بہ منظرِ عام تي نہ آيو آهي.

(۵) مخدوم نوح سرور جي عصر زرين جو مڪمل تاريخي پس منظر ڏنو ويو آهي.

(٦) سمن جي حڪومت جو تاريخي پس منظر، هندستان جي عهدِ وسطيٰ سان تطبيق ڪري ڏنو ويو آهي، جيئن تاريخ سان دلچسپي رکندڙ برصغير هند و پاڪ جي تاريخ ۾ "سنڌ" جو عهدِ زرين متعين ڪري، مفيد ۽ علمي نتيجا ڪڍي سگهن.

(٧) معاصر مغل حاڪمن جو ادبي ۽ تاريخي احوال.

(٨) معاصر ارغون ۽ ترخان حاڪمن جي ادبي سرگرمين جو تذڪرو.

(٩) معاصر مغل اميرن جي تاريخي چنڊ ڇاڻ.

(١٠) معاصر ارغون ۽ ترخان اميرن جو تاريخي جائزو.

(١١)شيخ حماد جمالي ۽ درويش نوح ڪيبرائيءَ جي باري ۾

تاريخي توضيحات ۾ ڪن غلط فهمين جو ازالو، جي تحفةالڪرام کان وٺي اڄ تائين تاريخ ۾ دهرايون ويون آهن.

(۱۲) لفظ "هوتياڻيءَ" جي نسب جي علمي تحقيق.

(۱۳) شيخ پرڪئي رحہ جي سن وفات جي تحقيق.

(۱۴) ڪيبر جي قديم محل وقوع جي تحقيق.

(۱۵) مخدوم عربي ڏياڻي ۾ شاه پناڻي جي تعلق جي وضاحت ۾ ڪن غلطين جو ازالو.

(۱٦) حسو فقير توڙيءَ واري جي چاچي ۾ شاه ديواني هالائيءَ جو تاريخي تعلق، جنهن متعلق اسان جو تاريخي دفتر خاموش رهندو آيو آهي.

(۱۷) مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جي سن وفات لاءِ تاريخي بحث ۾ فيصلو.

(۱۸) مخدوم صدو لانگاه بتورائيءَ جو تاريخي دور.

(۱۹) نواب امير خان مير ابوالبقا جي ٺٽي ۾ وارد ٿيڻ جي تاريخ جي توضيع.

(۲۰) مير ابوالمڪارم بن مير غياث الدين رضائيءَ سبز واريءَ جي ضمن ۾ ايران جي شاهن جي سمي جي تطبيق.

(۲۱) ميرڪي سادات جي خاندان ۾ جامع فتاويٰ پوراني جي مصنف جي تحقيق.

(۲۲) ملا مبارڪ ريلائي سيوستاني ثم ناگوريءَ جو محققانہ ۾ تاريخي احوال.

(۲۳) شيخ هوتي لاڪي جي تحقيق.

(۲۴) شيخ ڪتين لاڪي جو احوال جو اڳ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ نہ آيو آهي.

(۲۵) حافظ دائود بدينويءَ جي رحلت جي سال جي وضاحت.

(۲٦) مخدوم ضياءالدين ٺٽوي جي پڙ ڏاڏي مخدوم الياس متعلق تاريخي تحقيق.

(٢٧) مخدوم عبدالرحيم بدينويءَ جي پڙ ڏاڏي مخدوم صالح جو تاريخي تذڪرو جو اڄ تائين ڪتي بہ پيش نہ ڪيو ويو آهي.

(٢٨) شاهہ ابوالقاسم ٺٽويءَ جي زماني جي تحقيق.

(٢٩) مخدوم جمعي جي سال وفات جي تحقيق.

(٣٠) درويش آجر جي نالي "آجر" لفظ جي تحقيق.

(٣١) شيخ عيسيٰ لنگوٽيو ۽ شيخ عيسيٰ جندالله بابت تحفةالڪرام جي غلطيءَ جو ازالو.

(٣٢) شيخ ابراهيم ڪلهوڙي، سنڌي برهانپوري جي سالِ وفات جي تحقيق.

(٣٣) حضرت مولانا شيخ مبارڪ سنڌي برهانپوري جي سالِ وفات جي تحقيق.

(٣٤) الهڏني زرگر جي نالي ۽ احوال جي تحقيق.

(٣٥) سيد خيرالدين بادشاهہ سکر واري جو تحقيقي احوال.

(٣٦) شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري ۽ سندن مکيہ خليفن ۽ مريدن جو احوال.

(٣٧) سيد علي شيرازيءَ ثاني انجويءَ جي سال وفات جي تحقيق.

(٣٨) ان کان علاوه هيٺ ڏيکاريل بزرگن جو احوال سرڪار وار ڏنل آهي:

متقدمين	٢١
معاصرين	
١۔ سرڪار بکر:	٢٧
٢۔ سرڪار سيوستان ۽ دشت باران	١٧
٣۔ سرڪار نصرپور	١٩
٤۔ سرڪار چاچڪان	٨
٥۔ سرڪار چڪر هالہ	٣
٦۔ سرڪار ٺٽو	١٦٠

۷۔ پرديسي بزرگ	۲۳
۸۔ خليفا	۴
۹۔ معتقد	۲
۱۰۔ مريد	۲۵
	—
	۱۳۹

هن تاريخي چنڊ چاڻ جي سلسلي ۾ جيڪڏهين بزرگن جي اولاد، خليفن ۽ مريدن جو احوال آندو ويو ته پوءِ هڪ هزار کان وڌيڪ بزرگن جو تعداد ٿيندو.

ضميمو ٢-

ڪتابن جي لسٽ جي هن مضمون جي لاءِ حوالي طور ڪم آيا

(الف) عربي:

١- تذڪرة المراد	(خطي)
٢- رحلة ابن بطوطہ	(مطبوع)
٣- نزهة الخواطر	(مطبوع) علامہ سيد عبدالحق ١٣٥٠ھ
٤- ابجدالعلوم جزء ثالث	مطبوع ڀوپال سنہ ١٢٩٥ھ
٥- ثقافة الهند	مطبوع دمشق ١٩٥٨ع

(ب) (ا) فارسي: (خطي)

١- تاريخ طاهري	محمد طاهر نسياني تتوي
٢- معارف الانوار	محمد صالح تتوي
٣- ترخان نامہ	مير ميرمحمد
٤- تحفة الاوليا	حاجي محمد صالح مجاور بن حافظ ويڌو مجاور ١١- شعبان ١٢٩٧ھ
٥- حديقة الاوليا	عبدالقادر تتوي
٦- محڪ ڪمال	محمد محسن تتوي
٧- محڪ خسروي	-
٨- تذڪره يدبيضا	مير غلام علي آزاد
٩- انيس الروح	(نامڪمل)
١٠- رسالہ فتحي	مخدوم فتح محمد بن مخدوم امين محمد دستار دويم وفات ٧- شعبان ١٠١٥ھ

١١- سڪينة الروح ماخذ از سفينة النوح

١٢- لطائف اللطيف	مرحوم مير عبدالحسين خان سانگي

(II) فارسي (مطبوع)

۱ـ تاريخ معصومي	تاليف شمس العلما دڪتور دائود پوٽا
۲ـ تحفة الڪرام	مطبوع بمبئي ۱۳۱۴ھ
۳ـ چچ نامہ	شمس العلما دڪتور دائود پوٽا
۴ـ لب تاريخ سنڌ	سنڌي ادبي بورڊ
۵ـ مقالات الشعرا	ايضاً
٦ـ تڪملہ مقالات الشعرا	سنڌي ادبي بورڊ
۷ـ مثنوي مظهرالآثار	ايضاً
۸ـ تحفة الطاهرين	ايضاً
۹ـ چنيسر نامہ	ايضاً
۱۰ـ تاريخ ادبيات ايران	رضازاده شفق
۱۱ـ ماثرالڪرام جلد اول	مير غلام علي آزاد بلگرامي آگره ۱۹۱۰ع
۱۲ـ ايضاً جلد دوم	ايضاً
۱۳ـ تحفہ سامي	سام مرزا طهران ۱۳۱۴ھ
۱۴ـ خزانہ عامره	مير غلام علي آزاد ڪانپور ۱۹۰۰ع
۱۵ـ ماثر رحيمي جلد اول	عبدالقادر نهاوندي ڪلڪتہ ۱۹۳۱ھ
۱٦ـ ايضًا جلد دوم	ايضاً
۱۷ـ ايضاً جلد سوم	ايضاً
۱۸ـ منتخب التواريخ حصہ دوم	عبدالقادر بدايوني ڪلڪتہ ۱۸٦۴ـ۱۸٦۸ع
۱۹ـ ايضًا حصہ سوم	ايضاً
۲۰ـ بيگلرنامہ	ادراڪي بيگلار
۲۱ـ مڪلي نامہ	مجله مهران شماره ۲ـ۳ـ۱۹۵٦ع سنڌي ادبي بورڊ
۲۲ـ سرو آزاد	مير غلام علي آزاد لاهور ۱۹۱۳ع
۲۳ـ رياض العارفين	رضا قلي هدايت ۱۳۱۹ھ
۲۴ـ مجمع الفصحا	۱۲۹۵ھ
۲۵ـ خزينة الاصفيا جلد اول	مفتي غلامرسول لاهوري لڪنو ۱۲۹۰ھ

٢٦ـ ايضاً جلد دوم	ايضًا
٢٧ـ نفحات الانس	مولانا جامي لکنو ١٩١٥ع
٢٨ـ هفت اقليم	امين رازي ڪلڪتہ ١٩٣٩ع
٢٩ـ ماثرالامرا جلد اول	شاهنواز خان ڪلڪتہ ١٨٨٨ع
٣٠ـ ايضًا جلد دوم	ايضًا ١٨٩٠ع
٣١ـ ايضاً جلد سوم	ايضاً ١٨٩١ع
٣٢ـ تزڪ جهانگيري	نولڪشور
٣٣ـ ايضاً	مرتب سرسيد احمد
٣٤ـ اڪبرنامہ جلد اول	ڪلڪتہ ١٨٧٧ع
٣٥ـ ايضاً جلد دوم	ڪلڪتہ ١٨٧٩ع
٣٦ـ ايضًا جلد سوم	ڪلڪتہ ١٨٨٧ع
٣٧ـ تاريخ فرشتہ	نولڪشور لکنو
٣٨ـ تذڪرةشعرأ	دولت شاه سمرقندي
٣٩ـ تاريخ فيروز شاهي	سراج عفيف ڪلڪتہ
٤٠ـ مظهر شاهجهاني	ميرڪ يوسف سنڌي ادبي بورڊ

٤١ـ انشاي ابوالفضل جلد اول

٤٢ـ انشاي ابوالفضل جلد دوم

٤٣ـ انشاي ابوالفضل جلد سوم

(ت) سنڌي

(الف) خطي:

١ـ انيس الفقرا

٢ـ دليل الذاڪرين

٣ـ ملفوظات پير روضي ڌڻي سيد محمد راشد صاحب رحہ

(ب) مطبوع:

١ـ تاريخ معصومي ترجمو	سنڌي ادبي بورڊ
٢ـ تحفةالڪرام ترجمو	ايضاً
٣ـ چچ نامہ ترجمو	ايضاً

۴۔ ماهنامہ فردوس	مخدوم نوح نمبر ۱۹۵۴ع
۵۔ الوحيد آزاد نمبر	۱۹۳۵ع
٦۔ تاريخ طاهري ترجمو	مرحوم محمد صديق ميمڻ
۷۔ تاريخِ سنڌ (سماءِ سومرا)	سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي
۸۔ ايضاً (ارغون ءِ ترخان)	ايضاً
۹۔ پيغام لطيف	جي.ايم. سيد
۱۰۔ بيان العارفين وتنبيهالغافلين	مرتب شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽا
۱۱۔ بيگلرنامہ ترجمو	مسلم ادبي سوسائٽي
۱۲۔ حضرت مخدوم نوح رحہ	سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي ۱۹۴۰ع
۱۳۔ مخدوم نوح	مولوي عبدالحي
۱۴۔ ابوالفضل ءِ فيضي	مولوي فتح محمد سيوهاڻي
۱۵۔ قديم سنڌ	مرزا قليچ بيگ ڪراچي ۱۹۲۵ع
١٦۔ جنت السنڌ	مولائي شيدائي سنڌي ادبي بورڊ
۱۷۔ تمدن سنڌ	ايضاً سنڌ يونيورسٽي
۱۸۔ تذڪره شعراءِ هالا	سليم هالائي
۱۹۔ مقدمہ لطيفي	ڊاڪٽر گربخشاڻي
۲۰۔ لطف اللطيف	مولوي دين محمد صاحب وفائي
۲۱۔ احوال شاهہ عبداللطيف	مرزا قليچ بيگ
۲۲۔ مهراڻ جون موجون	پاڪستان پبليڪيشنس
۲۳۔ رسالہ مهراڻ	۲۔ سال ۱۹۵٦ع
۲۴۔ تذڪره امير خاني	پير حسام الدين راشدي
۲۵۔ سنڌي نظم	مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽا
۲٦۔ نئين زندگي پرچو	شاهہ لطيف نمبر
۲۷۔ شاعرن جو سرتاج	نئين زندگي پبليڪيشن
۲۸۔ سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(ث) اردو

۱۔ تحفة الڪرام ترجمہ اردو	سنڌهي ادبي بورڊ

٢ـ تذڪره صوفياي سنده | مولانا اعجازالحق قدوسي
٣ـ هندستان کي عهد وسطي کي ايک جهلک | سيدمصباح الدين داراالمصافين علي ڳڙهہ
٤ـ تاريخ هندستان (اڪبري دور) | شمس العلماء محمد ذڪاءالله ١٨٩٧ع
٥ـ رود ڪوثر | محمد اڪرام
٦ـ موج ڪوثر | ايضاً
٧ـ آب ڪوثر | ايضا
٨ـ برهان پور کي سندهي اوليا | سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوري سندهي ادبي بورڊ
٩ـ دربار اڪبري | شمس العلماء آزاد
١٠ـ بزمہ تيموريہ | سيد مصباح الدين دارالمصنفين اعظم ڳڙهہ١٩٤٨ع
١١ـ همايون نامہ | گلبدن بيگمہ سيد ابن شارف علي ڳڙهہ پريس دهلي
١٢ـ توزک بابري | ترجمہ
١٣ـ سڪينةالاوليا اردو ترجمہ | داراشڪوه
١٤ـ تذڪره علماء هند | رحمان علي لکهنو ١٩١٤ع
١٥ـ تذڪره علماء هندوپاک | مسلم هسٽاريڪل سوسائٽي
١٦ـ تاريخ اوچ | محمد حفيظ الرحمان دهلي سنہ ١٩٣١ع
١٧ـ مختصر تاريخ سنده | سيد ابو ظفر ندوي اعظم ڳڙه
١٨ـ تذڪره الواقعات عرف همايون نامہ | از جوهر اڪبر آفتابچي ترجمہ احمدالدين احمد
١٩ـ اذڪار اسرار ترجمہ گلزار ابرار | غوثي بن حسن بن موسيٰ شطاري ١٣٢٦هہ
٢٠ـ تزک جهانگيري | مطبوعہ لاهور سنہ ١٩٦٠ع
٢١ـ خلق نظامي | حيات شيخ عبدالحق دهلوي مطبوع دهلي

English

1. Comparative Tables of Muhammedan and Chiristian Dates. Lt. Col. Haig Luzac & Co 1932.
2. Historian of Sind V.I Elliot and Dowson Calcutta.
3. Historian of Sind V.II Elliot and Dowson Calcutta.
4. Historian of Sind V.III Elliot and Dowson Calcutta.
5. Early Arab Geographers Elliot and Dowson Calcutta
6. The History of Khiljis Dr K.S.Lal
7. History of the Kurd Turks - Dr. Ishwari Parsad Allahbad.
8. Politics in Pre-Mughal times - Dr. Ishwari Topa, Usmania University Deccan.
9. History of Persia Vol: IV Modern Period-E.G. Browne
10. History of Persia - Sykes
11. Iran, Past and Present - Donald N. Wilbeur
12. Humayun Badshah - S.K. Bannerji Vol: II-1941
13. The History of Persian Literature Vol: I Ghani-Allahbad.
14. The History of Persian Literature Vol: II Ghani-Allahbad.
15. The History of Persian Literature Vol: III Ghani-Allahbad.
16. The Oriental Biographical Dictionary - William Beele-1881 Calcutta.
17. Persian Literature- C.A.Storey
18. The Cambridge History of India-1922
19. Shah Latif - His life and Poetry - Lilaram Watanmal
20. Shah Abdul Latif of Bhit- Sorley
21. Sources of Indian Tradition - W.M.Theodre, De-Bary-New York 1959
22. Akbar, the Great Mughal - V.A.Smith
23. M.T.H. Houtsma etc - Encyclopaedia of Islam Vol:III-Leyden 1913.
24. Catalogue of the Persian Manuscripts in the Library of the India office- Hermanon Ethia-London Vol: I 1903.
25. The Persian Litreture Vol:I part II London 1953, C.A Storex
26. Contributions of India to Arabic Literature- Allahbad 1945.

ضميمو ٣

غ.م. "گرامي"

حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليہ ۽ شاهہ ڪريم رحہ جا تعلقات

حضرت مخدوم نوح سرور رحہ ۽ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي باهمي صحبتن ۽ تعلقات متعلق هڪ واقعو عرض رڪان ٿو.

هن تازي دور ۾، ٺٽي ضلعي جي هڪ ننڍي ڳوٺ، نالي ڪڙيءَ غلام الله جي پرسان، جهنگ ۾ هڪ مشهور معروف عالمِ دين ۽ اهل الله بزرگ، حضرت مولانا محمد هاشم سومرو رحہ ٿي گذريو آهي. بزرگ سان جڏهن منهنجي ملاقات ٿي، تڏهن پاڻ سؤ ورهين ڪان بہ ـ چار سال مٿي هئا. پنهنجي دور ۾ استاد العلماء بہ هئا تہ "پير طريقت" بہ هئا. هي تقريباً ١٩٥٨ع جي آخر جو واقعو آهي. مون سان گڏ فقير حاجي گل محمد بلاليءَ وارو ساڻ هو. ڏينهن بہ ٿڌيرا هئا. مڪليءَ جي ٽڪري عبور ڪري، گهوڙا ٻاريءَ ڏي ويندڙ راهہ تي، واٽ تي لهي پياسين، ۽ مغرب مهل پيرين پيادا، رڙهي اچي بزرگ جي ڳوٺ پهتاسون. سندس فقيراڻا ڪک، جهنگ ۾ "فقر ۽ غنا"، "توڪل ۽ تڪيہ" جي علامت نظر آيا. اسلن مسجد ۾ لٿاسين. نماز ادا ڪري، پيغام موڪليوسون. سندن حويلي مسجد شريف ڪان مني ميل جي فاصلي تي هجي سندس فرزند سلام الله اسان جا سلام ڪٺي حويلي ڏانهن روانو ٿيو. تيستائين مسجد ۾ رهندڙ شاگردن سان رهاڻ ڪئي. اهي شاگرد، ڪي اسان وانگر زيارت لاءِ نہ آيل هئا، پر ٻڌايائون تہ اسان مولانا صاحب وٽ باقاعدي درس نظاميءَ جي تحصيل لاءِ آيل آهيون. ڪيترا شاگرد "مُلا جامي" تائين پڙهي رهيا هئا. اها ڳالهہ ٻڌي حيرت لڳي تہ سو سالن ڪان وڌيڪ عمر وارو برگزيده روزگار بزرگ، ان عمر ۾ بہ دين جي خدمت ۾ مشغول آهي! طريقت ۽ سلوڪ ۾ طريقہ نقشبنديہ عاليہ جي خدمت سان گڏ، ظاهري علوم جي

تڪميل جو ڪم بہ ڪري رهيو آهي! اهو محسوس ڪري ان "مجمع البحرين" بزرگ جي زيارت جو اشتياق اڃا بہ وڌيو.

عشا جي نماز تي سندن فرزند واپس آيو. بزرگن جو پيغام ڏنائين تہ "ابا، طبيعت ناساز آهي، اڄ نٿو سگهان. صبح جو ملاقات ٿيندي."

نماز ادا ڪرڻ کان پو ۽ اسان جي لاءِ ماني آئي. خيال هو تہ جهنگ ۾ ملندو کير ۽ ٻاجهر جو ڍوڍو. پر خونچي کي کوليندي، اسان جون اکيون کلي ويون. نهايت مڪلف طعام سان اسان کي نوازيائون. ڪڪڙ جو ڀوڙ قوتي جي داڳ سان، ڪٽڪ جا اوقراٽا، سٽيا ۽ سنوالا، ان سان گڏ کير. ماني کائي، پيٽ اڍڪو ٻلي ڪچهري ڪري، سندن فرزند کان حالات ۽ واقعات پڇي، بزرگ جي ظاهري ۽ باطني تصوير جو هڪ خيالي تصور ذهن ۾ رکي ستاسين. خير جي رات گذري. مُلي ٻانگ ڏني. حوائج ضروريہ کان فارغ ٿي، فجر جي نماز ادا ڪري، اچي جڳهہ تي ويٺاسون.

اڃا بہ ـ ٽي لمحا مس گذريا تہ دروازي مان هڪ پيرسن بزرگ، السلام عليڪم چئي داخل ٿيو. اسان سڀ اٿي کڙا ٿياسون. مون ڪٿ تان لهي، سندن مصافحي لاءِ وڌيل هٿ مبارڪ احتراماً وٺي چميا. پاڻ ڏاڍي قرب ۽ جذبي سا ن ڀاڪر ۾ جهلي، زور ڏيئي فرمايائون:

گلي خوشبوءِ در حمام روزي،
رسيد از دست محبوبي بدستم،
بہ او گفتم ڪہ مشڪي يا عبيري،
ز بوي تو دلاويزي و مستم.

سندن اکيون محبت ۽ سوز جي پاڻيءَ سان آليون ٿي ويون. پڳ جي طَره سان اکهي اڳتي وڌڻ لڳا. منهنجي جسم ۽ جان کي ڄڻ بجلي وچڙي وئي، ۽ اکين مان جر جا جام ڇلڪي هليا. جاءِ ۾ فقط هڪ ڪٽ هئي، جا مون کي ملي هئي. مون سندن هٿن مبارڪن کي جهلي، ڪٽ ڏانهن آهستي آهستي آندو. پاڻ چڙهي ويٺا. مون سَوڙ کي ويڙهي، ديوار سان ٽيڪ بنائي، ۽ ان تي ٻئي وهاٽا بہ رکيا. پاڻ ٽيڪ ڏيئي اهلجي پيا.

سروقد، بدن نحيف ۽ ضعيف، اکين ۾ تاب، چهرو ڪتابي، پيشاني نوراني، ڏاڙهي مبارڪ مينديءَ رَتِي، بيني دراز، هٿ نازڪ، ڪلها ويڪرا، نرڙ تي نشانِ سجده نمايان. طبع ۾ جذب ۽ جوش، سوز ۽ ساز گداز ۽ گريو. هرهر پئي شوڪارا پريائون. خشوع ۽ خضوع جا اثرات طاري. هرهر زبان سان پئي چيائون: ربنا ظلمنا انفسنا...

مان سندن پيرانديءَ کان ايو ويٺو رهيس. پاڻ مون کي چڪي، پرسان ويهاريائون. فرمايائون:

"ابا، ڪَنن کان وڏو آهيان، پرسان ويهہ تہ تنهنجي ڳالهہ تہ ٻڌي سگهان."

مجلس ۾ ويهارو کن ماڻهو مس هجن. ڪراچيءَ کان آيل مهمان بہ اچي ويٺا. سڀ باشرع بزرگ. سڀ سفيد ريش ۽ سڀ سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس، فرشتہ صفت ۽ ضعيف العمر هئا. سيني کي هيٺ ويهڻ جو اشارو ڏنائون. ڪي تڏي تي تہ ڪي منڌيءَ تي ادب وچان ويهي رهيا. خوش خير عافيت کان پوءِ حال احوال ورتائون؛ نالو نشان ٻڌائون؛ ڪم ڪار پڇيائون. ان دور ۾ حضرت مخدوم صاحب "طالب المولا" وٽ هوس. مخدوم صاحب جن جو ذڪر ٻڌي، خوش ٿيا.

ان کان پوءِ رهاڻ شروع ٿي. حضرت مخدوم نوح رحہ جو ذڪر نهايت جذبي ۽ ذوق سان ڪندي، باربار پئي چيائون: حضرت مخدوم نوح عليه الرحمة...عليه الرحمة. (ان تي خاص طرح سان زور ٿي ڏنائون.)

ان کان پوءِ شاهہ ڪريم جو واقعو هن ريت بيان ڪيائون:

"ابا، شاهہ ڪريم، حضرت مخدوم نوح رحہ عليہالرحمة جو مريد صادق هو. پاڻ نرم ۽ چيڪيءَ مٽيءَ مان ننڍڙا پتر ٺاهيندا هئا. ۽ اهي پوءِ پنهنجي سونهاريءَ مبارڪ تي گسائيندا رهندا هئا. جڏهن تمام لطيف ۽ لَسا ٿي ويندا هئا، تڏهين اهي اجرڪ ۾ ٻڌي، هالين آڻيندا هئا. ۽ اچي حضرت مخدوم نوح عليہالرحمة جي خدمت ۾ هديي طور وَٽَ چيڻ ڪاڻ پيش ڪندا هئا."

ان واقعي کي بيان ڪندي، مٿن رقت آميز ڪيفيت طاري ٿي ويئي. آبديده ٿي فرمايائون:

"ابا، حضرت نوح عليہ الرحمة وڏي مرتبي جو بزرگ هو. سندن فيض مان بَر واسجي ويا. اڄ بہ اويسي فيض پيا وٺڻ ۾ آچين، پر ڪو طالب هجي جو وَٽ وٺي."

حضرت نوح سرور جي گُهر بار ذڪر ڪي بيان ڪندي فرمايائون:

"ابا، ڪتابن ۾ هڪ روايت مخدوم جعفر رحہ بوبڪائيءَ جي آيل آهي، پر اها صحيح نہ آهي. پاڻ بصيرت جا صاحب هئا. ڪين امانت "اويسي" مليءَ علم "لدني" حاصل ٿيو هو. سندن تربيت خود رسولِ خدا ڪئي هئي.

"ابا، پاڻ ائين ڪونہ فرمايو هئائون تہ آءٌ هنن اکين سان، الله کي تو ڏسان. ائين چوڻ، ڪمال جي مرتبي وارن لاءِ شايانِ شان نہ آهي. البتہ، هن پنڌ ۾ ڪچا ءِ ابتدائي سلوڪ وارا ڪڏهن ڪڏهن چئي ڏيندا آهن. جنهن تي مخدوم جعفر ڪين عرض ڪيو تہ "ائين نہ هوندو. اوهان اکيون مبارڪ بند ڪري ڏسو." پاڻ ظاهري اکيون ٻوٽي چيائون: "هائو، هاڻي برابر نظر نٿو اچي." ان تي مخدوم جعفر وراڻيو تہ "هائو، قبلا، اوهان قلب جي اکين سان ديدار ٿي ڪيو." جنهن تي حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة فرمايو:

"جي نہ هجي ها جعفر، تہ نوح ٿئي ها ڪافر!"

اهو واقعو بيان ڪندي فرمايائون:

"ابا، قلب جي بصيرت تہ ظاهري حواسن تي بہ حاوي ءِ محيط ٿئي ٿي. اها نوراني نگاهہ، نہ فقط ظاهري اکين تي نوراني رنگ ٿي چاڙهي، پر ان سان گڏ سيني حواسن تي بہ. ان ڪيفيت جي استغراق ۾ هڪ زماني جو غوث ڪڏهن بہ لغزش ءِ خطا جو مرتڪب ڪين تو ٿي سگهي. البتہ ڪو "مجذوب" يا نئون طالب ان طرح جا "شطيحات" بيان ڪري تہ ٿي سگهي ٿو. ان موجب حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمة کي علي وجه البصيرت، قلب جي اکين سان ديدار ٿي ٿيو تہ پوءِ اکيون بہ تہ قلب جي

تابع هيون. ان ۾، ابا! ڪهڙو اشڪال تو پيدا ٿني، جنهن تي حضرت مخدوم جعفر جو واقعو بيان ڪيو وڃي ٿو؟ "ابا اڳين بزرگن مان امام ابو حنيفہ لاءِ جو لکيو اٿن تہ ڪين هِت، هِنن اکين سان، سَتر مرتبا ديدار الاهي ٿيو."

اتي مون عرض ڪيو تہ: "سائين، قرآن ڪريم ۾ تہ ظاهري اکين سان ديدار جي نفي آيل آهي."

فوراً جواب ۾ فرمايائون تہ "ابا! بلڪل ائين آهي، پر ان ۾ تہ ظاهري اکين لاءِ چيل آهي. پر "بابصيرت" اکين جي تہ نفي ڪانہ ڪيل آهي! قرآن ۾ ولهم اعين لا يبصرون بها" بہ تہ آهي. اتي بہ ظاهري اکين وارن کي "انڌو" سڏيو ويو آهي. ۽ "ولهم قلوب لا يفقهون بها" بہ تہ چيل آهي. اها قلب جي ڪج رويءَ ۽ انڌائيءَ جي ڪيفيت بيان ڪيل آهي.ان طرح "ولهم آذان لايسمعون بها" بہ تہ آيل آهي. انهن باطني طرح سان انڌن، ٻوڙن ۽ بي بصيرت ماڻهن کي تہ اڳتي هلي "حيوان" بہ چيو ويو آهي! ان طرح، حديث قدسيءَ موجب، "نور" جي پالوٽ ڪان پوءِ "انسان" نور ۾ ويڙهجي وڃي ٿو. اهو "نور" ۾ هلي ٿو، "نور" ۾ اٿي ويهي ٿو. "نور" ۾ جيئي ٿو، "نور" ئي سندس حواس باطنيہ ۽ ظاهريہ تي طاري رهي ٿو. ابا! ان مقام تي "ظاهر ظاهر ئي نٿو رهي ۽ نہ ظاهر سان ظاهر جا حڪم ئي لڳائي سگهجن ٿا."

ان ڪان پوءِ فرمايائون:

"ابا، حضرت نوح عليہ الرحمة جو بيت آهي:

اُپَٽيان تان اَنڌيون، پُوريون پرين پَسن،
آهي اَکڙيَن، عَجَب پَر پَسَڻ جي.

"ابا. ان ۾ اکڙين مان مراد "ظاهري" بہ آهي تہ "باطني بہ آهي. ظاهري اکين جو ٻوٽڻ ۽ پٽڻ "تجلي ۽ استتار" جي ڪيفيت ڏانهن اشارو آهي. اهو بہ هڪ مقام آهي."

اتي اڇي اسان جي رهاڻ جو اهو حصو پورو ٿيو، جنهن ۾ حضرت نوح رحہ جو ذڪر هو. ان ڪان پوءِ نيرن آئي. مون کي لسيءَ سان ماني

ملي. مون اجا گلاس ڏڪ پرڻ لاءِ کنيوئي مس تہ فرمايائون:

"ابا، تون لسي نہ پِي چاءِ پِي."

ان کان پوءِ پٽ کي چاءِ لاءِ حڪم ڪيائون. مون لَسي رکي ڇڏي. پاڻ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جي زهد جا واقعا ٻڌائيندا رهيا، ۽ اکين مان ڳوڙهن جو مينهن وسائيندا رهيا. آخر ۾ خشوع سان دعا گهري، حضرت مخدوم زمان "طالب المولا" لاءِ سلام ڏنائون ۽ فرمايائون:

"حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ منهنجا سلام چئجو، ۽ دعا لاءِ عرض ڪجانءِ نڪرڻ جهڙو نہ رهيو آهيان، نہ تہ هالين هوند هاٽي بہ رڙهي اَچان. جوانيءَ ۾ تہ تمام گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو!

مون هڪ واقعو ٻيو بہ پڇيو:

"حضرت مخدوم نوح رحہ جي درگاهہ جي صحن ۾ "مچ" ڇو ٻاريو وڃي؟" فرمايائون:

"ان جو جواب ٻئي ڀيري ڏينداسون، اگر حياتيءَ جتاءُ ڪيو تہ."

ان کان پوءِ اٿي کڙا ٿيا. ڪراچيءَ وارا سفيد ريش ۽ سفيد پوش ماڻهو سندن پويان لڳا، جي سندن شايد مريد هئا. مون کي ٻانهن کان ڇڪي گهليندا هليا. ٻہ - چار وکون مس هلياسون تہ هڪ سفيد ريش سائل ڪانئن ڪنهن وظيفي جي اجازت گُهري. پاڻ سخت ڪاوڙيا، ڏاڍي غصي سان ڏانهنس نگاهہ ڪندي فرمايائون:

"ڇا، عمل وٺي ٻگهڙ ٿيڻ تو چاهين! تون تہ ماڻهن کي ائين ڦاڙيندين، جيئن ٻگهڙ ٻڪرين کي! موٽ پوئتي!"

سفيد ريش ۽ سفيد پوش درويشن جو ڪَٽڪَ، هڪ هَڪل سان هَجي، هَٽڻ شروع ٿيو. پاڻ هڪ هٿ منهنجي ٻانهن ۾ ۽ ٻئي هٿ ۾ عصا کوڙيندا، هلندا رهيا. سندن هر ادا محبوبانہ، سندن هر قدم مستانہ، سندن هر راز رندانہ، سندن هر انداز دلبرانہ - ادب ۽ احترام جي ڪري، مان سندن قدم سان قدم ملائڻ بدران، آهستي آهستي پويان پئي هليس. پاڻ ڇڪي ڪٺي اڳيان ڪيائون. ڪيڙيءَ مان ٽڙندي ٽاهڙندي جڏهن حويليءَ

جي در پرسان بيٺل سڪي ٻير وٽ آياسون، تڏهن ٻيهي رهيا. الله جي قدرت سندن طبع روان دوباره گُهرَ افشاني شروع ڪئي. حقائق ۽ معارف جا موتي چنڊيندا رهيا. اربابِ طريقت جي تقويٰ ۽ طهارت جا واقعا، ڪتي برگزيده روزگار صالحين جي ڪرامات جا تذڪرا، ڪنهن مهل روحاني ڪيف ۽ واردات باطنيءَ جا بهار آفرين جهوتا ـ ڪيئي سرورآور لمحا پئي آيا ۽ ويا.

فرمايائون:

"ابا، اهي ڪراچيءَ جا ميمڻ واپاري آهن. اهي حرامخور پاڻ کي منهنجو مريد ٿا سڏائين، نه ته آهن پيٽ جا مريد! رڳو ڏاڙهيون وڏايون اٿن، پر سندن اندر ڪارا آهن. ابا، اڃن ڪپڙن ۽ اڇيءَ ڏاڙهيءَ سان ته "باطن" ۾ اڃائي ڪانه ايندي. ابا! اهو پوڙهو مردود، وڏو مکي چوس آهي، دولتمند آهي، پر مون وٽ ايندو آهي "مسخّرات" جي عمل واسطي. مان به هر پيري ڏکي ڏوٽي، دڙڪا داب ڪري، پوئتي اماڻيندو آهيانس. ٻيا به ڪراچيءَ جا آهن. پر حال سيني جو ساڳيو آهي. فرق اهو آهي ٻيا اجا ته ڪُڇن نٿا، چو ته ڏسن ٿا ته وڏي سيٺ جي حاج پوري ٿئي ته اسان به اڳتي وڌون! ابا، هڙئي دولت جا گهورا آهن. الله لاءِ ته ڪو ڪو مرد اچي ٿو. هي حرامخور هر جمعي تي پڳا ٻڌا آهن. اهي هڙئي نمازي به آهن ته حاجي به آهن. پر آهن هڙئي اندر ڪارا، بي ايمان ۽ بچڙا. جهڙا ايندا آهن، تهڙا موٽندا آهن." ان کان پوءِ فرمايائون:

"ابا، الله جي نظر آهي نيت تي، خلوص تي ۽ ارادي تي. پر هي هچارا تيل قليل، ڪريو، سفيد ڪپڙا پايو. هر هفتي پيا اچن ۽ پوئين پير موٽن. ابا، اصل ڪين ٿا مڙن!" سندن چهرو مبارڪ سُرخ ٿي ويو، فرمايائون: "ابا، اهي ڪَنگ آهن، جي ڍنڍ جي ڪپ تي پير تي پير رکيو اکيون ٻوٽيو، استغراق ۾ ٻيٺا هوندا آهن. اجا ڪُرڙيءَ ڪنڌ ورايو مس، ته هڪ خفيف ۽ نامحسوس نموني ۾، اُٺ وانگر، ڪَنگ جي ڳچي ٿورو اڳتي وڌندي ڏسبي: هڪ هلڪو چلپو ٿيندو، پوءِ اک ڇنڀ ۾ ڪنڌ سُسي اچي ساڳيءَ جاءِ تي بيهندو. مڇي وڃي ڪنگ جو پيٽ وسائيندي، نه تو ڏٺو

نہ مون ڀڏوا نہ ڪڙڪو نہ خرابو. سيڪجهہ اطمينان ۽ استغراق جي عالم ۾ ٿي ويندو. ڪنگ جون اکيون ڀوڻجي ويندي يون: ڪو چوندو تہ ”تون هين تون“ پيو تنواري، پر ابا، هوندو ڀئي شڪار جي تاڙ ۾!

”ابا، اهي ئي آهن بي روح، مردار مردا! جي وتن پئسن لاءِ واجهائيندا. لکن هوندي، وتن تعويذ پڇندا. پاڙا پري، وتن ”مسخّرات“ جي عمل لاءِ در در ڌڪا کائيندا!“تورو متي نهاري چيائون:

”ابا، الله کي ”نفاق“ ڪٿي تو وڻي. هن جي نظر تہ دل تي آهي.“

ائين چئي تورو مُرڪيا. سندن تبسم زير لبيءَ ۾ جا محبوبيت هئي، تنهن منهنجي دل ۾ عجيب قسم جو سرور پيدا ڪيو. مرڪندي مون ڏانهن نهاريائون ۽ فرمايائون: ”ابا، قسمت سانگي هن پَٽَ ۾ آيا آهيو. نہ تہ اوهان حيدرآباد جون هوائون ڪٿي تا ڇڏي سگهو.“ مون ادب کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. فرمايائون:

”ابا، پَر سال هڪڙو ڏهاڙو خدا جو ٿيو. ڪُتابي ويا هُجن ڪائيون هٽڻ، مسجد هجي خالي، اسان بہ بانگ کان اڳ نڪرون ئي ڪونہ. خدا جي ڪئي ٿي. اُن ڏينهن، مِينهُن بہ مينهَنِ جهڙو اُتو. ڪڪر ڪارونيار ڪيو پئي گجيا. تڙڪي جو نہ پير نہ اير رهيو. مان ٻنپهرن کان ساجهر پرو نڪتس ٻاهر. خيال ڪيم تہ وڃي طالبن جي خبر لهان تہ آيا، ڪِين نہ آيا. ابا، ٻاهر نڪري، مسجد ڏانهن ڏٺم، پيو تہ نہ، ڀہ ـ ٿي اٽواقف ماڻهو، مسجد جي در تي، سامهين ڀِر هيٺان ويٺل نظر آيا. مٿان مينهن پيو وسي. ويجهائيءَ ۾ نہ وڻ نہ ٽڻ، نہ اوهي نہ واهي. مان هڪلي وڃي پيڙو ٿيس. وڃي ڏسان تہ مارا همراهہ ينگ ويٺا گهوٽين! مون تي جيئن نظر پين، تيئن پنبڀاهڻ تي ويٺا رهيا. همراهن جو ساهہ سڪي ويو. ويتر جو ڏٺائون لَٺ هٿ ۾، سو هڪٻئي کي چيائون: خير ڪونهي، ملئون پيو اچي! اچا ائين مس چيائون تہ مان بہ اچي مٿان بيٺس: السلام عليڪم! ابا، حرام جو جواب ڏين! ٻانهون ڀڏي بيهي رهيا. مون ڪين چيو، ”اڙي چُپ چو آهيو. ڊڃڻ الله کان گهرجي. نامرادو! پيو تہ نهيو، الله جي دَر تي ويٺا ينگ گهوٽيو! شرم ڪو اچيو تو؟“ هڪ موالي ورائيو: ”بس، سائين،

موالڙي آهيون، مسافر آهيون، وسنهن تي لڙي آياسون ـ سمجهيوسون تہ کو مکان بہ هوندو پر هت تہ رڳي مسيت هئي. پاڻيءَ جي سانگي، آبي لَبَ لاءِ هتي ئي ويهي رهياسين. سائين! الله بخشڻهار آهي، بندو بدڪار آهي. بس، الله تي ننگ آهي. سڄو ملڪ مولا جو آهي. ان کان ڪٿي لڪنداسون، بابا!

"مولائيءَ ينگ جي ان اهتمام جي وَجَه جواز کي پئي بيان ڪيو، تہ مٿان ٻيُر مان برسات جو پاڻي بہ پئي ڳڙيو. سندس جواب تي، ابا، مان چپ ٿي ويس. ابا، برابر ملڪ مولا جو آهي. گناھ تہ هر هنڌ گناھ! پوءِ مسجد هجي يا مندر، بَر هجي يا ٿَر، پر مججي تہ سهي: "ٻاهر زيب زبان سين، اندر هچارو!" تہ نہ ٿيڻ گهرجي. آخر مون بہ کيس جواب ڏنو. چيو مانِ "ابا، ڏاڍا سياڻا آهيو. الله سان بہ سياڻپ. ڀلا مسجد جو احترام بہ ڇُٽو، مسجد جو پاڻي بہ وڃايوَ پر هن برسات جي پاڻيءَ تہ اوهان جي ينگ جا رنگ ئي رلائي ڇڏيا هوندا ـ پوءِ هڪڙو ڪَيو گناھ، ٻيو بي لذّت!" ان تي ٻئي مواليءَ جواب ڏنو: "سائين" بيپرواھ بادشاھ آهي. اسان گندا بندا آهيون، ڪيئن ڪريون، ڪاڏي وڃون؟ چئو تہ سچ ٿا. پاڻي مڙيئي سرس پيو ڏسجيس!" مون کين چيو: "ابا، ڏسجو تہ ڪي الله وارا ٿا. ڀلا ائين چو نہ ڪيوَ ـ اهي ڏنڊا ڪونڊا ڪٽو ها اندر. در تي پاڻ بہ پسي پيا آهيو تہ ينگ بہ پاڻي تي ويئي آهي. اصل الله جي گهر ۾ اندر وڃي شغل ڪريو ها! مسجد جي در کان اندر آهن ٻہ ـ چار وڪون! الله جو حياءُ ڪريو ها تہ ٻاهر نہ گهوٽيو ها. مرڳو مسجد جي در تي اچي مَنڊلي مچائي اٿوَ. ٻيو نہ تہ، مارَ پويوَ، ينگ کي تہ مينهن کان بچايو ها! ٻيو تہ الله جي گهر کان وڌيڪ امن ڪٿي ۽ اوڏَ ڪهڙي آهي؟" ابا، الله کان حياءُ هرحال ۾ ڪجي، باقي ماڻهن جي ميار ۽ نيڪيءَ تي جيڪي پيا نُڪون چِنن ۽ ڏاڙهيون وٽين، انهن کان تہ اهي ينگ وارا چڱا هئا، جن نڪو پاڻ ۽ ٻين کي دوکو ڏنو نڪو مڪر ڪيو. اصل ٻلي در تي ويهي جمنيون چاڙهيائون! اسان جو حال اهو آهي جو آهيون مسجدن ۾، پر عمل آهن ٻيڙا. اندر هڪ تہ ٻاهر ٻِي. توبھ، ابا توبھ!"

سندن ان واقعي ۾ جيڪا تنبيھ آهي، ان کي تہ ڪي اهلِ دل سمجهن. گناھ تي پشيمانيءَ جو اظهار ڪرڻ خود نيڪي آهي. مولانا رحہ جو اهو واقعو ٻڌي، مان تہ ٻُڏي ويس. نظر وجي زمين تي کُتي! پاڻ منهنجي پريشانيءَ کي ڏسي، کنگهڪار ڪري، مُرڪندي چيائون: "ابا، الله وارن جون کھڙيون ڳالهيون ڪجن!" ائين چئي، فرمايائون:

"ابا، جهنبدي وارا وڏا بزرگ ڏاڍا پرهيزگار هئا. گمنام رهندا هئا. سندن مريد وتندا مفت ۾ مسجدون جوڙيندا، ۽ کوھ کوٽيندا. ڪنهن ڳوٺ ۾ ڏٺائون تہ مسجد ڪانهي، تہ بس اتي اٿو ٻڌي وجي پھچندا. سرون وجهندا، کورو پچائيندا، مسجد ٺاهي پوءِ ويندا ڪائيندا پچائيندا پنهنجو ـ رکي ماني ۽ پاڻي. ڳوٺ وارن کان لوڻ جي لپ بہ نہ وٺندا، نکو لَسي نکو ڳنڍڻ! پر جي ڪٿي کوھ کونهي تہ اُتي کوھ کٽي، پکسرو ٻڌي، پوءِ ويندا. ابا. انهن مريدن ۾ پاڻ بزرگ بہ هوندو هو. مجال آهي جو ڪير کين سڃاڻي. ابا، الله وارن جا اهي پار آهن.

"ابا، هڪڙو ڏينهن خدا جو ٿيو. نماز پڙهي، مسجد شريف ۾ ويٺي مريدن سان رهاڻ ڪيائون. ائين ڪندي ڳوٺ جي هڪ پوڙهي واياڻي در تي سجدو ڪري، ڪپڙي ٿيندي، اندر لنگهي آئي. اچي پير صاحب جي ويجهو ويٺي. هٿ وڌائي، پَڙي مان اندران مٺيءَ مانيءَ جو اڌ ڪڍي، پير صاحب ڏانهن وڌايائين. پاڻ بسم الله ڪري، ماني ورتائون. واياڻيءَ چيو تہ "باس باسي هيم"

"ابا، واياڻي ائين ڪپڙي ٿيندي هلي وئي. مريد حيران ۽ پريشان، تہ واياڻي پوڙهي ۽ غليظ، ڪپڙا سندس پليت، هٿ سندس پليت، ڪفر سان ملوث ۽ شرڪ ۾ ٻڌل، بزرگ جي ماني وضوءَ کان سواءِ ڪو پچائي کونہ، پر بزرگ تہ ورتي: ائين ڪندي، بزرگ بسم الله ڪري، ماني پوري، ٽڪر وات ۾ وڌو ۽ ذرو ذرو ڪري مريدن کي ڏنو. پير هو روشن ضمير، مريدن جي خدشي کي پرکي ورتائون. فرمايائون.

"ابا، مريدو! سڀ ڪجھ سَهي، پر ٻڌايوم تہ مان انهن هٿن ڏي ڏسان، جن هيءَ مٺي ماني موڪلي آهي، يا انهن هٿن ڏي ڏسان، جن هيءَ مٺي

ماني پچائي آهي؟" مريد هئا صاحبِ دل، اشاري مان سمجهي ويا."

ائين چئي، وري مون ڏانهن نهاريائون. عصا جي ڪُندري زمين تي کوڙيندي، فرمايائون، "ابا، الله شال پنهنجو ڪري! اسان ڏاڏا بي سمجهه آهيون. الله ته بي نياز آهي، ان کي ساري خبر آهي. شال پنهنجو ڪري ايمان سان هلائي، عمل جي توفيق سان گڏ اخلاص ڏئي."

پوءِ دعا گهريائون: اَللهُمّ اِنّي اَعوذُبِکَ مِنُ عِلُمِ لا يَنُفَعُ وَ عَمَلا لاتُرُفَعُ، وَقَلُبِ لايَخُشَعُ! (اي الله، آئون ان علم کان پناهه ٿو مڱان جو بي نفع آهي، ان عمل کان پناهه ٿو مڱان جو قابل قبول نه ٿئي، ان قلب کان پناهه ٿو مڱان جنهن ۾ خشوع ۽ خوف نه هجي.)

اها گويا پهرين ۽ آخري ملاقات هئي، جا ١٩٥٨ع جي آخر ۾ ٿي. پاڻ موڪلايائون، ۽ اسلام عليڪم چئي، حويليءَ ڏانهن وڌيا. جيستائين نظر پئي آيا، تيستائين پئي ڪين چتايم. بزرگن جي ان رهاڻ ۽ سندن بزرگانه اشارات کي پنهنجي لاءِ نعمت عظميٰ سمجهي، سندن فرزند کان موڪلائي واپس ورياسين.

ان صحبت پنهنجو اثر قائم ڪيو، ۽ خط وڪتابت جو رشتو هلندو رهيو. ڪيئي عجيب غريب نُڪتا سندن مڪتوبات ۾ موجود آهن. حياتيءَ وفا ڪئي ته ڪڏهن انهن جو انتخاب به پيش ڪيو ويندو. صالحين جي ڪلام ۾ جو تاثير آهي، اهو قال جي صاحبن ۾ نه آهي تڏهن ته رومي فرمايو آهي:

قال را بہ گذار، صاحب حال شو،
پيش مردی کاملی پامال شو.

آخر ۾ پنهنجي محروميءَ جي گهڙي پچار ڪجي. ١٩٥٩ع ۾ سندن فرزند خط لکي اطلاع ڏنو ته مولانا صاحب رحمة الله عليه جن وفات ڪئي آهي. انالله وانا اليه راجعون!

عزيز مڪرم جناب محبوب علي چنا صاحب جي هيءَ تحرير جنهن ۾ حضرت مخدوم نوح سرور رحہ ۽ سندن معاصرين جو ذڪر خير آهي، اها سبب بني آهي هنن چند ورقن لاءِ دعا آهي ته رب ڪريم شال

صالحين جي ذڪر خير برڪات ۽ فيوضات جي طفيل اسان ۾ نيڪ عمل ۽ اخلاص جي توفيق عطا فرمائي!

هي مختصر رهاڻ، ان سلسلي ۾ نڪو اضافو آهي، نڪا تحقيق، البت جناب عزيزم چنا صاحب جي محبت آميز تقاضا هئي تہ مان بہ ہڪ اکر ضرور لکان، سو الله توفيق ڏني: "حضرت مخدوم نوح سرور رحہ ۽ شاهہ ڪريم رحہ جي تعلقات" متعلق هڪ مشهور روايت، هڪ نوح سرور جو بيت، ۽ حضرت نوح سرور جي "ديدار الاهيءَ" متعلق روايت لاءِ تفهيم، هڪ اهل الله ۽ برگزيده صفات عالم جي روايت سان، بيان ڪرڻ جي برڪت حاصل ٿي.

ان طرح، چنا صاحب جي "حبيباڻي حجت" جي باب ۾ "معذرت" ڪان بہ هيءُ عاجز بچي ويو، ۽ الامرُ فَوْقُ الا دَبْ" جي مصداق، "جهڙو حال پريان نال" جي نسبت بہ قائم رهي. از خدا خواهيم توفيق ادب! شال اسان جي حياتي پرين جي پچار ۾ گذري، يا پرين جي پاڙي ۾. انهن ڪان ڏار رهڻ چڻ تہ بي سود صرفو آهي. آمين.

حضرت نوح سرور ۽ سندن معاصرين، عالمن، صالحن، فقيهن ۽ درويشن جي ڏٺيءَ ڏنل ساٿ لاءِ ڇا تو وڏيڪ لکي سگهجي. انهن جو ذڪر رحمت الاهيءَ جي نزول جو سبب آهي. اهڙن بزرگن لاءِ تہ لطيف چيو آهي:

ڏينهان ڏورن ڏُتَ سين، راتيون ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري.

ضميمو - ۴

حضرت حاجي ديوان نعمت الله سُهروردي، رحمة الله عليه

عبدالله ورياهہ

"حضرت حاجي ديوان نعمت الله سهروردي، رحمت الله عليه"
صاحب الفيض و الفتوح غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور رحمت الله جي بابرڪت سهيوڳن ۽ خليفن ۾ سموري سنڌ ۽ هند جون ڪيتريون ئي اهم شخصيتون شامل آهن. جن جو ذڪر تفصيل سان هن ڪتاب ۾ موجود آهي. پنجاب جي ضلعي شيخوپوره جي هڪ قصبي "خانقاه ڏوگران" جو رهندڙ حضرت حاجي ديوان نعمت الله صاحب سهروردي رحہ بہ انهن مٽيادار موتين مان هڪ آهي. جن هتان فيض پرائي، سرزمين پنجاب کي بہ ان روشنيءَ ۽ نور سان منور ڪيو، جيڪا هن بزرگ پنهنجي مرشد کان حاصل ڪئي هئي.

هن بزرگ جو نالو نعمت الله ۽ سندس والد بزرگوار جو نالو شاهہ سليمان هو. پاڻ قوم جا ڏوگر هئا ۽ آباڻي ڌنڌو زميندار هو، پر پاڻ انتهائي فقيراڻي انداز ۾ گذاريندا هئا. نعمت الله رحہ جن سنہ ٩٠٠هہ ۾ ننڪانہ صاحب جي ويجهو هڪ ڳوٺ "لاڏو آنہ" ۾ پيدا ٿيا. سندن ولادت کان بہ سال پوءِ سنہ ٩٠٢ هہ ۾ سندن ننڍو ڀاءُ حاجي محمود تولد ٿيو. ان کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ سندن والد شاهہ سليمان هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. جنهن بعد هن ڳوٺ ۾ سندن خاندان جي سار لهڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هو، ان ڪري سندن والده محترمہ پنهنجن پٽن سميت ڳوٺ "لاڏو آنہ" کي ڇڏي اچي پنهنجي ڀاءُ مسرور وٽ رهڻ لڳي. مسرور زميندار هو، هن وٽ ڪنهن بہ شئي جي ڪمي ڪانہ هئي ۽ سندس نالي سان "مسرور" نالي سان هڪ وڏو ڳوٺ "خانقاه ڏوگران" جي پر ۾ هوندو هو.

سندن والده محترمہ جو ڪجهہ وقت ۾ پنهنجي ڀاڄائيءَ سان بہ اٽبڻت ٿي پئي ۽ آخرڪار ان جي مهڻن ۽ طعنن سبب ڏڪوئجي پنهنجي ڀاءُ جي گهر کي ڇڏي، ٻنهي معصوم پٽن سميت نڪري پيئي ۽ هلندي اچي "ڪالر" جي علائقي ۾ ڳوٺ "بدو ملي" پهتي. ان وقت ديوان صاحب جي

عمر ڏهہ سال هئي. سندن والده محترمہ اچي ڪنهن ڪٽڪ جي فصل تي پهتي، جتي لاباڙو پئي ٿيو ۽ ڪجهہ مزدور بيٺا هئا. بزرگ جي والده صاحبہ انهن کي چيو تہ اسان کي روزگار سان لڳايو. اهي هنن کي زميندار وٽ وٺي ويا. هن خدا ترسي ڪندي لاباري لاءِ ڪجهہ ٻني ڏيکاري. ننڍڙو نعمت الله هڪ ڪتيل ۽ مڏو ڏاتو ڪٽي وجي لاباري کي لڳو، پر ٻہ چار منيون ڪٽڪ جون لٽي وجي پاسي ۾ هڪ ڪکائين ڇپر ۾ سمهي پيو ـ قدرت خدا جي جو هن بزرگ جي ڪرامت سان سڄو ٻارو لٽجي ۽ ٻڌجي ويو. ٻنپهرن جو جڏهن مانيءَ جو وقت ٿيو تہ مالڪ، نعمت الله ڏي بہ مانيءَ لاءِ ماڻهو موڪليو. جڏهن ماڻهو ان ننڍڙي کي سڏڻ پهتو تہ حيران ٿي ويو تہ هي سمورا مزدور بہ ايترو ڪم نہ ڪري سگهيا هئا، جيترو هن ننڍڙي اڪيلي سر ڪيو هو. هن کي ڊپ ۾ اچي ڏڪنيءَ ورتو ۽ واپس مالڪ ڏي ڀڳو ۽ ان کي اچي سڄي پيرائتي احوال کان واقف ڪيائين. مالڪ پاڻ اچي لٽيل ڪٽڪ ڏٺي ۽ پڪ ٿيس تہ هيءُ ننڍڙو وڏي ڪرامت وارو آهي. هن ننڍڙي کي زور ڏيئي آرام سان جاڳايو ۽ معافي جو طلبگار ٿيو تہ اوهان کي تڪليف ڏني اٿم. ان ڏينهن کان اهو زميندارا سندن مريد ٿيو ۽ سندن خدمت پوريءَ طرح سرانجام ڏيڻ لڳو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ ديوان نعمت الله رحہ پنهنجي والده کان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيڏانهن وڃڻ جي اجازت گهري، جيڪا هن نيڪ بيبيءَ خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ پاڻ کي پنهنجي ياءُ مسرور وٽ پهچائڻ جي خواهش ڏيکاريائين.

ديوان صاحب پنهنجي والده کي يقين ڏياريو تہ هيءُ زميندار سچيءَ دل سان پنهنجو خيال تو ڪري ۽ اهو اوهان کي حفاظت سان پهچائيندو. اوهان مون کي خوشيءَ سان تعليم جي حصول لاءِ سفر جي اجازت ڏيو. اجازت ملڻ تي پاڻ لاهور جي "نيوين مسجد" ۾ آيا، جتي جو امام استاد ڪامل ۽ درويش صفت انسان هو. پاڻ حضرت مخدوم نوح رحہ جن جا مريد هئا.

ديوان صاحب ان بزرگ جا اڇي شاگرد ٿيا ۽ استاد جي خدمت ۾ حصول علم کان سواءِ ڪو بہ ٻيو مقصد سندن سامهون نہ هو. استاد کي بہ هن سعادت مند شاگرد سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ هيءُ فرمانبردار شاگرد بہ ڏينهن رات سبق ياد ڪرڻ کان استاد جي خدمت ۾ مشغول رهندو هو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن استاد صاحب پنهنجي مرشد جي زيارت ۽ حاضريءَ لاءِ سنڌ روانو ٿيو تہ سفر ۾ سهوليت خاطر ديوان نعمت الله کي بہ پاڻ سان وٺي هالا روانو ٿيو. ۽ اچي مرشد جي حاضري ڪيائون. مخدوم صاحب جن جي حاضريءَ وقت پاڻ ان استاد صاحب کان پڇيائون تہ "اسان لاءِ ڪهڙي سوکڙي آندي اٿو؟"

استاد چيو تہ، هيءُ سِرُ سائينءَ جن جي خدمت ۾ حاضر آهي. پاڻ فرمايائون تہ، اهو تہ اڳ ۾ ئي اسان جو ٿي ويو آهي. تنهن تي استاد صاحب پنهنجي شاگرد نعمت الله جو هٿ وٺي مرشد سائين جي هٿ ۾ ڏيندي چيو تہ هي لاهوري تحفو حاضر آهي.

مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪمال شفقت سان نعمت الله کي "ديوان" جو خطاب ڏنو ۽ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو. سندس استاد ڪجهہ ڏينهن رهي واپس لاهور هليو ويو.

ديوان نعمت الله، مخدوم صاحب جي خدمت ۾ رهي فيض پرائڻ لڳو. مخدوم صاحب جو دستور هوندو هو تہ ڇهہ مهينا حجري ۾ رهي ياد الاهيءَ ۾ گذاريندو هو ۽ ڇهہ مهينا دنيا جي سير سفر ۽ تبليغ ۾ مصروف رهندو هو. جڏهن سندن حجري ۾ داخل ٿي عبادت ڪرڻ جو وقت آيو تہ ديوان نعمت الله کي فرمايائون تہ پٽ اسين ڇهہ مهينہ حجري ۾ رهنداسين. تنهنجي حوالي اهو ڪم آهي تہ اسان جي نمن جي وڻن کي پاڻي ڏيئي انهن جي سار سنڀال ڪندو رهہ تہ جيئن اهي وڻ ساوا ۽ شاداب هجن ۽ هر ايندڙ ويندڙ مهمان جي آسائش ۽ ڪاڏي پيتي جو بہ خيال رکجان.

اهو چئي مخدوم صاحب جن حجري ۾ داخل ٿي ويا.

ديوان نعمت الله جو دستور ٿي ويو تہ هو صبح جو نماز کان فارغ ٿي، کوهہ مان پاڻي ڀري نمن جي وڻن کي ڏيندو هو ۽ موجود مهمانن ۽ درويشن جي خدمت چاڪري ڪندو هو، پر پاڻ ڪجهہ بہ نہ کائيندو هو ۽ سڀ ڪم ڪار ڪري مخدوم صاحب جن جي حجري جي سامهون اچي ويهندو هو.

ديوان نعمت الله جي انهيءَ ڪرت ۽ مرشد جي حڪمن جي پوئواريءَ ۾ ڇهہ مهينا لنگهي ويا. مخدوم صاحب جن حجري جي اندران در کڙڪايو ۽ فرمايو تہ، "ڪو ٻاهر آهي؟" ديوان نعمت الله هڪدم جواب ڏنو تہ، "جي سائين، آئون حاضر آهيان".

جيئن ئي دروازو کولي مخدوم صاحب جن ٻاهر نڪتا تہ ديوان نعمت الله جي نظر سندن منهن مبارڪ تي پيئي تہ سندن پيرن تي ڪري پيو ۽ وجد جي حالت طاري ٿي ويس. مرشد سائين کيس ڏڍ دلاسو ڏيئي اٿاريو. سندن نظر جڏهن ساين نمن تي پيئي تہ خوش ٿي کيس دعا ڏنائون تہ، "تو اسان جي نمن کي سائو ڪيو آهي، رب سائين تنهنجي باغ کي قيامت تائين سائو رکندو."

جڏهن لنگر خاني ۾ خبر لڌائون تہ معلوم ٿين تہ ديوان نعمت الله هر ايندڙ ويندڙ جي بي انتها خدمت ڪئي آهي، پر کيس ڪنهن بہ کائيندي پيئندي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي. اهو ٻڌي مرشد سائين جي مٿس جيڪا پيار ۽ شفقت جي پالوٽ ٿي، تنهن هن کي رڱي ڇڏيو ۽ روحانيت ۾ رڱجي جيڪو فيض حاصل ڪيائين، تنهن هن جي حياتيءَ کي بدلائي ڇڏيو ۽ هن پنهنجي حياتي مرشد جي خدمت ۾ گذارڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

هوڏانهن ديوان نعمت الله صاحب جي والده پنهنجي پاءُ مسرور وٺ رهڻ لڳي هئي ۽ اهو بہ ديوان صاحب جي ولايت ۽ ڪرامتن جو ٻڌي ان جي عزت ڪرڻ لڳا. ۽ پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ديوان صاحب جي نالي ڪري ڇڏيو.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ جڏهن مسرور جي نياڻي وڏي ٿي. تہ ڪيس ان جي شاديءَ جو خيال ٿيو. هن پيڻ سان صلاح ڪري ديوان صاحب جي استاد وٽ لاهور ماڻهو موڪليا تہ ديوان نعمت الله کي وٺي اچن. اتان کين معلوم ٿيو تہ ڇوڪرو فقير ٿي ويو آهي ۽ سنڌ ۾ مخدوم صاحب جن جي خدمت ۾ رهي ٿو.

مسرور جي ڇوڻ تي سندس هڪ قديم نمڪ خوار ميراثي آسري الله جي ديوان نعمت الله کي واپس آڻڻ لاءِ سارنگي ساڻ ڪري سنڌ ڏانهن روانو ٿيو ۽ اچي مخدوم نوح عليه الرحمت جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ کين راضي ڪري ديوان صاحب جي ٻانهن گهريائين. مخدوم صاحب پنهنجي هن سچي خادم کي پاڻ کان ڌار ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا، پر نيٺ سندس ٻانهن ميراثيءَ جي حوالي ڪيائون ۽ سندن اکين مبارڪن مان ڳوڙها ڳڙي پيا. ديوان صاحب بہ مرشد کان ڌار ٿيڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ رُئندي رُئندي بيحال ٿي ويو ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ وڃڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿيو. آخرڪار مخدوم اعظم رحہ جن فرمايو تہ، "پٽ! تون وڃ، جتي تون ويندين، تنهنجي نالي جو اهڙو عَلم ايو ڪنداسين، جو تنهنجو نالو قائم رهندو ۽ تنهنجون ست پيڙهيون ولي الله ٿينديون، تون جتي بہ هوندين سين توسان همراهہ هونداسين."

مرشد سائينءَ جي اها دعا ٻڌي ديوان نعمت الله، ان ميراثيءَ سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. موڪلائڻ وقت حڪم موجب چار درويش محمد حسين، مبارڪ شاهہ، بهاؤالدين ۽ مهر علي شاهہ بہ ساڻ ڪيائون.

واٽ تي ميراثيءَ کين سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي - ديوان صاحب چيو تہ مخدوم صاحب جن مون کي رب جي راهہ ۾ تنهنجي حوالي ڪيو آهي، ان ڪري وري هالن جي زيارت نصيب نہ ٿيندي، جنهن جو سڄي زندگي افسوس رهندو - هوڏانهن مسرور جي ڳوٺ ۾ "نصيرا" نالي هڪ شخص ڪٻڙ جي وڻ هينان روز ٻهارو ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ هتي هڪ اهڙو ماڻهو اچڻو آهي جنهن جي زيارت سان سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا.

نصيري فقير جي پيش گوئي پوري ٿي ۽ ديوان صاحب اچي ان ڪُنڊ هيٺان پنهنجو آستانو قائم ڪيو.

ديوان صاحب جي موٽي اچڻ تي سيني خوشيون ملهايون. سندن ڀاءُ محمود ڪي چوريءَ جي عادت هئي، پاڻ پنهنجي ڪرامت جو ان کي چڪو پياري واصل بالله ڪري ڇڏيائون. ۽ هو دنيا کي ترڪ ڪري رب کي راضي ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ديوان صاحب پنهنجي مامي مسرور جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان کين ٻہ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون پيدا ٿيون. سندن عمر مبارڪ هڪ سو يارهن سال ٿي ۽ پاڻ سن ١٠١١ ھ ۾ هن فاني جهان کي ڇڏي دارالبقا ڏي راهي ٿيا. سندن نالي پٺيان "چاھ مسرور" ۽ "خانقاہ ڏوگران" جي نالي سان مشهور ٿيو. جتي سندن مزار مبارڪ زيارت عام و خاص آهي.

حاجي ديوان نعمت الله صاحب هالا ميان اچي جنهن ڪُنڊ جي وڻ هيٺان ويٺا هئا. اهو اڃا بہ درگاھ جي ڪاٻي پاسي موجود آهي. جتي مسڪين شاھ مصلو ۽ مٽ رکيو ويٺو آهي. حاجي ديوان صاحب جي مقبري ۾ اندر ٽي قبرون آهن وچ ۾ سندن تربت، ساڄي پاسي سندن پٽ نوشہ ڪالا ۽ ڪاٻي پاسي قطب شاھ ولد صدر ديوان جي قبر آهي. قبو اٺ ڪنڊو آهي، جنهن ۾ بهترين نقاشي ڪيل آهي. حاجي ديوان صاحب جي سڄي پاسي پير شاہ جو مقبرو آهي، جنهن تي سن ١٢٠١ھ لکيل آهي. هي قبو بہ اٺ ڪنڊو آهي. وچ ۾ پير شاھ، ساڄي پاسي پير ڪرم شاھ ۽ ڪاٻي پاسي ڪا نا معلوم قبر آهي.

هتي ٻيا بہ ڪيترا قبا آهن. جن ۾ لال شاھ عرف محمد ظرف جو قبو، حاجي ديوان جي ننڍي پٽ صدر ديوان جو قبو ۽ حاجي محمود جي چوڪنڊي مشهور آهن. حاجي محمود کان سواءِ چوڪنڊيءَ ۾ حاجي ديوان جي گهر واري، حسن شاھ، محبوب شاھ، سلطان شاھ، امام شاھ ۽ ٻين ڇهن بزرگن جون قبرون آهن. هن سڄي خانقاھ ۽ مقبرن جي تعمير خاص طرح مولن شاھ ۽ ان کان پوءِ لال شاھ جي وقت ۾ ٿي آهي. حاجي ديوان نعمت الله صاحب سان گڏ مرشد سائين جيڪي چار بزرگ روانہ ڪيا هئا،

انهن مان هڪ جي قبر بہ حاجي محمود جي چوڪنديءَ جي سامهون آهي. باقي ٽن جا مزار مبارڪ هيٺين ڳوٺن ۾ آهن:

١ـ پنڊوري چٺہ، تعلقو وزير آباد

٢ـ تابل ڏُچہ، تعلقو گجرانوالا

٣ـ ندالہ خوجہ، تعلقو سيالڪوٽ

انهن قبن جي پر ۾ ڪجهہ پراڻيو قبرون آهن.

صدر ديوان جي قبي جي پٺيان هڪ چوڪنڊو نئون مرمت ٿيل قبو آهي، جنهن ۾ ديوان صاحب جون واصل بالله پوٽيون راڄ بيبي، وسان بيبي ۽ هڪ ٻي بيبي آرامي آهن. خانقاه ڊوگران جي تر ۾ هنن بيبين جون ڪرامتون مشهور آهن.

هڪ ميراثيءَ جو گهوڙو وڃائجي ويو، هو ڳولهي ٿڪو، پر گهوڙو نہ لڌس، آخر وڃي بيبين کان پڇيائين. تنهن چيس تہ تون "ٻگي" هليو وڃ، اتي توکي گهوڙو لڀندو.

ميراثيءَ چيو تہ "ٻگو" هتان ارڙهن ميل پري آهي، پر جڏهن اُتي ويو تہ گهوڙو چرندي ڏٺائين ـ

حاجي ديوان نعمت الله جي خاندان جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي قبرون هتي موجود آهن ـ سڄي علائقي کي ڪوٽ ڏنل آهي.

حاجي ديوان صاحب ۽ پير شاهہ صاحب جي قبن جي وچ ۾ ميان مشتاق حسين ڊوگر صاحب جي ڏاڏي ميان نادر شاهہ، والد ميان رحمت ۽ چاچي ميان بهاول شير ۽ ٻين جا مزار آهن.

هنن درگاهن جي سامهون هڪ ننڍي مسجد موجود آهي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها مغل بادشاهہ همايون جي دور جي تعمير ٿيل آهي. مسجد جي هڪ قبي تي "در دور همايون تعمير شد" لکيل هو. ان جي پرسان پراڻي قلعي جا آثار اڃا بہ موجود آهن. جيڪو سکن جي حڪومت جي دور ۾ مغل حڪومت جي صوبيدار پير محمد چٺہ تعمير ڪرايو هو. هو علي پور منچر ۾ رهندو هو ۽ ديوان صاحب جي پوين جو مريد هو.

چوٿين نومبر ۱۹۸۵ع تي قبلا مرشد سائين مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ" جن خانقاه ڏوگران جي مريدن خاص طرح ميان مشتاق ڏوگر صاحب جن جي دعوت تي خانقاه ڏوگران ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. ساڻن گڏ آئون (عبدالله ورياه) سائين حيدر شاه مرحوم، سائين علي بهادر ۽ منهنجو دوست بابر سومرو پڻ هئاسين. ان ڏينهن سڄي شهر کي سينگاريو ويو هو، اتي جي مريدن جي سڪ ۽ سچائي ناري ۽ لاڙ جي مريدن کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه هئي.

ان سفر ۾ مٿي ڏنل معلومات کان سواءِ اهو به معلوم ٿيو ته حاجي ديوان صاحب جو شجرو هن ريت هو. حاجي ديوان نعمت الله ولد شاه سليمان ولد شاه ڏتو ولد ملڪ باقي ولد ملڪ لاڏو جنهن جي نالي پٺيان سندن آبائي ڳوٺ "لاڏو آنه" بدل آهي. جيڪو سکن جي پاڪ جاءِ ننڪانه صاحب کان ٽي ميل اوير طرف آهي. جتي شاه سليمان، جنهن کي مقامي ماڻهو شاه سليم پڻ چوندا آهن، جو مقبرو آهي، جنهن ۾ شاه سليمان کان سواءِ سندن خليفي مسڪين علي جي قبر پڻ آهي. هيءُ مقبرو گهڻو پوءِ ۱۹۱۸ع ۾ تعمير ڪيو ويو آهي. جڏهن مال ۾ ساه گهٽجڻ جي بيماري ٿيندي آهي ته ماڻهو پنهنجو مال ڪاهي اچي درگاه تي چڏيندا آهن ۽ الله جي فضل سان چاڪ ٿي ويندا آهن.

مرادوند ماڻهو هتان پنهنجون مرادون ماڻيندا آهن. ۽ عقيدت وارا هتان ڪائي به ٻاهر ڪٽي وڃڻ نه ڏيندا آهن. خليفو مسڪين علي ڪوڪر اصل هن ڳوٺ "لاڏو آنه" جو رهندڙ هو. مقبري جي ٻاهران خليفي ميان محمد عظيم ڪوڪر جي قبر آهي. سامهون هڪ ننڍي مسجد ۽ ان جي پر ۾ ميان محرم جي قبر آهي. اهي ٻئي ميان مسڪين علي جا پٽ هئا، جيڪي ڪانئس پوءِ خليفا ٿيا. هن وقت سندن اولاد مان اعظم علي ڪوڪر موجود آهي، جيڪو درگاه جي سار سنڀال ڪندو آهي. هن وقت هن ڳوٺ ۾ کرل قوم جا زميندار رهن ٿا ۽ هيءُ درگاه حڪومت پنجاب جي اوقاف کاتي جي حوالي آهي.

ديوان صاحب جي چئن درويشن مان هڪ محل حسن جي مقبري تي "تابل دڇہ" تعلقي گجرانوالا جي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ پڻ وڃڻ ٿيو. هي بزرگ ڏهين ـ يارهين صدي هجري جو آهي. سندس تعلق سنڌ سان آهي ۽ غوث اعظم حضرت مخدوم نوح رحہ جي حڪم تي حاجي ديوان صاحب سان گڏ آيا هئا ۽ پوءِ هن ڳوٺ ۾ اچي ذڪر فڪر ۽ فيض جاري ڪيو هئائون. سندن مقبرو سن ١٣٧٢ ھ/ ١٩٥٣ع ۾ امام شاھ ۽ لال شاھ جي اولاد تعمير ڪيو هو. هن علائقي ۾ ڪيس "داتا شاھ حسين" سڏيندا آهن. روايت آهي تہ هي بزرگ محمد حسين پھريائين پر واري ڳوٺ "تابل ڏُچہ" ۾ اچي رهيا. مغرور ڏُچن هن بزرگ کي ڪجھ ڪائڻ لاءِ ڏيڻ کان اڳ ڪا ڪرامت ڏيکارڻ لاءِ چيو ۽ ان وقت ئي بزرگ جي گهوڙن پڌڻ وارن ڪلن مان وڻ ڦُٽي نڪتا، پر بزرگ ناراض ٿي ڏُچن کي پاراتو ڏنو تہ:

وڃو ڏُچا بکيا تابل منڊي،
ورڪان چڪ هٽي.

نتيجي ۾ ڏُچا هوندي سوندي بہ بکيا ۽ بي فيض رهيا ۽ پر واري ننڍڙي ڳوٺ ورڪان ۾ دڪان ٿيا ۽ هر هڪ شئي اتي ملندي آهي.

هي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جيڪو بزرگ جي نالي سان مشهور آهي. جتي مجاور پٺي فقير رهن ٿا. پرپاسي جون زمينون ڏُچا قوم جي زميندارن جون آهن. پري پري کان هن بزرگ تي ماڻهو اچي پنهنجون مرادون ماڱيندا آهن.

مخدوم نوح عليہ‌الرحمت جي فيض يافتہ بزرگ حاجي ديوان نعمت‌الله ۽ چئن درويشن، جن سنڌ مان اچي پنجاب ۾ سڪونت اختيار ڪئي. انهن جا ڪيترا مريد شيخوپوره ۽ خانقاه ڊوگران کان سواءِ گجرانوالا، حافظ آباد، سيالڪوٽ جمون ڪشمير ۽ پنجاب جي ٻين بہ ڪيترن علائقن ۾ موجود آهن، جيڪي پراڻهين پنڌ تان ڪهي اچي هالا ۾ پنهنجي مرشد ۽ گادي نشين جي حاضري ڪندا رهندا آهن.

نوٽ: هيءَ سڄي معلومات حاصل ڪرڻ ۾ آئون پنهنجي مرشد قبلہ

مخدوم محمّد زمان "طالب المولىٰ" سائين جن جو شڪر گذار آهيان، جن هن سفر ۾ مون ناچيز کي پاڻ سان هلڻ جي اجازت ڏني. ۽ ڏوگر صاحبان کي حڪم ڪري منهنجي رهنمائي جو انتظام ڪيائون.

ان کان سواءِ آئون ميان مشتاق حسين ڏوگر صاحب شاهہ زمان ولد حاجي فرمان علي ڏوگر صاحب ۽ ميان غلام صمداني ڏوگر جو پڻ تورائتو آهيان.

تمت باالخير

٤٨٦

١. ماڻهوءَ جي نيت پرکڻي هلجي ته ان سان راند ڪجي. ٢٤ سيپٽمبر ١٩٦٢ع ڪوئيٽا

٢. ڪنهن جي طبيعت سمجهڻي ٿي هلجي ته ان سان لڳ ڏيکار ڪجي. ١٢ فيبروري ١٩٦٣ع ڪراچي

٣. ڪنهن جي فطرت معلوم ڪرڻي هلجي ته ان سان گستاخ ٿجي. ١٢ مارچ ١٩٦٣ع ڪوٽڙي

٤. ڪنهن جي ايمانداري جاچڻي هلجي ته ڳڏجي واپار ڪجي. ١٤ آڪٽوبر ١٩٦٤ع لاهور

٥. ڪنهن دوست جو نياڻو ڏسڻو هلجي ته ان وٽ پيسا امانت رکجن. ١٦ نومبر ١٩٦٦ع هالا

٦. ڪنهن دوست جو اعتماد پرکڻو هلجي ته ان کان اڌار پيسا وٺجن. ٢٥ فيبروري ١٩٦٧ع

٧. ٻارن کي رڳو سنڌي ڳالهائڻ نه پر سنڌي لکڻ پڙهڻ به سيکاريو. ٧ مارچ ١٩٧٠ع هالا

٨. ٻارن جي نفسيات ۾ سنڌيت پيدا ڪريو جو هو سنڌي ٿين. " " "

حضرت قبلا مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ جن جي هٿ مبارڪن سان لکيل "مصريءَ جون تڙون" جي قلمي مسودي جو پهريون ورق.